
(ادبي ۽ تصوراتي خط)
لُڙڪن سان لبريز خط
امر رائيسنگهه راجپوت

# لُڙڪن سان لَبريز خَط

(ادبي ۽ تصوراتي خط)

## امر رائيسنگهه راجپوت

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**BOOK NO: (238)**

# لُڙڪن سان لبريز خطَ

**(ادبي ۽ تصوراتي خط )**

**امر رائيسنگهہ راجپوت**
**جنوري 2019ع**
**ڪمپوزنگ/ٽائٽل: پرڪاش ڪرمواڻي**
ڪنول **پبليڪيشن، قنبر**
**03337523132**

**قيمت: 200 روپيہ**

**LURKAN SAN LABREZ KHATA**
**(Literary & imagine Letters)**
**Author:** ***Amar rai Singh Rajput***
**First Edition@ January 2019**
**All rights reserved with the author**
**@ KANWAL, Publication Kamber**

## اسٽاڪسٽ

سمبارا ڪنول ڪتاب هائوس، سيد آرڪيڊ، قاضي محلہ— حيدرآباد
پٺاڻي ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد -ڪنگ پن بڪ شاپ، پريس ڪلب، حيدرآباد -
شير يزدان بڪ اسٽال، پٽ شاهہ- ڪاٺياواڙا اسٽور اردو بازار ڪراچي -رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو-
مهراڻ ڪتاب، ڪپرو-العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ- سليمان برادرس، نواب شاهہ.
مدني بڪ اسٽور، دادو- سراج بڪ اسٽور، قنبر، ٿر ڪتاب گهر، مٺي-
ڪنگري بوڪ شاپ، اسٽيشن روڊ، ميرپورخاص-المهراڻ ڪتاب گهر، سانگهڙ-
عبدالرزاق بڪ اسٽال ميهڙ- مرچولال بوڪ ڊيپو، بدين-سوجهرو ڪتاب گهر، بدين-
سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر - ڪنول ڪتاب گهر، مورو-

# ارپڻ

پُورب جي پُتري
سنڌ راڻي
شهيد مُحترمہ بينظير ڀُٽو
جي نانءُ
جنهن لئہ حَسن مُجتبيٰ چيو آهي تہ:
**وہ لڙڪي لال قلندر ٿي...!!**

امر رائيسنگهہ راجپوت

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **"لُڙڪن سان لبريز خط"** اوهان اڳيان پيش آهي. هي ڪتاب شاعر ۽ ليکڪ **امر رائيسنگهه راجپوت** جي لکيل ادبي ۽ تصوارتي خطن جو مجموعو آهي. عزيز گُل لکي ٿو:

"امر رائيسنگهه راجپوت جهڙي شاندار نثرنگار جا خط به سنڌي ادب کي هميشه جي لاءِ ياد رهجي ويندا جو هي خط امر رائيسنگهه جي نثر جو يادگار آهن... جو هي لازوال خط آهن، جن ۾ ديس جي درد جا سمورا رُخ نهايت ئي دل ڏاري وجهندڙ انداز ۾ لکيا ويا آهن. اهڙا خط لکڻ لاءِ ڪو سنگدل سينو ٿو کپي!

امر رائيسنگهه هڪ بي رحم ليکڪ آهي، هُو هڪڙو اهڙو روئاڙي وجهندڙ نثرنگار آهي، جيڪو ماڻهن جي زندگيءَ جا فيصلا بدلائي سگهي ٿو. هُو صرف خماريل ۽ موهيندڙ نثر نٿو لکي پر ڪيس ماڻهن جي زندگيءَ جي فيصلن تي به قدرت حاصل آهي."

هي ڪتاب **ڪنول پبليڪيشن قنبر** پاران 2019ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون امر رائيسنگهه راجپوت جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# سٽاءُ


❖ مهاڳ ريشمي هٿوڙو... عزيز گُل 08
❖ پنهنجي پاران روئندي لکيل خط امررائسنگھ راجپوت 27

❖ پنهنجي پيڻ کي الوداع چوڻ لئہ آيل پاءُ جو
ريلوي پليٽ فارم تان سندس ماءُ ڏي خط 33
❖ خودڪشيءَ ڪندڙ عورت جي ڪيسي مان مليل خط... 39
❖ هڪ حساس دل پُٽ جو پنهنجي ماءُ کي خط! 43
❖ اناٿ آشرم ۾ پليل هڪ ٻار جو پنهنجي اجنبي بابا کي لکيل خط 48
❖ ها آئون ٽريو آهيان هڪ ٽرواسي جو کُليل خط 52
❖ نئين پرڻيل ناريءَ جو پنهنجي جيجل ڏي خط 56
❖ هڪ دراوڙ ماءُ جي دانهن 60
❖ پنهنجي ديس واسين ڏي ليڪ جو خط 64
❖ هوليءَ تي نہ پهچي سگهندڙ هڪ پورهيت جو پنهنجي پُٽ ڏانهن کُليل خط 68
❖ قصور ۾ بي دردي سان ماريل زينب جو پنهنجي پيءُ ڏانهن خط 74
❖ نثار بلوچ جي خط جي جواب ۾ لکيل خط 76
❖ هڪ معصوم پُٽ جو پنهنجي بيروزگار پيءُ ڏانهن اُداس خط 84
❖ ڪينسر جي مريض جو پنهنجي محبُوبہ ڏي وارڊ مان لکيل اُداس خط 88
❖ ثقافت جي ڏهاڙي سنڌ امڙ ڏي خط!... 94
❖ ايڪهتر ۾ ڏرتيءَ مان دربدر ٿيل هڪ پيڻ جو ”رڪشا بنڌن“ تي پاءُ ڏانهن خط 98

- سنڌ چڏي ويندڙ سوڍن کي سهاجهڙي سنڌي جو مياري خط 104
- پياري شواڻي کي لکيل خط 108
- هڪ ٽرواسي جو پنهنجي پرديسي پريميڪا ڏي خط 112
- مغرور محبُوبہ ڏي شاعر جو اُداس خط 118
- دسرت ٽريءَ کي لکيل خط 123
- خودڪشي ڪري ويل ونيءَ جي وڇوڙي ۾ ولڪندڙ وَر جو لکيل خط...! 126
- مصطفي اياز مهيري کي لکيل خط 131
- مٺي شهر جي نالي ڪُليل خط 134
- سينيٽر ڪِرشنا ڪُماري ڪولهي کي لکيل خط 137
- لاڙڪاڻي ۾ پري محفل ۾ گولي لڳڻ سبب مارجي ويل فنڪاره سان مخاطب! 142
- سُنيتا راٺوڙ کي لکيل خط 145
- دلبر دوست نوجوان ليکڪ سليم راهمون کي لکيل خط 152
- برما جي نام نهاد جمهوري اڳواڻ آنگ سانگ سوچيءَ ڏانهن لکيل خط 157
- دوست کيت سنگھ پير ڏانهن لکيل خط 159

مهاڳ

# ريشمي هٿوڙو....!

هيءَ هڪڙي ڪويل آهي، جنهن جي مقتول ٻچي دلدوز ڪوڪ سان پيري پئي آهي: هي هڪڙو شهر آهي، جنهن ۾ رڳو حسين عورتن جا گهر آهن: هي هڪڙي اک آهي، جيڪا ڳوڙهن سان پيري پئي آهي: هي هڪڙو بستر آهي، جنهن ۾ ڪڏهن ڪو ستو ئي ڪونهي: هيءَ رستي تي جيڪي چِٽ ڏسين ٿو؟! اهي منهنجي محبوبا جي پيرن جا نشان آهن! جيڪا ٿوري دير اڳ گذري وئي آهي: هيءَ هڪڙو پوپو آهي، جنهن ڪيترين ئي نوجوان ڇوڪرين ڏوٽي ڏوٽي ماري ڇڏيون: پوءِ بہ هُو قاتل ناهي: هي هڪڙو وڻ آهي، جنهن جي پاڙ ۾ ماڻهن تعويذ پُوري پُوري ڪيس سڪائي ڇڏيو: هي هڪڙي عورت آهي، جنهن کي خبر ناهي تہ مرد ڪيئن محسوس ڪبو آهي: ۽ هن پاسي روشنيون آهن، هيءَ پئرس آهي، هي جرمني آهي، هي فرانس آهي، هتي ماڻهن کي بک ناهي لڳندي، هتي دولت، علم، عشق، ڪاميابي، زندگي ۽ خوبصورتيءَ جا خزانا آهن! ٿورو پنهنجي پويان ڏس ... هي هڪڙو ڪنديءَ ۾ ٽنگيل لاش آهي، جنهن جو بکيو اُٺ اڃ ڏٽيءَ جي لاش تي رڙي رهيو آهي ۽ هيءَ هڪ ڪتاب آهي جنهن جي نثر جون پاڙون ڪِپ جي پاڙُن کان بہ ڊگهيون آهن ۽ هي مٽي ٻوڙي وانگي ڦُٽي بيٺل امر رائسنگهہ راجپوت آهي!

شاعريءَ ۽ نثر سانحن ۽ ظلمن جا اشتهار تہ آهن پر اتي تخليق جي انهي دائري ۾ بہ اوچن گرافن وانگي اچن ٿا جتي، آسمان تي خدا ۽ زمين تي عورت اچي ٿي! وڻ اچن ٿا، جانور ۽ جيت اچن ٿا! انهيءَ ڪري ئي شاعر ۽ نثر نگار سدابهار ماڻهو هوندا آهن. نڪر ٿر جي خوبصورتيءَ ۾ ڪُنڊي نڪ وانگي آهن پر خوبصورتي فاني آهي ۽ تخليق لافاني آهي... نڪرن مان وري بہ اسان جي ذهن تي دل جي اکرن سان ڪنهن ماڻهوءَ جو نالو لکجي ويندو تہ اهو امر رائسنگهہ آهي: ڇو جو هو تخليق جي ترائيءَ تي ترنڊ هڪڙي اهڙي اک آهي، جنهن مان ٿر ڳوڙهي وانگي ڳڙي پيو آهي.....!! نت نڪر تہ ٿر ۾ ڪنڊين ۽ ٿوهرن وانگي پکڙيا پيا آهن!!

شاعر ڏرتيءَ جا ڏيئا هوندا آهن... ٿر جتي خوبصورتيءَ جو اهڙو لازوال استعارو رهيو آهي جنهن لطيف جي به جيءَ ۾ جڙ ۽ روح ۾ رڙ وجهي ڇڏي ۽ هُو "ويڙهيا گهمن ولين جهانگي منجهه جهنگن" جهڙيون انيڪ سٽون جولان ۾ اچي چوڻ کان رهي ڪونه سگهيو اتي ٿر بُک ۽ ڏُک جو به هڪڙو وشال نقشو آهي! ۽ شاعري ۽ نثر ته هونئن ئي ظلمن سان پريا پيا آهن. سو پاڻ اڄ صرف امر رائسنگهه جي تخيل جي مدار ۾ ڦرنداسين، ڇو جو سانحن ۽ مسئلن جي باري ۾ ته ٽيلويزن ۽ اخبارون به ڳالهائينديون آهن... پر اخبار ۽ امر رائسنگهه ۾ اگر ڪو فرق آهي ته اهو تخليق ۽ تخيل جو فرق آهي! امر رائسنگهه اسان کي انهيءَ ڪري به ياد آهي جو هُو تخليق جي ترڪش مان تير وانگي ڇُٽو آهي... نت ٿر ۾ ته نڪرن ۽ اُنن جو ڇيهه ئي ڪونهي!!

جهڙي طرح اتر هندستان مقبرن سان ڀريو پيو آهي، اهڙي طرح ٿر به نثر جي مقبرن سان ڀريو پيو آهي.... البته شاعري ڪجهه چڱي ضرور ٿي آهي.... باقي تخليقڪارن جي ڊگهي قطار ۾ شاعر ۽ نثرنگار گپ ۾ گتل رڍن وانگي رڙي رهيا آهن! سنڌ ۾ ڪلهوڙن جا مقبرا ۽ مزارون ته ملن ٿيون پر انهن جو ڪو محل نظر ڪونه ٿو اچي، ساڳي طرح ٿر ۾ به نثر جا مقبرا ۽ مزارون ته ملن ٿيون، پر ڪو محل نظر ڪونه ٿو اچي- سواءِ عبدالواحد آريسر جي!

سو اهڙن دوستن جي تخليق تي لکڻ کان آئون ائين ويندو آهيان جيئن ڪانگ ڳوڙهي کان وجي! ڇو جو هڪ ته تخليقي ماڻهو گهٽ ۽ تقليدي وڏيڪ آهن ۽ ٻيو ته جنهن اوچائيءَ جي مون کي تمنا آهي، اها صرف تمنا ئي آهي.

وچ ۾ هڪڙو دؤر آيو... جنهن ۾ ٿر مان نثر وفات ڪري ويو!! ۽ ڪيئي هوائي نثر نويس مرحوم بڻجي ويا... آئون اڄ به انهن جي ايصال ثواب لاءِ دعاڳو آهيان؛ پر پوءِ جلد ئي ڪجهه جوان نثر جي ڪپر تي اوٺلو ڏيئي ڇولين وانگي چڙهي آيا ...امر رائسنگهه انهي لشڪر ۾ سُني قد جو نثرنگار آهي. اڄ کان پندرهن سال اڳ، ڪجهه ادبي ڪاسائين، عبدالواحد آريسر ۽ آغا سليم جي نثر ۽ ــ مظهر لغاريءَ جي شاعريءَ جي وڍ ٽُڪ

ڪري، نثر جو هڪڙو نئون نمونو تيار ڪيو اهو نثر ڪونہ هو. هڪڙو عجوبو هو! جيڪو هوائي استعارن ۽ بي هنگم تشبيهن سان، اسٽريچر تي پيل مريض جي سلوار وانگي پريو پيو هو. اهڙو بي پاڙو نثر جيڪو صرف جنوني عمر جي چند سالن ۾ وٽندو آهي ۽ خدا جي فضل سان انهن نثر نگارن جي نثر جي عمر بہ چند سال ئي ڇڪي تاڻي هلي سگهي... انهي نثر هٽي نئين نسل جي پينگ ڪري ڇڏي...... ۽ لاڙ ۾ تہ اهڙي هوائي نثر جو ڳڙهہ ٻڄي ويا، نيٺ نثر پنهنجي سنهري دؤر ڏانهن موٽ تہ ڪاڏي پر جن ماڻهن کي انهي نثر جو پوليو تي ويو اهي وري صحتياب تي ڪونہ سگهيا.
اڄ وري اسان جو نثر انهي کوهہ مان ٽپ ڏئي ٻاهر جي وسيع و عريض ڪائنات ۾ گهٽي ليکي نڪري آيو آهي ۽ چند سٺا نالا سامهون آيا آهن، جيڪي اگر سنجيدگيءَ سان پنهنجي تخليق کي وقت ڏين تہ اسان انهي تسبيح ۾ پوئجي سگهون ٿا جنهن ۾ عبدالواحد آريسر وڏي مڻڪي وانگي بيٺو آهي!

نثر جي دنيا ۾ خطن جي وڏي اهميت رهي آهي! عالمي ليول تي بہ ڪئين مشهور شاعرن ۽ اديبن جا خط ماڻهن جي دلين تي سڪي وانگي هلندا رهيا! جنهن ۾ ڪافڪا جا پنهنجي پيءُ ۽ محبوبا ڏانهن خط، قرت العين حيدر جا خط، امرتا پريتم ۽ ساحر جا خط، سارا شگفتہ ۽ امرتا پريتم جا خط، شيخ اياز ۽ ابراهيم جويي جا خط مون کي في الحال انتهائي زبردست انداز ۾ ياد اچي رهيا آهن. دنيا ۾ نثر جي نيڪ ناڪ حيثيت رهي آهي، نوبل پرائز بہ ناول تي ٿو ملي ۽ ناول نثر ۾ ۽ نثر ناول ۾ هوندو آهي!

امر رائسنگهہ راجپوت جهڙي شاندار نثرنگار جا خط بہ سنڌي ادب کي هميشہ جي لاءِ ياد رهجي ويندا جو هي خط امر رائسنگهہ جي نثر جو يادگار آهن... جو هي لازوال خط آهن، جن ۾ ديس جي درد جا سمورا رُخ نهايت ئي دل ڏاري وجهندڙ انداز ۾ لکيا ويا آهن. اهڙا خط لکڻ لاءِ ڪو سنگدل سينو ٿو کپي!

امر رائسنگهہ هڪ بي رحم ليکڪ آهي، هُو هڪڙو اهڙو روئاڙي وجهندڙ نثرنگار آهي، جيڪو ماڻهن جي زندگيءَ جا فيصلا بدلائي سگهي ٿو. هُو صرف خماريل ۽ موهيندڙ نثر نٿو لکي پر ڪيس ماڻهن جي زندگيءَ جي

فيصلن تي بہ قدرت حاصل آهي. سندس خط پڙهڻ ڪانپوءِ مون پاڻ پنهنجي زندگيءَ جا ڪجهہ ذاتي فيصلا رات جي پيٽ ۾ تبديل ڪري ڇڏيا. سندس نثر جي قدرت جو آئون سرعام ثبوت آهيان .

آئون اهڙو نثر جو مزاج رکي اگر هڪڙو بہ خط لکان تہ جلد مري وڃان، سندس قلم ڪارو نانگ آهي جنهن جي نب ۾ زهر ڀريل آهي. هر تخليقڪار جو وڏي ۾ وڏو اگر ڪو خواب هوندو آهي تہ اهو هي هوندو آهي تہ ڪيس پنهنجو اسلوب هجي!! ۽ امر رائسنگهہ ان ۾ بہ ڪامياب ويو آهي جو هن کي پنهنجو اسلوب آهي، هُو اجگر نثر نگارن جي وچ ۾ رهي بہ پنهنجي اسلوب تي لکي ٿو، اها وڏي خوشيءَ جهڙي ڳالهہ آهي .

هوائي نثر جي پيٽ ۾ سندس تشبيهہ موضوع سان نهڪندڙ هجي ٿي، استعاري جو اهڙو حسين استعمال ڪري ويندو آهي جو دل تي پنهنجي محبت جو ڏارو ڦيري ويندو آهي ۽ موضوع ۾ تري تائين لهي وڃڻ جو وجداني فن، هن کي فطري طور تي اچي ٿو. نت ايترو موضوع جي پيٽ ۾ ورلي ئي ڪو نثرنويس لهي سگهندو آهي. سندس نثر ۾ عالمي نثر جون جهلڪيون بہ جهرڪي تي پوندڙ ڪرڻي وانگي نظر اچن ٿيون ۽ ٻوليءَ جو وڏو ذخيرو هن جي هڪ وڏيڪ خوش قسمتي يا محنت آهي، جيڪو ڪيس پنهنجو اسلوب ۽ لهجو تراشڻ ۾ وڏي مدد ڪري ويو آهي. سندس گهر ۾ ڳالهائي ويندڙ اها روزمره واري ٻولي ئي آهي جنهن سندس اسلوب ۾ وڏو سيلاب آندو آهي... ڇو جو هُن ڦهريون سُر پنهنجي ماءُ جي چوڙين جو ٻڌو آهي، خوشبودار ذلف ڦهريون ڀيرو هُن هر شاعر وانگي پنهنجي ماءُ جا ئي سُنگهيا آهن. پنهنجي نثر ۾ هوءَ هڪ اهڙي لازوال محبوبا ڪان ٻُري طرح سان متاثر نظر ٿو اچي، جنهن کي ماءُ چئبو آهي، جو هُن پنهنجي نثري ٻوليءَ جو ڦهريون گفتو بہ انهيءَ جي ئي واتان ٻڌو آهي. مون کي جهڙي طرح منهنجي نثر ۽ شاعريءَ ۾ منهنجي ماءُ جو حسين چهرو چِٽو نظر ايندو آهي ۽ سندس حسين لهجو دنيا جي ڪنهن بہ ڪُنڊ ۾ آسانيءَ سان ٻڌي سگهندو آهيان، بلڪل اهڙي طرح امر رائسنگهہ جي بہ اها ئي وفادار ۽ مهربان محبوبا آهي، جنهن کي اسين ماءُ چوندا آهيون!!

آئون جڏهن سندس نثر ۾ " ويڙهيچاڻو وچن، سنڌوءَ جهڙو شهنشاهہ ديومالائي درياهہ چوٽ جو چنڊُ، ڏونگر تي ڏيئي جهڙي پريتم، نردوش نياڻي" جهڙي ٻولي ٻڌان ٿو تہ منهنجي وات ۾ ٽُوٽ جو باغ ڦُٽي پوي ٿو!!اهڙي ٻولي تہ نثر جا عالم ئي آباد ڪري ٿي ڇڏي!! هُو ان ڪري ئي شاندار نثرنگار آهي جو کيس ٻولي ۽ خيال تي قدرت حاصل آهي.

جڏهن هُو هڪ معصوم پُٽ جو پنهنجي بيروزگار پيءُ ڏانهن اُداس خط ٿو لکي تہ لڳي ٿو تہ ڪائنات ۾ رنگ صرف پيءُ جي وجود جي ڪري آهي، تڏهن دل چوي ٿي ماڻهو ڪڏهن پُٽ پئدا ئي نہ ڪري، ڪري تہ ڪڏهن بہ ان کان جدا نہ ٿئي:

**"بابا ڪٿي آهين...؟!**

**الئہ ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن، تون لاپتا آهين. مون کي تو سواءِ سُک نٿو اچي "!**

جڏهن هو ايترو چوي ٿو تہ ماتم ڪرڻ لاءِ انتظار ڪرڻ جي وڌيڪ ضرورت ئي نٿي رهي .پُٽ کي پيءُ کانسواءِ سُک نٿو اچي، بس ڳالهہ ختم ٿي وئي!

**Enough is enough.**

امر رائسنگهہ جي دل ۾ ويٺل جيڪو هڪڙو ميڻ جو ماڻهو رهي ٿو، اهو ڏسڻ جي وڌيڪ ڪوشش اجائي آهي. ماڻهن جي سينن ۾ علم هوندو آهي، ماڻهن جي نثر ۾ علم هوندو آهي... ها، نيڪ آهي، پر امر رائسنگهہ جي سيني ۾ ميڻ جو ماڻهو رهي ٿو، امر رائسنگهہ جي نثر ۾ اهو ميڻ جو ماڻهو باهہ جو شعلو ڪٽي سفر ڪندو رهي ٿو! ۽ هي خط اتان شروع ٿئي ٿو ۽ اتي ئي ختم ٿي ٿو وڃي..... ۽ هي خط اتي ختم ٿئي ٿو ۽ اتان ئي شروع ٿي ٿو وڃي.

اي منهنجي محبوبا! ڇا تون هن کان وڌيڪ پڙهڻ پسند ڪندينءَ!؟:

**"بابا! اسان کي تنهنجي بيروزگاري ئي قبول آهي، بس تون موٽي اچ ".**

پڙهڻ لاءِ ڇا اهو ڪافيءَ کان گهڻو نہ آهي؟! امر رائسنگهہ هر ماڻهوءَ مان هڪڙو ٻيو ماڻهو ڪڍي اچڻ جو ڏکدائڪ فن رکي ٿو! جڏهن هُو چوي ٿو:

**"منهنجا قابلِ فخر بابل!**

**منهنجا قابلِ فخر بابل! مونکي خبر آهي توکي هن بي حس سماج ڌوڪيو آهي. تو جهڙي حساس ماڻهوءَ کي "واندي" جو لقب ڏيندڙ هن سماج کي کهڙي خبر تہ تون فطرت جي مظهر ۾ ڪيترو مشغُول هُئين. تنهنجي مصروفيت جا شاهد آهن تنهنجا اُهي شعر، جن کي پڙهي پٿر دل بہ ميڻ بڻجي وڃي. تون وڻن سان ويدنا ورنيدو هئين، تون گگدام جانورن سان گُفتگو ڪندو هئين، تون جبلن جي جاگرافيءَ کي دل سان سمجهڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندو هئين، تون پٿرن سان ٽٽڪا ڪري ڪچهريون ڪندو هئين. تون ناراض ٿي الئہ ڪيڏانهن هليو وئين...؟**

**موٽي آءُ انهن ماڳن تي جتي پاڻ گڏجي مريڙو چونڊيو هو جتي پاڻ ترائين ۾ تڙڳي وسڪاري جون آرتيون اُتاريون هيون، جتي پاڻ پنهنجي ننڍڙي ٻنيءَ ۾ پوکيل ٻاجهر مان چپٽين سان چيهو چونڊي صدين جو ٿڪ پيڳو هو. جتي پاڻ ڪنيئيون ڳوليندي ايترا خوش ٿي ڪليا هئاسين جو وڻن کي بہ وڻيا هئاسين. تو سواءِ مون کي سيمون ڪائڻ اچن ٿيون."**

تہ هُو ان اڌ قلندر ڇوڪري کي ڪيڏي ٿو اچي جيڪو پڻ ان ڇوڪر جي پيءُ وانگي گهڻو وقت وڻن سان ويدنا ڪندو رهندو آهي، جهنگ ۾ ٻُوٽن کي نانگ وارو وٺ ڏئي، پنهنجو جسم ڇڏي هليو ويندو آهي، جيڪو مست ءِ من موجي رهيو آهي، وڻن جو ورد هُن جي قسمت آهي ءِ جيڪو هوا جي جهوٽي وانگي ڦيرو ڏئي چئي ويندو آهي:**" هي حسينا! هي هوا! آ وڻن جي والده...."**

ءِ هن قسم جو نثر سدائين جنهن جي جيءُ ۾ جهوري وجهي ويندو آهي. هي نثر ناهي، هي درد جو ٻرندڙ ٻاڙهو مئخانو آهي، اڄ آئون رند آهيان ءِ منهنجو ساقي امر رائسنگهہ آهي:

**"اسڪول ۾ ڀين جا ٻار رسيس جو فاسٽ فُوڊ کائيندا آهن، آئون فاسٽ ڊوڙڻ جي پريڪٽس ڪندو آهيان. ڀين جا ٻار سائيڪل هلائيندا آهن، آئون وڻ تي ويهي اُن جي ٽارن تي پير رکي ائين هلندو آهيان جيئن اُهي سائيڪل جا پيڊل هلائيندا آهن ".**

هڪڙي معصوم ٻار جو اندر اهڙي طرح سان شايد ئي ڪو دريافت ڪري سگهيو هجي! امر رائسنگهہ هر شيءِ جي ستين پُڙ ڪان وجي ٿو نڪري، هُو ماڻهن جي اندر جو ماهر ٿوبو آهي جيڪو سدائين غم جي گلفام ڳولي ٿو اچي! ساقي مئخاني جو در کُليو ئي رکجانءِ، جو مون کي هاڻي جنت جي هوا راس ڪونہ ايندي:

**"بابل! تون وري آءُ... آئون ڏُکن ۽ ڏُکن سان مقابلا ڪري پڙهندس ۽ نيٺ تنهنجا سيئي لُڙ لاهيندس. پر تون جي ويندين هليو تہ آئون ٽُٽي پوندس ۽ ننڍپڻ ۾ ٽُٽل وري مشڪل سان جُڙي سگهندو آهي".**

**خودڪشي ڪندڙ عورت جي ڪيسي مان مليل خط** اڌ پڙهڻ ڪانپوءِ مون اسڪولي شاگرد وانگي گُسايو آهي تہ هي خط نہ پڙهان... مون کي خبر هئي تہ اهو خط پڙهڻ مطلب دوزخ ۾ ٽپو ڏيڻ...... پر مون دل جهلي پڙهيو آهي، مون کي اهو خط پڙهي اوريانا فلاشي ياد اچي وئي، جنهن دنيا جي سئو عظيم ماڻهن جا انٽرويو ڪيا هئا ۽ **"اڻ ڄاول ٻار جو مذهب"** لکيو هو... هن خط جي باري ۾ منهنجي مطالعي جي آڌار تي چوان ٿو تہ اگر اهو غيرملڪي ادب ۾ پڙهون ها تہ اڄ اسان جا دانشور ۽ اديب ان خط جي اسٽيجن تي بيهي وڏي واڪي تبليغ ڪن ها...... هي خط اگر ترجمو ڪري ٻاهرئين ادب تائين پهچايو وڃي تہ اتي جي اديبن جا بہ وڻ وڃائي ڇڏيندو ...

۽ عورت تي، عورت جي سوچ جي رڳ رڳ ۾ لهي ۽ عورت وانگي سوچي لکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. خودڪشيءَ جي ڏُک، فلسفي ۽ عاليشان نثر مان هن خط جو جسم جُڙي تيار ٿيو آهي ۽ هي هيٺ مون جيڪي ٽڪرا چُونڊيا آهن، اهو سڀ ڦهر ڀريو ڪمال آهي :

- **اي منهنجا گهر ڏٺي!**

**اڌ رات لڙي آهي. چنڊُ آسمان جي وچ تي چمڪي رهيو آهي. توکي ننڊ ۾ سُتل ڇڏي وڃان ٿي. ڪيڏو نہ سُڪون سان سُتو آهين. نہ پيٽ جي ڳڻتي، نہ وياج جو ڀَپ، نہ مٽي تي تغاري، نہ ڪو ڪلهن تي بوجهہ ...**

- ببلو پينگهي ۾ اڌ ٻڪايل ڇڏي وڃان ٿي. سنجهي مان سُڪل چاتي ڏارائي هُئي .صغير ٻار ڪي يتيم ڇڏڻ زندگيءَ جو وڏو ڏک آهي. اهو ڏک پوڳي سگهان ٿي پر روز ٻک ۾ رڙيون ڪندي ڏسي نٿي سگهان. منهنجي هٿ جي پڪل ماني آخري ڀيرو ضرور کائجانءِ، جيڪا مون رات پچائي رلڪي ۾ ويڙهي ڇڪي ۾ ٽنگي رکي آهي.

- تنهنجي اجازت بنا مون ڪڏهن ماني ٻہ نہ کاڌي هئي، پر اڄ ڦاهي کائڻ وڃي رهي آهيان .

- غريبن جي ٻارن کي جڏهن ٻک لڳندي آهي تڏهن ڦاهي کائيندا آهن ڇاڪاڻ تہ ماني مهانگي آهي ۽ ڦاهي سستيءَ آهي. ان ڪري اڄ آئون بہ ڊوڙ ڪرڻ وڃان پيئي.

- توکي ياد هوندو جڏهن پنهنجي پاڙي ۾ شادي هُئي، سڀني عورتن جي هٿن ۾ نيون چوڙيون ۽ نوان وڳا هُئا. هڪڙي آئون ئي هيس جنهن وٽ سڀ ڪجهہ پُراڻو هو. تون مون کي ڏسي ڏاڍو رُنو هُئين. تڏهن مون تنهنجا لُڙڪ اُگهندي چيو هو تہ چريا ڪپڙا صرف امير پائيندا آهن، غريب تہ فقط اوگهڙ ڍڪيندا آهن .

- پاڻ وياج تي پئسا ڪٽي کو شيمپيئن ڪونہ اُڏائي هُئي پر پاڻ تہ ٻني پوکڻ لئہ ٻج ورتو هو. برسات جي بي وفائي سبب ٻج بہ واپس نہ وريو تہ اُن ۾ پنهنجو ڪهڙو ڏوهہ؟ پاڻ تہ سڄو ڏينهن ٻني کي واڙ ڪندي رات جو ٿڪي ٽُٽي ڪري پوندا هُئاسين. پاڻ کي ڪهڙي خبر تہ وياج رات ڏينهن سمهندو ئي ناهي.... اها خبر هجي ها تہ پاڻ سمهون ئي ڪونہ ها .

- پورهئي جو اجورو نہ مليو. وياج خور وياج لئہ تنگ ڪيو. مالڪ مينهن نہ وسايو!

ٿر تي لکيل اهڙي شاندار نثر کان علاوه، ٿر جي ڏُکن ڏوجهرن ۽ حُسن سان ڀريل ڀٽائيءَ جي شاعري ڏسجي ٿي تہ ٿر جنت جي زمين مان ڪنيل ڪو

علائقو نظر ٿو لڳي. جديد شاعريءَ ۾ اياز ۽ حليم باغي ٿر جي شاعريءَ جا ڳاڙها گهوٽ اڻموٽ آهن، جن جي شاهڪار شاعريءَ تي تپيدار شاعر پنهنجا ليڪا ڪڍي اها زمين پنهنجي پٽڪائي شاعرن کي ڏيڻ چاهين ٿا. حقيقت ۾ اهي اياز ۽ حليم باغيءَ جي فوبيا جو شڪار اهڙا ناٽڪ ڏيڪاريندڙ پولڙا آهن، جن کي سندن چٽڪٽي دار ڏٽين چپن تي سرخي هٽي ناچ جي ميدان ۾ لاهي ڇڏيو آهي!

هڪڙي آرٽسٽ ۽ خاص طور تي هڪڙي شاعر کي پنهنجي خطي ۽ علائقي کي شاعريءَ ۾ ڪيئن جوڙڻ کپي، اچو تہ ان جي شاهدي ۽ ثبوت تي هڪڙي تڪڙي رهنما نگاهہ ڦيري، اهڙن ڪوئن کي زهر جي پُڙي ڏئي ڇڏيون:

وَرُ سي وَطَنَ جائِيون، صحرا سَتُرُ جِنِّ،
گولاڙا ۽ گُگِريُون، اَوچَڻَ اَباڻَنِّ،
ويڙهيا گهمَنِ وَلِيين، جهانگِي مَنجِهہ جَهنگَنِّ،
مُون کي مارُوئَڙَنِّ، سُجَّ ڳَڻائِي سيجَ ۾!
(شاهہ ڀٽائي)

ٿر ۾ ڪهڙا ٿاڪ ٿڪن جا؟
ٿر ۾ ڪهڙا ٿاڪ؟
واري ساري واٽ،
نہ ڪائي ڇانوَ نہ ڪائي ڇاٽ ...
مٿان آ ٿاڪ ...
ٿڪن جا،
ٿر ۾ ڪهڙا ٿاڪ؟!

ڀِني نہ تِن لئہ ڀونءِ،
تَتيءَ تي پيرَ ٻَچِي ٿيا پُونءِ،
چِڪن ٿا چاڪ ...
ٿڪن جا،
ٿَر ۾ ڪهڙا ٿاڪ!؟

لٿي نہ تِن جي اُڃ،
وراڻي ڪير، سموري سُڃ!
وڄن ٺا واڪ ...
ٺڪن جا،
ٺَرِ ۾ ڪهڙا ٺاڪ!؟

مليو نہ تِن کي ماڳ،
اُنهن جو ڳلي ڳلي پيو پاڳ،
کِلي ٿي خاڪ ...
ٺڪن جا،
ٺَرِ ۾ ڪهڙا ٺاڪ!؟

(شيخ اياز)

ڪٿ ڪٿ ڪونيٺ توتيا چاڻيا، ڪٿ ڪٿ لامن لڏڪن پلڙا،
ڏس تہ گگيري ڳاڙهي ٿي آ، ڳاڱيءَ جا ٿيا ڳاڙها ڳلڙا،
گولاڙو پِپِي چار سان ٻڪجي پن پن پيٺا ڏئي ٿو چلڙا،
ٺر ٺر ٺرڪن ٺوهر ڏوئريون، هير ٺڏيءَ جو ٿي هٻڪارو،
هاءِ هنيلا هوڏي پريتم، مند ملهاري تون ريسارو.

تون چئو چانڊوڪين ۾ چوڙا، مونکي چڪ نہ هٽندا هوندا!؟
ڪاپي ڪاڏا کهنبا منهنجا، ٺڏڙا ساهہ نہ ڪٽندا هوندا!؟
پن چڻ واري پيلي پن جيان، منهنجا لڙڪ نہ ڇٽندا هوندا!؟
پر مون پنهنجا چپ سبيا هن، ڪونہ پريان تي سرد شوڪارو،
هاءِ هنيلا هوڏي پريتم، مند ملهاري تون ريسارو.

(حليم باغي)

امر رائسنگهہ تي لکندي آئون ڪلاڪن جا ڪلاڪ رنو آهيان؛ مون ماحول تبديل ڪيو آهي، مون لکيو آهي؛ مون موسيقي ٻڌي مزاج مٽايو آهي،

مون لکيو آهي: مون ڇهل قدمي ڪري ڏني آهي، مون لکيو آهي: مون ضرورت کان وڌيڪ گاڏي هلائي آهي، مون ڪيس پڙهيو آهي: مون مشرقي ڪنارن تان چنڊ کي اڀرندي ڏٺو آهي، مون هن تي لکيو آهي: هُن جي ياد منهنجي دماغ جا پڙدا خشڪ ڪيا آهن، آئون رنو آهيان: مون لکيو آهي!

امر رائسنگهه اعلي پايي جو بي رحم ليکڪ آهي، هيءُ اهو بي رحم ليکڪ آهي جيڪو قسطن ۾ چوي ٿو :

**"اماوس جي ڪرس گيل جهڙي ڪاري رات جي اونداهي ڇانئجي ڇُڪي آهي.**

**گهرن ڏانهن ورڻ مهل انهن جي قدمن ۾ ڇڻ هزارين هاٿي وچڙي پيا هئا. مون انهن جي چهرن جا ڪتاب روح جي ٻوليءَ ۾ پڙهيا آهن. ڏارين جي درن تي اوبر ڪائڻ دنيا جي وڏي ۾ وڏي بدنصيبي ۽ ڏُک واري ڳالهه آهي. اهڙيون ڳالهيون مون کي وقت کان اڳ ماري ڇڏينديون. ظلم ۾ انسان ايتري ترقي ڪئي آهي جو جانور کان گوءِ کٽي ويو آهي".**

هن ۾ الوهيت اٿليل محسوس ٿئي ٿي! پُٽ ڏانهن خط لکندي هُو هڪ بزرگ پيءُ بڻجي ٿو وڃي، پيءُ ڏانهن خط لکندي اناٿ آشرم ۾ پلجندڙ هڪڙو يتيم ٻار بڻجي ٿو وڃي، هو جن ليکڪ آهي، هو هڪ پٿر دل نثرنگار آهي! ماءُ ڏانهن خط لکندي هُو هڪڙي اهڙي ياءُ مان پيڻ بڻجي ٿو وڃي جيڪا هميشه هميشه جي لاءِ وطن جا وڻ ڇڏي هندستان وڃي رهي آهي! آئون رنو آهيان!؟ هُن مون کي روئاڙي وڌو آهي. هُو مست آهي، هُو مست آهي، آئون هن مان آهيان. هُو مون مان آهي: آئون اهڙي دردناڪ نثر تي پنهنجي نثر جي جهُمري نٿو هٽي سگهان. الوهيت جي الفي ٻڌي جڏهن هُو وسڻ جا ويس ٿو ڪري ته آئون ٻانهون وجهي وات رڙن ۾ ريهون ڪرڻ تي مجبور ٿي ٿو وڃان .

هن جي نثر جي لئہ!! هن جي نثر جو سُر!! هن جي نثر جو تال ئي پنهنجو آهي. هُو پنهنجي نثر جي سُر تي ڪنهن جو ٻه سر قلم ڪري سگهڻ جي سگهه رکي ٿو. هن جي نثر جي وير جڏهن وري ٿي ته دل جا ٻيڙا ٻوڙي وڃي ٿي پر ٿمڻ جو نالو ئي نٿي وٺي ۽ هُو قلم ۾ زهر پري لکي ٿو:

**"ماءُ هوندي آهي تہ ٻار ٻُک ۾ بہ بادشاهي ڪندو آهي. ماءُ بنا ڏؤتي بہ ڏاڍون ڪري روئندو آهي. ماءُ جيڪا پالڻهار هوندي آهي. ماءُ جيڪا پنهنجي ٻار لئہ ٻاجهہ هوندي آهي. ماءُ هوندي آهي، دل ٻريل هوندي آهي. ماءُ هوندي آهي، ماڻهو يتيم ناهي هوندو. هاڻي اُهي پيير ئي ناهن رهيا جن جي هيٺان جنت هوندي آهي ".**

اي جنو!

اي انسانو!

ماءُ جي نہ هجڻ جو ويراڳ ڪو عزيز گل کان پڇي. اي خدا! توکي ڪا بہ ماءُ ناهي نت توکي خبر پوي ها تہ ماءُ جي مرڻ جو ڏک ڇا ٿيندو آهي.

سندس هي ٻولي :

*** وڇوڙي جي وِماس ۾ وِماسجڻ**

*** ڪنهن بہ جيڏي پنهنجي وَليءِ سان ولا ۾ اچي ولاس نہ ڪيو هو.**

*** ڏرم سنڪٽ ۾ اچي ويو هو.**

*** آسرو اسميوَ ٿو لڳي.**

اُها ٻولي آهي، جنهن کي آئون مسلسل سندس ٻوليءَ جو **treasure** سڏي رهيو آهيان .هيءُ اها ٻولي آهي جنهن جي لاءِ اسان جا ڪيترائي اديب، سنڌي ٻوليءَ جو هٿرادو هندستاني لهجو ڳولڻ، لکڻ ۽ وري دهمان ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل نظر اچن ٿا .جنهن ۾ "سُچيت" لفظ کي ادب جي چوراهي تي ننگو ڪري نچايو ويو آهي... ۽ اسان جي يار امر رائسنگهہ کي اها ٻولي تہ آهي پر هُن کي، انهيءَ جو اهڙو زبردست شاعراڻو استعمال ٿو اچي جو مصنوعيت پري پري تائين نظر نٿي اچي!

ان کان علاوه سندس، محبوب جو محبوبا ڏي لکيل خط رد ڪجي ٿو، جنهن ۾ هُو بري طرح سان لفاظي ڪندي نظر اچي ٿو ۽ ٻين خطن جا موضوع ورائي ورائي، پلٽي تي پلٽو ڏئي، ٻيهر استعمال ڪندو رهي ٿو. بس هو هڪ بيدرد نثرنويس جي حيثيت ۾ پنهنجي محبوبا کي رومينٽڪ خط لکي ناهي سگهيو.

۽ هُو جڏهن پورهيت پيءُ جو پنهنجي پُٽ کي خط ٿو لکي تہ ساهي ڪٽڻ ئي نٿو ڏي، پڙهندڙ کي پنهنجي ڳالهہ جي زنجير ۾ قابو ٻڌي، قيديءَ

وانگي اڳتي ئي اڳتي وڌيو هليو ٿو وڃي. مون کي ڪافڪا ٿو ياد اچي!! خط ۾ جهڙي دلدوز ۽ اڻ ڇهيل انداز ۾ پُٽ سان مخاطب ٿي، جيڪو درد بيان ٿو ڪري، اهو هڪ دفعو ٻيهر سندس بيرحم نثرنگار هجڻ جي شاهدي ٿو ڏي :

**• پُٽ! اهو ڪڏهن بہ نہ سمجهجانءِ تہ هن سنسار ۾ رڳو پاڻ ئي دُکي آهيون. هن دنيا ۾ اڌ کان وڌ آبادي اهڙن ئي عذابن جو شڪار آهي.**

**• پاڻ وٽ ماڻهون سوپاريون ڪائيندا آهن، هتي سوپاريون ماڻهو ڪائيندڙيون آهن.**

**•منهنجا ماڻيگر پُٽ!**

**چند سڪن مان مون توکي جيڪي پراڻا ڦُلا وٺي ڏنا هئا سي تنهنجي نڙيءَ ۾ پُرٽ وانگي چُپي ويا هئا. ان ڏينهن کان پوءِ آئون ڪڏهن بہ ڪنهن ميلي تي ناهيان ويو. رانديڪا مون کي غريبن جي ٻارن جا لاش لڳندا آهن. مون کي انب غريبن کي ڏنل ڏاتار جو ڏنپ لڳندا آهن.**

**• منهنجي ڪُٽنب جا سيئي ڪوڙ منهنجي وجود سان وابستہ آهن.**

شاعر جو خيال، شاعر جي پريزنٽيشن، خيال جو احاطو ۽ ٻوليءَ جو **treasure** ڏسو :

**•سُنيتا! تنهنجي بادام چشم ٻينيءَ جي نيرڙي نپ ۾ بي خوفيءَ جا بادل هر وقت ڇانيل آهن. تون وقت جي ڪنهن بہ دِلوراءِ جي ڊپ ۾ دَلخيم ناهين ٿي، ڇاڪاڻ تہ تون دلهير نہ پر دلباز آهين!**

**•تون جيڪا رانوڙ آهين، رانوڙ جيڪي تاريخ جي ڪنوار جي ڪن ۾ طومان جا انوکا تگل وجهي ڇڏيندا آهن .**

ڇا تہ ڪمال ڪيو اٿس! ڇا تہ نرالو انداز بيان اٿس ۽ ڇا تہ ٻوليءَ جو اڻلپ خزانو ڪوٺي ڪڍي آيو آهي!! آئون جڏهن، انساني ذهن مان دل جي اک سان ڳولي لڌل ههڙو خوبصورت تخيل پڙهندو آهيان تہ شاعريءَ

منهنجي چوڦير سوين پاڇولا ناهي بيهي رهندي آهي ۽ آئون پنهنجي هوش مان نڪري ڪنهن وڏي شهر وانگي پکڙجڻ شروع ٿي ويندو آهيان.... ۽ جڏهن هُو ٻوليءَ جي حُسناڪ جهمري هينئن ٿو هڻي " :تنهنجو وار ويرين لئہ ترڏاري تلوار جي ڌار آهي." تہ قهر ٿو ڪري!

**●تون عورتائي اتهاس ۾ دليريءَ جو اهڙو سبق آموز داستان آهين جنهن کي پڙهي ڪيئي پيڙهيون ڪرب جا ڪارا پاڻي پار لنگهي سگهن ٿيون.**

سنيتا کي ڏنل هي تشبيهہ تہ ڏسو جيڪا ماڻهوءَ جا چار ئي چونڪ لڳائي وار وار مان حيرت جو طوفان اٿاري ٿي ڇڏي :

**●تون روپا جي رڻ پوميءَ ۾ ٻاگهل جي ڇيلهہ تي سندرو ٻڌل اُها چُنري آهين، جنهن کي وقت جو ڪو بہ خلجي ڪنهن بہ فريب سان ڦاڙي نٿو سگهي .**

ائين ٿو لڳي جڻ عبدالواحد آريسر کي پڙهي رهيا هجون!!

خيال کان پاسيرو ٿي، جڏهن رڳو اڪيلي ٻولي ئي هن سان ٻيلهہ ٿي هلي ٿي، تڏهن بہ تہ هو داءُ تي داءُ هڻندو هليو ٿو وڃي:

**●جل ٿل بادل جي ڇايا جهڙا منهنجا بابل! منهنجي هم وطنن کي ڇئجاڻ تہ آئون ايراني غاليچي ۾ روپيل گُل جهڙي اوهان جي وطن جي ڏيءُ زينب آهيان!**

**●وشال آڪاش ۾ ڇمڪندڙ ڌُرو تاري جهڙا منهنجا دلبر پُٽ!**

**سُپاڻي هولي آهي، هولي جيڪا حياتين کي حُلواڻ جهڙن رنگن ۾ رڱي ڇڏي ٿي، هولي جيڪا بديءَ جي هار ۽ نيڪيءَ جي جيت جو جلترنگي ڏڻ آهي .**

هيءُ سندس شاعراڻي ادا جي اُڇل آهي :

**●تنهنجي ڪينجهر نيڻن ۾ ترڙيل سُرمي جا ڪارا ڪنول ڪڏهن بہ نہ مُرجهائجن.**

**●توکي خبر آهي اُن ڏينهن تو لئہ تنهنجي ڳوٺ جي گهاٽ مٿي بيٺل وڻ پار ڪيڏي رُنا هئا. پڪي احتجاجن ڳوٺ خالي ڪري ويا هُئا. چوپائي مال چارو چرڻ ڇڏي ڏنو هو.**

هيءُ سندس آرٽ جو ڪمال آهي، سندس لهجي جو لاجواب نمونو آهي، سنڌ وطن سان سندس محبت جو حسين مثال آهي :

**●اُها سنڌ جيڪا حسن درس جي تمنائن ۾ ڪولهين سان گڏ ڪولهي ٿي هوليءَ جا رنگ هاري ٿي.**

**●اُها سنڌ جيڪا پاڻيءَ لاءِ تتي ٿڌي ترسي ٿي. اُها سنڌ جنهن جون نيلم جهڙيون ناريون ڪوئلي وانگي ڪاريون ڪري ماريون وڃن ٿيون.**

**●سنڌ! تون حسن درس جي خيالن ۾ ايندڙ "پرينءَ جي پاڇي" جهڙي اها حسين نگري آهين، جنهن جي لاجواب لينڊ اسڪيپ تان لهندڙ سج هن کي مهاڻي ٻار وانگي موهي ماريندو هو! سنڌ! تون روبينہ ابڙو جو اهو فلسفو آهين، جنهن ۾ مذهب کان انسان وڏو آهي! تون شيخ اياز جي شاعريءَ ۾ شوخ ڇوليون ٻڌجي ڇلڪندڙ اها ڪينجهر آهين، جنهن ۾ ڪيئي نماڻيون نوريون لهرون ٻڌجي نچن ٿيون .**

**●تنهنجي صوفياڻي سر زمين تي اڄ بہ رام جي گام ۾ ملهائجندڙ هوليءَ جا هڙئي رنگ رحيم جي اڱڻ تي بہ هارجن ٿا..**

هي سندس شاعراڻي اظهار ۾ جهالا ڏيئي وسندڙ جهڙ جهڙي ڪلاسيڪيت آهي:

**● اُها هارياڻي سنڌ، جنهن جي حقن کي زميندارن ائين چٻاڙيو آهي جيئن ڪپڙ ڇپو گابو ڪپڙو چٻاڙيندو آهي!**

هي سندس اعلي شاعراڻي پهچ آهي، جيڪا ماڻهوءَ کي سندس مُريد ڪري ڇڏي ٿي :

**• اُها سنڌ جيڪا ٻنن تان گاهه جون پريون ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي مال جو پيٽ پاري ٿي.**

۽ امر رائسنگهه ڇا ته رڻ جو راهي بڻائي ڇڏيندڙ انداز ۾ پنهنجي خيال جي قدرت، ٻوليءَ جي ڪمال ۽ انتهائي معصوماڻي انداز ۾ اسان جي سهڻين، سگهڙ ۽ سُندر سنڌياڻين جو اسڪيچ ٺاهيو آهي، جڻ ته ماڻهو ڪنهن جڳ مشهور مصور جي پئنٽنگ جي سامهون بيٺو هجي:!!

**•اي سنڌ! تنهنجون سادڙيون سنڌياڻيون وڏي ڪُڙيءَ واري جُتي پائڻ ۾ به صفا شرم ٻوٽڙيون آهن!!**

**• پنهنجي ثقافتي سونهن دهريءَ کي دل تي سجائي هلن ٿيون. جهانجهر ،جهومڪ ۽ جهيلن سان پيار ڪندڙ سنڌياڻين جا هٿ اڄ به ٽُڪ تي رليون ٺاهڻ ۽ چادرن تي ٽونئر ٽانڪڻ ناهن وساري سگهيا. اُهي هنر مند هٿ مور ڪنين مان وينجڻا ناهي، هرمچ ڪچو ۽ پڪو پرت پري، تنهنجي ثقافتي قدرن ۽ معيارن کي زندهه رکنديون اچن!**

آها ها..... ڇا ڳالهه ڪجي!؟ مون کي سمجهه ۾ نٿو اچي، آئون بي اختيار ٿي ويو آهيان. مون کي شاعرن ۽ نثر نگارن سان عشق ٿيندو وڃي! آئون سحر ۾ ونجندو وڃان!!

هيءُ سندس نثر ۾ عالمي نثر واري جهلڪ آهي، جنهن ۾ جادوءَ پري سادگي، فسلفو، خنجر سان ڪتڪائي ڪندڙ معصوميت ۽ خيال جي اها ٹُبي هنيل آهي جيڪا هر ڪو ناهي هڻي سگهندو:

- **انتظار ماڻهوءَ جو رت سڪائي ڇڏيندو آهي!**
- **ٻار جن کي پاليو ويندو آهي پر ماريو ناهي ويندو!**

- **جن رستي ۾ مون ڪان پئسا ڦُر ڪيا، شايد شراب پيئندا ۽ ڪنهن مجبور عورت جي عصمت خريد ڪندا، تڏهن منهنجا پئسا ڳَنل پڪيءَ وانگي، مون لئہ ڦٽڪندا.**

۽ جڏهن هُو يتيم ٻار جو پنهنجي پيءُ ڏانهن خط ٿو لکي تہ هُو واقعي ئي هڪڙي يتيم ٻار جو روپ ڌاري ويهي ٿو رهي ۽ خط اگر ڪنهن نيڏڙي دل واري ماڻهو پڙهيو تہ اهو روئي روئي پنهنجي نظر وڃائي ويهندو :

- **بابا! آئون اناٿ آشرم ۾ پليو آهيان. آئون اناٿ آهيان. منهنجو ڪير بہ نہ آهي .**

- **سياري جو سيءَ ۾ سڄي رات گوڏن ۾ هٿ ڏيئي ماءُ کي ياد ڪندو آهيان. منهنجي بہ ڪا تہ ماءُ هوندي پر الئہ ڪٿي هوندي.**

هيءُ نثر آهي! اهڙن ئي هينئن ۾ هٿوراڙيون ڏيندڙ جملن سان جهنجهيل نثر! بئنسر ۽ بولي سان نثر! هيءُ نہ صرف اثرائتو نثر آهي پر هي نثر جنهن درد جي مدار ۾ ڦري ٿو انهيءَ ڪري هن نثر کي "بکيو بادشاهہ" چئي سگهجي ٿو... يا هن نثر کي" ريشمي هٿوڙو" چئي سگهجي ٿو. اهڙو نثر پڙهڻ ڪانپوءِ عشق جو مون تي ظهور ٿو ٿئي، اهو سڀ عشق ۾ ئي ٿيندو آهي. هي نثر ائين آهي جيئن: بوتل ۾ مئہ، مئہ ۾ نشا، مين نشي ۾ هون!! ۽ اهڙو نثر پڙهڻ ڪانپوءِ: هي عشق ۾ غم، غم ۾ مزا، مين مزي ۾ هون!!

جڏهن هُو انهي پٽ جو پنهنجي ماءُ کي شاهڪار خط ٿو لکي جيڪو، نڪرن جي رواج مطابق، پنهنجي پيڻ کي هميشہ هميشہ هندستان وڃڻ جي لاءِ ريلوي اسٽيشن تي ڇڏڻ ٿو وڃي ۽ پرپرو بئنچ تي ويهي پنهنجي ماءُ کي پنهنجي پياري، معصوم ۽ دلربا پيڻ بابت خط ٿو لکي تہ آئون پنهنجي اندر ۾ ڪاتيون هلندي محسوس ٿو ڪريان! مون کي صفا ٿورڙن جن ليڪڪن روئاريو آهي، انهيءَ ۾ امر رائسنگهہ بہ دعوي سان شامل آهي! اهو سندس شاهڪار خط آهي، سندس نثر جو شهپارو آهي جيڪو گهر گهر ۾ ماتم مچائي سگهي ٿو!! دلدوز موضوع کي پڪيڙي، سڄو منظر ڏيکاري، ميدان

جوڙي، جڏهن فلسفي جي سِٽ سَٽي ٿو هٽي يا تشبيهه تي ٿو لهي تہ ڪٿي جو ڪونہ ٿو ڇڏي: !!

**• اُن گهر ۾ هاڻ اچڻ ئي ڪهڙو جيڪو پيڻ جي پويتر پيرن کان خالي هجي .......**

**• جنهن گهر جي چونئرن ۾ چونڪين جا نيو بہ پنهنجي پاتيءَ جي وچوڙي ۾ ولکندا هجن، ان گهر ۾ ڪو پاءُ پنهنجي پيڻ جي ٻولي ٻُڌڻ ڪانسواءِ ڀلا ڪيئن رهي سگهندو؟ امان! ماٺهوءَ کان پاليل پکي بہ جلدي ناهي وسري سگهندو، هي تہ ڪونجل پيڻ آهي!**

**•هُن جي پسند جي هر پڌارٿ جڏهن پنهنجي اکين اڳيان ايندي تڏهن اکيون تڳوسر جي ترائي ٿي ويندي يون.**

**•امان! آئون گهر ايندس تہ مُنهنجو ٻن سالن جو ننڍڙو پُٽ مون کان پُڇندو تہ بابا! ٻئا ڪٿي آهي!؟ تڏهن آئون ڪهڙي ورندي ڏيندس!؟ اُها دل ڪٿان آڻيان جنهن سان چوان تہ پُٽ توکي سچو ڏينهن ڪچ ۾ ڪوٺي، تو سان بي لوث محبت ڪندڙ تنهنجي ٻئا کي بنا ڏوهہ وطن جي وٽن کان جُدا ڪري، اسين پنهنجي پرمپرا پاري آياسين.**

هي ڏسو ڀلا:

**" •جيجان! عورتون آهن. ٻنهيءَ کي هِندوءُ لُهارن وارو لُهارڪو لباس پاتل آهي. هڪڙي اڌڙوٽ عمر ۾ آهي ۽ هڪڙي عمر جي آخري ڏاڪي تي پهتل آهي. لڳي ٿو پاڻ ۾ ماءُ ۽ ڌيءَ آهن. ڪُراڙي ماءُ پنهنجي ڌيءَ کان موڪلائڻ لئہ آئي آهي، پر موڪلائي نہ ٿي سگهي. پل پل ۾ ڀاڪر وجهي هڪٻئي سان ملي رهيون آهن، ملي ڪٿي رهيون آهن!!؟ اُهي تہ ائين سمجهہ هڪٻئي ۾ مري رهيون آهن!**

**My God! What terrible you did this???**

آئون هاڻي انهيءَ جي تشريح ۾ ڪيئن لهان؟ مون وٽ اها پٿر دل ئي ناهي جو ان سٽ جي پکيڙ ٻڌائي سگهان، ڪو ذرو پرزو ڪا ڪٽي، داڻ...!؟ افسوس! جو منهنجي دل ۾ پٿر جو ذرو بہ ناهي. امر رائسنگهہ جي نثر ۾ آرٽ

جو وڏيڪ فيصلو پڙهندڙ پاڻهي ڪندا. آئون هن مهاڳ کي هن خط سميت پريل نيٽن سان هتي ئي ڇڏي ٿو ڏيان :

**" • امان! رات جا ٻارنهن ٿيا آهن. ريل پهچي چُڪي آهي. ريل ڇا پُهتي آهي جڻ دل جي آخري ڌڙڪن پهتي آهي ".**

**• مون الوداع وقت هن جي اکين ۾ ڳوٺ جي ترائيءَ کي هيلون هڻندي ڏٺو هو.**

**• هُوءَ جيئري هُئي ڪٿي؟ هُوءَ ته ڳوٺ جي اجهور ۾ گهر جو جهانپو ڇڏيندي ئي مري ويئي هُئي .**

**• هُن جي سُڏڪن ۾ پنهنجي گهر جي جهانپي واري ڪنڌيءَ ساهه کنيو پي ۽ اُن ڪنڌيءَ مٿي هن جو پاليل مور دانهون ڪري رهيو هو. آئون هاڻ خط پوسٽ ڪري ڪجهه ڏينهن لاءِ ڪراچي وڃان ٿو .**

*** اُن گهر ۾ هاڻ اڇڻ ئي کهڙو جيڪو پيڻ جي پويتر پيرن کان خالي هجي .......**

**امڙ! پنهنجي گهر جي اڱڻ اڳيان بيٺل ڪنڌيءَ جو وڻ وڍائي ڇڏجانءِ ڇاڪاڻ ته جيستائين ڪنڌي بيٺي هوندي تيستائين ان جي ٽار ۾ لوڏ ٻڌي لُڏندڙ امرتا جي ياد توکي برباد ڪندي رهندي. امرتا جي پاليل مور کي داڻا نه ڏجانءِ هُو پاڻهي دلشڪستو ٿي گهر ڇڏي ويندو. سوجهاڪي جو گهر جي صحن ۾ اچي، پاڻ کي ننڊ مان اُٿاريندڙ پنهنجي وڏياري ڏڳي کنهن کي ڏوجهي ڏيئي ڇڏجانءِ".**

## عزيز گل

سرد سياري جي آڌي،

**25ڊسمبر 2018**

پراڻ جو ڪپ، جهُڏو

پنهنجي پاران

# روئندي لکيل خط

لکڻ منهنجي عادت آهي ۽ عادت هڪ عضوو ٿيندي آهي. عضوو ڪٽڻ سان ماڻهو ايبنارمل ٿي پوندو آهي، سو آئون بہ لکڻ ڇڏي نہ ٿو سگهان ڇاڪاڻ تہ، آئون نارمل رهڻ چاهيان ٿو. هُئين بہ لکڻ کان سواءِ ٻيو مون وٽ آهي بہ ڇا؟ اها بہ مالڪ جي وڏي مهرباني جو مون جهڙي معمولي ماڻهو کي ايري سيري اها لکڻ واري ذات عنايت ڪئي، جو هن دنيا کي پنهنجي هُجڻ جو احساس ڏياري سگهيس نہ تہ گهر وارن کي بہ نہ وڻان ها ڇاڪاڻ تہ، وڻندو آهي پئسو سو پئسي ۽ منهنجو ڇهہ ڪوهن جو ڇيتو رهيو آهي. لڪشمي ۽ سرسوتيءَ جي جهيڙي ۾ آئون بہ جهڻ وانگي جُهڳيل آهيان. بيروزگار هئڻ سبب مالي طور ڪافي مُشڪلاتن کي منهن ڏنو آهي. پيٽ تي پٿر ٻڌي بہ جيئڻ جي جُستجو جاري رکي اٿم...ان آس سان تہ ڪڏهن تہ لُڙ لهندا!...

آئون ڇا آهيان؟ آئون ڪجهہ بہ نہ آهيان! آئون هڪ عام معمولي ماڻهو آهيان جنهن جو هن دنيا ۾ اچڻ شايد فضول هو. آئون ڇا ڪندو آهيان؟ لکڻ کانسواءِ ٻيو ڪجهہ ڪندو آهيان تہ گهٽي ۾ گهٽا چانور کائيندو آهيان! ريڊ اينڊ وائيٽ سگريٽ پيئندو آهيان، پيئڻ جي حساب سان تہ ٿري تان بہ ڪونہ گُسان، پنهنجي ٿن ٻڪرين لئہ ڪنبي مان پَن پاڻ لاهيندو آهيان، ڪونيٽن مان پلڙا ڇاڻيندو آهيان، موسيقيءَ ۾ ڏورو ٻُڌندو آهيان، مطالعي ۾ سُنا ڪتاب بہ پڙهندو آهيان، دردناڪ فلمون ڏسي روئندو آهيان، اخبارن ۾ نوڪرين جا اشتهار پڙهي درخواستون موڪليندو آهيان، ٻارن سان ٻار ٿي راند ڪندو آهيان، گهر ۾ ٻاجي پُٽي وڍڻ وارو ڪم بہ سرانجام ڏيندو آهيان، هيڏا سارا ڪم ڪيان پوءِ بہ ماڻهو مون کي واندو چون ٿا، الئہ ڇو؟

آئون هڪڙي رٽائرڊ پرائمري ماستر جو اُهو بيروزگار پُٽ آهيان جنهن وٽ قلم ۽ ڪاغذ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ آهي تہ اُهي منهنجا ٽي پُٽ آهن، جن جو پيار مون کي زنده رکيو اچي نت آئون ڪڏهوڪو مري چُڪو هجان ها. منهنجا پُٽ منهنجي ڪُل ميراث آهن. انهن جي اُدرپالنا ڪرڻ منهنجي زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي ذميواري آهي. اُها ذميواري آئون ڪهڙين مُشڪلاتن سان نڀايان ٿو اُن جو ادراڪ منهنجن اُنهن معصوم ٻچڙن کي ئي آهي، جيڪي مون سان گڏ کِلندا بہ آهن تہ روئندا بہ آهن.

آئون طبيعتن انتهائي سادڙو ماڻهو آهيان. اجائي ناهہ نُوهہ منهنجي مزاج ۾ ئي ناهي: مون ريڊي ميڊ ٿيڻ جي ڪڏهن بہ ڪوشش ناهي ڪئي: آئون اُن ماحول ۾ پنهنجو پاڻ کي مِس فِٽ محسوس ڪندو آهيان جنهن مان مصنوعيت جي بُوءِ اچي، جتي هر گُفتو ڳالهائڻ کان اڳ سؤ ڀيرا سوچڻو پوي، جتي ڪپڙن ۾ سيتجي سيتجي ماڻهو ماڻهو مان بُت بڻجي وڃي، جتي ريڊي ميڊ جُملا ۽ اجائي تهذيب جي تجلن جو ڏيکاءُ هجي، جتي چانور هٿ هوندي بہ چمچي سان کائڻا پون، جتي ٽُوال هوندي ٽِشُو پيپر سان هٿ اُگهڻا پون اهڙي ماحول ۾ منهنجو ساهُ مُنجهندو آهي، آئون اُتي پل بہ صدي جيڏي سڪرات پائيندو آهيان: آئون اُتي خوش هوندو آهيان جتي فطرت جي مهڪ هجي، جتي وڏا وڏا ٿهڪ ڏيئي تاڙي ملائي انجوائي ڪجي، جتي سگريٽ پيئندي اهو نہ سوچڻون پوي تہ ڦُلو هيٺ ڪريو تہ ڪپڙن کان اڳ تهذيب خراب ٿي ويندي، جتي پئسي بدران پيار تي بحث ڪيو وڃي، جتي هٿرادو تهذيب جا تجلا ڏيکارڻ بجاءِ ٿهڪن سان ڀرپُور زندگي جيئڻ جا جلوا هجن، جتي چانور کائڻ کان پوءِ ٻارن وانگي آڱريون چَٽي ڀڳوان جي ڀوجن جو صحيح سواد وٺي سگهجي! اهڙي دل کي وڻندڙ ماحول ۾ آئون نہ رڳو خوش هُوندو آهيان، پر جيئندو بہ آهيان. اهڙن دوستن جي ڪچهرين ۾ کِلندي، روئندي، پيئندي ۽ جيئندي صديون بہ پل اَپل ۾ بدلجي وينديون آهن!

آئون حياتي جي ڏيئي کي روشن رکڻ لئہ اَن جل جو تيل ڳوليندي ڳوليندي ٻنهہ ٿڪي پيو آهيان. بيروزگاري جا هٿ هاڻي منهنجي حياتي جي ڳچي ۾ صفا سوڙها پئجي ويا آهن هن بي حس سماج جي سينوريل

سسٽم ۾ ساهه منجهي ٿو. احساس جي آڪسيجن ڪٿان ملي ٿي نه ٿي ڇا ڪجي؟ جيئڻ لئه جستجو ڪندي ڪندي هاڻي بيزار ٿي پيو آهيان بيروزگاري هٿان مليل مفلسي جي پيڙا هميشه هٿيڪي ڏسي منهنجي هارايل ريس جهڙي حياتي جي هٿ مان منهنجا دوست به نڪري ويا ۽ آئون اڪيلو رهجي ويس .ائين جئين پري آڪاس ۾ ڊُرو اڪيلو هوندو آهي. گرو رنجنيش اوشو چوي ٿو ته"خلوت ۾ ماڻهو کي خدا به ملي ٿو" پر مونکي ته اڪيلائي ۾ عذاب ڪانسواءِ ڪجهه به نه مليو!

منهنجي وياڪل حياتي جي آڪاش مٿان سهارن جو اوزون ٽُٽي چڪو آهي ۽ ڪربن جي ڪينسر وڪوڙي وئي آهي.

منهنجي دوستي جي نظام شمشي ۾ ڪجهه دوست پلوتو ٿي ويا آهن ته ڪجهه دل جي ڏرتي تياڳي اميري جي خلا ۾ اڏامي ويا آهن. ڇاڪاڻ ته غربت ۾ ڪا به گريوٽي ناهي.

آئون جنهن جُوءِ ۾ جيئان ٿو اُن ۾ ماستر به آهن ته ڊاڪٽر به آهن، انجنيئر آهن، ڊسپينسر آهن، ٽپيدار آهن، سپاهي آهن، ڪلرڪ آهن، پٽيوالا آهن، چوڪيدار آهن، يهودين کان هوشيار واپاري آهن، شاگرد آهن پر ناهن ته ادب ذوق ناهن. منهنجي ڳوٺاڻن وٽ سڀ ڪجهه آهي سواءِ انساني ادراڪ جي! ادب کي واندي بڪواس سمجهندڙ ۽ پئسي کي ئي دنيا جو نوَ رتن مڃيندڙ ماحول ۾ هڪڙي فقير طبيعت ليکڪ جو جنم وٺڻ بدنصيبي ناهي ته ٻيو ڇاهي؟ ليکڪ جي لئه ادبي ماحول ۾ احساس آسڪيجن هوندو آهي، اُهو جتي نه هجي ۽ رڳو سنگدليءَ جي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ وافر مقدار ۾ ميسر هجي ته اهڙي اڻ سُهائيندڙ وايو منڊل ۾ ڪو حساس دل ڳوي پلا ڪيترو عرصو سروائيوَ ڪري سگهندو؟ جتي عدليه ته آهي، پر انصاف ناهي، جتي زميندار ته آهن، پر هاريءَ سان ڪيئن هلجي اهواج ڏينهن تائين سمجهي ناهن سگهيا.

هي ڪتاب منهنجي خطن جو مجموعو آهي، اُهي خط جيڪي مون کان پاڻ مُرادو لکجي ويا آهن، جن ۾ ڪا به مصنوعيت ناهي. انهن خطن کي مون روئندي لکيو آهي، جَهنگ مان ڪاٺيون ڪندي لکيو آهي، ڳنڍيءَ مان ٻَن لاهيندي لکيو آهي، ڪپ جي ٽُڳين مان نوڙي وٽيندي لکيو آهي،

مريڙو چوندبيندي لکيو آهي، بس ۾ سفر ڪندي لکيو آهي، جڏهن بہ ڪنهن هانوَ ڏاريندڙ حادثي ذهن جي زمين کي زلزلي وانگي لوڏيو ۽ ڌوڏيو آهي تڏهن مون لکيو آهي. لکڻ جي لئہ مون ڪو بہ ماحول سليڪٽ ناهي ڪيو. ڪو بہ خط مون مُوڊ ٺاهي ناهي لکيو. جتي ۽ جيئن درد جي لهر رُوح کي لوڏيو آهي مون لکيو آهي. اُميد تہ منهنجو هي قلمي پورهيو اوهان ديس واسين کي ضرور پسند ايندو!

آئون اول ۾ ٿورا ڳائيندس اُن گُل قلندر ڇوڪرَي جا، جنهن جو وطن لطيف جي ڌرتي سنڌُ آهي! سنڌُ جنهن کي هُو پنهنجي نرالي گَويتا جي ٻڪشن ۾ درسي ڪتاب وانگي پاڻئي ٿو. جنهن جي محبُوبہ هڪڙي مور جهڙي ڪونجل آهي ۽ ٻي ماڻينگر ماءُ هُئي، جنهن جي وڇوڙي ۾ هن جي دل نيرو جي روم وانگي سڙي رهي آهي. آئون ٿورا ڳائيندس اُن محبُوب شاعر جا، جيڪو حَسن درس کان پوءِ سنڌ جو اجگر ڪوي ٿي اُڀريو آهي. پال گوگين جي ڪنهن خوبصورت پيٽنگ جهڙو اُهو ڇوڪرو آهي پراڻ جي ڳپ جو رهواسي، جُهوني جاگرافي رکندڙ جُهڏي جي نگريءَ جي گَن ۾ جهومڪ وانگي لُڏندڙ عزيزِ مَن، عزيز گُل! هي ”گُلن ۾ ٻوليڻ سان گُلاب“ ٿي ملندڙ گُل آهي. آئون هن جا ٿورا ان ڪري مڃان ٿو جو هُن نہ رڳو دل سان هن ڪتاب جو مُهاڳ لکيو آهي، پر هُن منهنجي لکڻين جو قدر بہ ڪيو آهي. هُن مون کي احساس ڏياريو آهي تہ آئون بہ ڪجهہ لکي سگهان ٿو..لو يُو جگرا عزيز گُل... يُو لانگ لائيوَا!...

هاڻي آئون گُڻ ڳائيندس اُن مهان ماڻهو جا جيڪو ڪامريڊُ آهي! ڪامريڊُ جنهن کي فلاسافيڪل ٻوليءَ ۾ همدرد چوندا آهن. هُو منهنجو همدرد آهي! هُن منهنجي دردن کي دل جي گهراين سان سمجهيو آهي. هُو اهو ڪامريڊ آهي جيڪو غريب شاگردن جي پيرن ۾ جُتي نہ ڏسي ائين روئندو آهي جيئن مور پنهنجي پيرن کي ڏسي روئندو آهي. هُو هر اُن غريب جو ساٿي آهي جنهن جو هتي ڪير بہ نہ آهي، هُو رهزن ۽ رهنما کي صحيح طريقي سان سُڃاڻي ٿو هن وٿ پرک جي پنهنجي انوکي اک آهي؛ هُن سان منهنجي ڪڏهن بہ ملاقات ناهي. هُو منهنجو فيسبوڪ فرينڊ آهي، هُو منهنجي تخليق سان بي پناهہ پيار ڪندو آهي ۽ هي ڪتاب ڇپرائي ڏيڻ ۾

بہ هن جو وڏو هٿ آهي، آئون هن مردم شناس ماڻهوءَ جا ٿر جيڏا ٿورا ڪڍهن بہ نہ لاهي سگهندس، ان ڪري فقط ايترو ئي چوندس تہ...... لو يُو ڪامريڊ اشرف ڪُنڀار! جيئو سال هزار!!.....

آخر ۾ اُنهن سڀني دوستن جا لک قرب، جن منهنجي عرض ڪي حُڪم سمجهي هر وقت منهنجو ساٿ ڏنو...! هر ڏُک ۾ مون لئہ ڇپر ڇانوَ بڻيا. انهن سڀني جو آئون سدائين ٿورائتو رهندس.

آئون اوهان جو پنهنجو

**امر رائيسنگھ راجپوت**

**Cell # 03463751610**

28ڊسمبر 2018ع



**دانھون دردَ فراق جون، ڏيھَ ٻُجھي ٿو ڏور،
حمل ھيءُ ڪھڙو ڪلور، جو ساجن سُٽي ڪينڪي.**
(حمل فقير)

# پنهنجي پيڻ ڪي الوداع چوڻ لئہ آيل پاءُ جو ريلوي پليٽ فارم تان سندس ماءُ ڏي خط

## پيرن تي هٿ جيجل...!

آئون ريلوي پليٽ فارم ميرپورخاص تي موجود آهيان. رات جا ڏهہ ٿيا آهن. هن وقت جمعو آهي، ٻارنهن ڪان پوءِ ڇنڇر ٿي ويندو. اج اماوس جي ڪاري رات آهي، چنڊُ موڪل تي ويل آهي. جنڪشن تي لڳل بلبن جي پيليءَ روشني ۾ پليٽ فارم جرڪي پيو. اج ڪوڪرا پار واري رستي راجا واري ريل (ٿر ايڪسپريس) هندستان ويندي. ريل جيڪا هر هفتي اچي ۽ وڃي ٿي. ملائي ۽ جُدا ڪري ٿي. هي پليٽ فارم بہ ڏُک ۽ سُک ٻنهي جو حسين سنگم آهي. هن وقت جيڪڏهن راجا سڏُو ڏن جو شهزادو سدارٿ هجي ها ۽ دنيا ڏسڻ جو اصرار ڪري ها تہ ان جو مهارٿي چانا ڪيس ڪنهن بازار گهمائڻ وٺي وڃڻ ڪان اڳ ميرپور خاص يا جوڌپور جو جنڪشن ضرور ڏيکاري ها، جتي زندگي ڏُک، سُک، وڇوڙي ۽ ميلاپ سان سرشار ڏيکاءُ ڏيندي آهي. بيمار، لاچار، صحتمند، شوقين، فنڪار، پينو فقير، نوجوان ڇوڪريون، ڇوڪرا، پوڙها پڪا ۽ ننڍا وڏا سڀ هتي موجود آهن. ڪجهہ خوش آهن تہ ڪجهہ رنج و غم جي عالم ۾ ٻُڏل آهن. ٻارڙا گهوڙڙين ڪي ڏسي سندس مائرن ڪان خرچي گهري رهيا آهن. مهمانن ڪان موڪلائڻ لئہ گڏ آيل عزيز قريب سندن خدمت ڪرڻ ۾ پورا آهن. ڪو جوس پيو وٺي اچي تہ ڪنهن جي هٿ ۾ ڪوڪا ڪولا جي جمبُو بوتل آهي. ڪي سگريٽ پيا

ڇڪن تہ ڪي ٺهڪن ۾ ٽڙن پيا ۽ ڪي ڏُور اڪيلا وڻن جي اُداس پاڇن هيٺ مون وانگي اڪيلا روئن پيا.

**امان!** هي خط لکندي منهنجا هٿ ڏڪي رهيا آهن. اُهي هٿ جن سان ڪجهہ ئي ڪلاڪن ۾ پنهنجي سڳي پيءُ کي هميشہ لئہ الوداع ڪندس. جيجان! هن وقت آئون وڇوڙي جي مها ساگر جي ساحل تي بيهہ ڏسان ٿو تہ، دل پرجي اچي ٿي، پر اهو ساڳيو ساگر مون کي پار بہ ڪرڻو آهي. جن هٿن ۾ جنهن سدائين سِڪ مان راکيون ٻڌايون اُنهن ئي هٿن سان اُن کي الوداع ڪندس. منهنجي پيءُ هن وقت منهنجي سامهون آهي آئون جيءَ پري ڏسڻ چاهيان ٿو پر هڪ ٻئي سان اکيون ملائي الوداع ڪرڻ جيتري سگهہ ناهي رهي. اکين ۾ ايترو پاڻي آهي جو تصويرون ڌُنڌليون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون. امان! پيءُ کي ڪجهہ دير لئہ بابا وارن وٽ ويٽنگ لائونج ۾ ڇڏي ٻاهر نڪتو آهيان. ٻاهر هڪڙي سيمينٽ جي دِڪيءَ تي ويهي توکي خط لکي رهيو آهيان. ان ڪري جو آئون هاڻ ڪجهہ مهينن لئہ گهر ڪون ايندس. اُن گهر ۾ هاڻ اچڻ ئي ڪهڙو جيڪو پيءُ جي پويتر پيرن کان خالي هجي. جنهن گهر جي چونئرن ۽ چونڪين جا نيو بہ پنهنجي پاتي جي وڇوڙي ۾ ولکندا هجن. ان گهر ۾ ڪو پاءُ پنهنجي پيءُ جي منڙي ٻولي ٻُڌڻ کان سواءِ پلا ڪيئن رهي سگهندو؟ امان! ماٺهو کان پاليل پکيءَ بہ جلدي ناهي وسري سگهندو هي تہ ڪونجل پيءُ آهي، جنهن جي هٿ جي پچايل ماني ياد ايندي تہ پلا سُڏڪن ۾ ڪو گرهہ نڙي مان هيٺ لهي سگهندو؟

امان! ٻُڌاءِ پلا.. جڏهن رڪشا ٻنڌن واري ڏينهن ڀين جي هٿ ڪراين ۾ راکيون ڏسي راکيءَ کان محروم ٻنجي ويل منهنجا هٿ ڪُنل تتر وانگي ڦٿڪندا، تڏهن انهن هٿن جي ڪراين ۾ ڪير ڌاڳو ٻڌندو...؟

امان! منهنجي دل ٽوڙ درد جي ڪربناڪ ڪيفيت کي ڪير سمجهي سگهندو...؟

امان! جڏهن وسڪاري جو پاڻ ڇيڙن جو ساڳ ڪنداسين، تڏهن ساڳ مان ٽُڪري ٻوڙڻ کان اڳ ۾ پاڻ امرتا جي سِڪ ۾ ٻُڏي ويندا سين. هُن جي پسند جي هر پڌارٿ جڏهن پنهنجي اکين اڳيان ايندي تڏهن اکيون تڳوسر جي ترائي ٿي ويندي يون.

امان! آئون گهر ايندس تہ مُنهنجو ٻن سالن جو ننڍڙو پُٽ مون کان پُڇندو تہ بابا! ٻُڌا ڪٿي آهي؟ تڏهن آئون ڪهڙي ورندي ڏيندس؟ اُها دل ڪٺان آڻيان جنهن سان چوان تہ پُٽ توکي سڄو ڏينهن ڪڇ ۾ ڪوني تو سان بي لوث محبت ڪندڙ تنهنجي ٻُڌا کي بنا ڏوهہ وطن جي وٽن کان جُدا ڪري اسين پنهنجي پرمپرا پاري آياسين. امرتا لئہ هر وسڪاري جو پيون چوندي ايندڙ ماسي پدمان ميگهواڙڻ کي ڪهڙي منهن سان جواب ڏيندس تہ تنهنجي ڏڪري جهڙي امرتا هاڻ هن وطن جي سرحدن مان نڪري چُڪي آهي. ماسيءَ کي ائين چوندس تہ هن جي پيپن سان گڏ هن جو بہ ساهہ نڪري ويندو، چاڪاڻ تہ هُوءَ پاڻ کان مٿي احساس رکي ٿي.

جيجل! ٻُڌاءِ اهڙي ڪيفيت ۾ ڪيئن جيءَ سگهنداسين...!؟

ڊِڪي جي پرسان ڪاٺ جي اڌ ڀڳل بيئنچ تي هڪڙو اڌڙوٺ شخص ويٺل آهي. جنهن جي اکين ۾ عجيب خوشيءَ جهلڪي رهي آهي. هن سان گڏ هڪ نوجوان بہ ويٺو آهي جيڪو پوڙهي کي ڪجهہ سمجهائي رهيو آهي. آئون انهن وٽ وڃي پُڇان ٿو تہ، چاچا ڪٿان کان آيا آهيو؟ تڏهن ڪُراڙي سان گڏ ويٺل نوجوان وراڻي ٿو تہ، اسين پارڪر جا آهيون. هي منهنجو پيءُ آهي. اڄ هندستان وڃي ٿو. نوجوان جي واتان اهو ٻُڌي چاچي کان پڇيم چاچا هندستان ڇو ٿا وڃو؟ ڪُراڙي هڪڙو ٿڌو ساهہ ڀري وراڻيو تہ” پُٽڙا! آئون پنهنجي ڀيڻَ کي ڏسڻ وڃان پيو. منهنجي ڀيڻ چاڇري جي ڀرسان هڪڙي ڳوٺ ۾ پرڻايل هُئي. اُن ڳوٺ وارا ايڪوتر (71) واري لڙائي ۾ لڏي ويا هئا .منهنجي ڀيڻَ بہ گڏ وٺي ويا هئا. بابلا ڏيئرون هونديون ئي پرايو ڌڻ آهن. مون کي مهيني کان پوءِ پتو پيو تہ هُوءَ لڏي ويئي آهي. بس منهن مٿو پٽي ويهي رهيس. اڄ ستيتاليهہ سال ٿيا آهن. منهنجو بہ قبر ۾ پير آهي، پر ڀيڻ جو منهن ڏسڻ لئہ ساهہ ڪڻان پيو. هاڻ هُوءَ بہ رڳو منهنجو منهن ڏسڻ لئہ جيئري آهي .فون تي ڳالهائيندي آهي تہ درد ۾ لُڙهي ويندي آهي. ڳالهائيندي ڪٿي آهي هُوءَ تہ رڳو روئندي آهي. چوندي آهي” ڀايا هيڪي گهوئي جوئي جائي“ امان جو پڇندي آهي ڪئين آهي تہ، چوندا آهيون چڱي ڀلي آهي پر ٻوڙي ٿي ويئي آهي ٻُڌي گهٽ ٿي. پُٽڙا ڪيئن ٻُڌايان تہ امڙ تہ تنهنجي جُدائي ۾ مهينو ئي مس ڪٽي سگهي “.ايترو چئي پوڙهو

سُڏڪن ۾ بُڏي ويو آهي. آئون ڪيس آٿت ڏيندي چوان ٿو ته, چاچا ڏُک سُک زندگيءَ جو حصو آهن. حوصلو نه هارجو. منهنجي اهڙي ورندي تي خبر آهي هُو ڇا ٿو چوي؟ هُو وراڻي ٿو ته ”پُٽ حوصلو ئي ته بچيو آهي جنهن جي سهاري ستيتاليهه سال وڇوڙن جي پلصراط تي هلندي گُذاريا آهن. ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڪڍيل سيمائن جو ريڪائون اسان جي هٿن ۾ وڇوڙي جون لڪيرون بڻجي ويون آهن. اسين انهن لڪيرن کي تقدير جي تقاضا سمجهي ڀوڳي رهيا آهيون.“ پوڙهي جي واتان اهڙي غم ڀري گُفتگو ٻڌي منهنجو ته ساهه سڪتي ۾ اچي ويو آهي.

جيجان! ٻه عورتون آهن. ٻنهي کي هِندوُ لُهارن وارو لُهارڪو لباس پاتل آهي. هڪڙي اڌڙوٽ عمر ۾ آهي ۽ هڪڙي عمر جي آخري ڏاڪي تي پهتل آهي. لڳي ٿو پاڻ ۾ ماءُ ۽ ڌي آهن. ڪُراڙيءَ ماءُ پنهنجي ڌيءَ کان موڪلائڻ لئه آئي آهي پر موڪلائي نه ٿي سگهي. پل پل ۾ ڀاڪر وجهي هڪ ٻئي سان ملي رهيون آهن. ملي ڪٿي رهيون آهن اُهي ته ائين سمجهه هڪ ٻئي ۾ مري رهيون آهن. ماءُ کي پڪ آهي ته هُوءَ هاڻي پنهنجي پرديسڻ ڌيءَ کي وري ڪڏهن به ڏسي نه سگهندي. ڪڏهن به نه ڏسي سگهڻ وارو ڏُک هن کي موڪلائڻ ئي نه ٿو ڏي. ڌيءَ پنهنجي مرڻ تي پُهتل ماءُ جي ڪنڌ مان ڀاڪُر ڪڍي ئي نه ٿي. اجهو امان! ريل جي چيخ ٻُڌڻ ۾ اچي پيئي, سمورو پليٽ فارم درد ۾ ٻُڏي ويو آهي. سڀ ڪو پنهنجن پيارن کي جيءَ ڀري ڏسڻ ۽ ملڻ جي ممتا ۾ تڙپي اُٿيو آهي. اُهي ٻئي عورتون هڪ ٻئي مان ڇُٽن ئي نه ٿيون. انهن کي پاڻ ۾ جُدا ڪرڻ لئه مون جهڙو ڪو پٿر دل هينئر آيو آهي. اُن دابا دڙڪا ڏيئي ٻنهي کي الڳ ڪيو آهي. ڪُراڙي عورت جو سڏ رهجي ويو آهي ان جي نڙي مان دانهن نڪري ئي نٿي. رڳو خاموش لُڙڪن سان پنهنجي اوڇنگارون ڏيندڙ ڌيءَ کي آخري دفعو ڏسي رهي آهي.! الا... آخري دفعو .. ڇا آئون به پنهنجي پيڻ کي آخري دفعو ڏسي رهيو آهيان..؟ امان! رات جا ٻارنهن ٿيا آهن. ريل پهچي چُڪي آهي. ريل ڇا پُهتي آهي جڻ دل جو آخري ڌڙڪڻ شروع ٿيو آهي. پليٽ فارم تي موجود ماڻهن جي چهرن تي عجيب نموني جي اُداسي ۽ خوشي ڇانيل آهي. خوش اهي آهن, جيڪي ورهيه پُڄاڻان پنهنجن سان ملڻ وڃن پيا ۽ ڏُکارا اهي آهن, جيڪي

پنهنجن ڪي الوداع ڪري رهيا آهن. آئون هاڻي وڃان ٿو ويٽنگ لائونج ۾ پنهنجي پياري پيڻ سان موڪلائڻ....هاڻي ريل رواني ٿيڻ کان پوءِ وڌيڪ احوال لکندس.

امان! آئون موڪلائڻ چا ويس....چري منهنجي ڪنڌ مان ٻانهون ڪڍي ئي نہ.... جام آٿتون ڏنم تہ بابا گڏ هلن ٿا. آئون بہ جلدي توکي ڏسڻ لئہ ايندس. نيٺ مس مس پاڻ کان جدا ڪري پليٽ فارم نمبر ون تي وٺي وياسين جتي پوليس چيڪنگ واري ڪارروائي کان پوءِ هندستان ويندڙن کي اندر ڇڏيندا ويا. جتان ريل ۾ چڙهندا آهن .باقي ٻين کي گيٽ تان واپس ڪري ڇڏيائون. منهنجي منڙي پيڻ ايستائين مون کي پاڇل ڦوري ڏسندي رهي جيستائين سندس نظرن کان اوجهل ٿي ويس.

امان! ماڻهو مٽي جا کُلهي ڪانڌي ٿيندا آهن. پر آئون پنهنجي ننيڙي پيڻ کي جيئري ئي کُلهو ڏيئي آيس. هُوءَ جيئري هُئي ڪٽي. هُوءَ تہ ڳوٺ جي اجهور ۾ گهر جو جهانپو ڇڏيندي ئي مري ويئي هُئي. هُن جي پُرنم اکين ۾ فقط پنهنجو وطن زنده هو. هُوءَ پنهنجو وطن پاڻ سان گڏ کڻي ويئي آهي. امان! مون الودعي وقت هن جي اکين ۾ ڳوٺ جي ترائي کي هيلون هڻندي ڏٺو هو. هُن جي سُڏڪن ۾ پنهنجي گهر جي جهانپي واري ڪنڊيءَ ساهہ کنيو پيي ۽ اُن ڪنڊيءَ مٿي هن جو پاليل مور دانهون ڪري رهيو هو. اُهو مور هيستائين مري چُڪو هوندو. هُن جي آخري ڏنل اوچنگار ۾ ائين لڳو پيي چڻ هُن جون سيئي سهيليون هڪ ئي وقت مري ويون هُجن ۽ هُوءَ اڪيلي ماتم ڪندي هجي. هُوءَ اڪيلي تہ تڏهن بہ ٿي ويئي هُوندي امان! جڏهن سنڌڙيءَ جي سرزمين تي آخري سج ڏسڻ مهل کوکرا پار جي ڳوٺ وٽ. ريل جي ڪمپارٽمينٽ واري ڪڙڪي مان وطن ڏي آخري نگاهہ ڪندي اکيون پوري ڇڏيون هونديون!...

**قلم تازه:** سوجهاڪو ٿيو آهي. جنڪشن خالي ٿي چُڪو آهي. آئون هاڻ خط پوسٽ ڪري ڪراچي وڃان ٿو. امڙ! پنهنجي گهر جي اڱڻ اڳيان بيٺل ڪنڊيءَ جي وڻ کي وڍائي ڇڏجانءِ ڇاڪاڻ تہ. جيستائين ڪنڊي بيٺي هوندي تيستائين ان جي ٽار ۾ لوڏ ٻڌي لُڏندڙ امرتا جي ياد توکي برباد ڪندي رهندي. امرتا جي پاليل مور کي داڻا نہ ڏجانءِ هُو پاڻهي دلشڪستو

ٿي گهر ڇڏي ويندو. سوجهاڪي جو گهر جي صحن ۾ اچي پاڻ کي ننڍ مان اُٿاريندڙ پنهنجي وڏياري ڏڳي ڪنهن کي ڏوجهي ڏيئي ڇڏجانءِ.

امان! هاڻي پنهنجو خيال پاڻ رکجانءِ، ڇاڪاڻ ته تنهنجو خيال رکڻ واري توکان ڪوهين ڏُور وڃي چُڪي آهي.جنهن جي پاڇي لئه به سڪي ويندينءَ.

پيرن تي هٿ امڙ

**فقط تنهنجو پُٽ تروِيندر**

# خودڪشي ڪندڙ عورت
# جي ڪيسي مان مليل خط ....

## اي منهنجا گهر ڌڻي...!

اڄ رات لڙي آهي. چنڊُ آسمان جي وچ تي چمڪي رهيو آهي. توکي ننڊ ۾ سُتل ڇڏي وڃان ٿي. ڪيڏو نہ سُڪون سان سُتو آهين. نہ پيٽ جي ڳڻتي نہ وياج جو ڊپ، نہ مٿي تي تغاري نہ ڪو ڪلهن تي بوجهہ..صبح جو اُٿندين تہ وري ساڳيا سُور هوندا جيڪي آئون هاڻ ڏسي نہ ٿي سگهان. آئون توکي ائين ئي پُرسڪون ڏسي سڪون سان مري سگهان ٿي. ببلو پينگهي ۾ اڄ بُکايل ڇڏي وڃان ٿي. سنجهي مان سُڪل ڇاتيءَ ڌارائي هُئي. صغير ٻار کي يتيم ڇڏڻ زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو ڏُک آهي. اهو ڏُک پوءِ ڀي سگهان ٿي، پر روز بُک ۾ رڙيون ڪندي ڏسي نہ ٿي سگهان. منهنجي هٿ جي پڪل ماني آخري ڀيرو ضرور کائجانءِ، جيڪا مون رات پچائي رلڪي ۾ ويڙهي ڇڪي ۾ ٽنگي رکي آهي. گيهہ سان مکيل نہ هوندي، پر منهنجي لُڙڪن جو ذائقو ضرور هوندو. آئون تنهنجي اجازت بنا اڄ پهريون ۽ آخري دفعو وڏو ڪم ڪرڻ وڃي رهي آهيان .تنهنجي اجازت بنا مون ڪڏهن ماني بہ نہ ڪاڏي هئي پر اڄ ڦاهي کائڻ وڃي رهي آهيان. توکي خبر آهي غريبن جي ٻارن کي جڏهن بُک لڳندي آهي تڏهن ڦاهي کائيندا آهن. ڇاڪاڻ تہ ماني مهانگي آهي ۽ ڦاهي سستي آهي. ان ڪري اڄ آئون بہ ڊوُ ڪرڻ وڃان پيئي.

اي منهنجا واهيلا ور ڌڻي! منهنجي هن ڪنيل قدم تي روئجانءِ نہ. تون روئندين تہ منهنجو روح تڙپندو. جسم تہ اڳي ئي گهڻو تڙپيو آهي هاڻي روح کي تڙپائڻ نہ ٿي چاهيان. مون توکي اڳي ئي گهڻو روئاڙيو آهي. توکي ياد هوندو جڏهن پنهنجي پاڙي ۾ شادي هُئي سيني عورتن جي هٿن ۾ نيون چوڙيون ۽ نوان وڳا هُئا. هڪڙي آئون ئي هيس جنهن وٽ سڀ ڪجهہ پُراڻو

هو. تون مون کي ڏسي ڏاڍو رُنو هُئين. تڏهن مون تنهنجا لُڙڪ اُگهندي چيو هو تہ ”چريا ڪپڙا صرف امير پائيندا آهن غريب تہ فقط اوگهڙ ڍڪيندا آهن.“ اُن مهل توکي سموري ڪائنات اُگهاڙي لڳي هُئي. توکي ياد آهي جڏهن پنهنجو ببلو منهنجي پيٽ ۾ هو مون کي مڇي کائڻ جي مور ٿي هُئي. تون سڄو ڏينهن ڳوٺ ۾ اُڌارن پئسن لئہ اُجايل هرڻ جيئن لُڇيو هُئين پر ڪنهن بہ توکي ہہ پئسہ اُڌارا ڪون ڏنا هُئا .اُن ڏينهن ڳوٺ جي سيٺين جي پيٽين ۾ پيل پئسا شرم ۾ ٻُڏي ويا هُئا. تون پنهنجي بيوسيءَ تي ہارن جئن رُنو هُئين. تڏهن مون چيو هو تہ چريا پاڻ غريب آهيون. غريب جن کي خيرات جو پيٽ بہ عزت سان ناهي ملندو سو پئسو ڪٿان ملندو؟

پاڻ وياج تي پئسا کڻي ڪو پنج ستارا هوٽل ۾ ويهي پيزا ڪونہ کاڌا هُئاسين ۽ نہ ئي وري ڪنهن ٽُوئريسٽ اسپاٽ تي وڃي شيمپيئن اُڏائي هُئي سين. پر پاڻ تہ ٻني پوکڻ لئہ ٻج ورتو هو. برسات جي بي وفائي سبب ٻج بہ واپس نہ وريو تہ اُن ۾ پانجو ڪهڙو ڏوهہ؟ پاڻ تہ سڄو ڏينهن ٻني کي واڙ ڪندي رات جو ٿڪي ٽُٽي ڪري پوندا هُئاسين. پاڻ کي ڪهڙي خبر تہ وياج رات ڏينهن سمهندو ئي ناهي، اها خبر هجي ها تہ پاڻ سمهون ئي ڪونہ ها. وياج وڌندو ويو ۽ پاڻ قرضو ٿي وياسين. قرضو چُڪائڻ لئہ ڪا شي نہ هُئي، نيٺ تو منهنجي ڳچي جي هنسلي گهُري، جيڪا آئون جيئري نٿي ڏيئي سگهيس، ان ڪري مون کي مرٽو پيو. ماڻهو چوندا تہ ڪا چري عورت هُئي جنهن معمولي هنسلي جي ڪري حياتي وڃائي ڇڏي. پر پيارا...! احساس کان وانجهيل ماڻهن کي ڪهڙي ڪل تہ ڪڏهن ڪا معمولي وَسٽُو بہ وڏي اهميت اختيار ڪري ويندي آهي. جيڪا حياتيءَ کان بہ وڌيڪ لڳڻ لڳندي آهي. آئون بہ اها هنسلي جيئري نہ ٿي ڏيئي سگهان. اها هنسليءَ جيڪا منهنجي ماءُ جي هٿ جي ڏنل آخري نشاني هُئي. پنهنجي سهاڳ جي اڪيلي سُونهن هُئي. اُها توکي ڏيان ها تہ پاڙي واريون مايون مهڻا ڏين ها تہ ٻُکين ٿول وڪڻي ڇڏيا. اُنهن کي ڪهڙي خبر تہ مجبوري ماءُ تي گار جهڙي اذيتناڪ هوندي آهي. جيڪا زيور يا زمين ناهي ڏسندي .تنهنجي مجبوري ۽ بيوسي فقط آئون ئي سمجهي سگهان ٿي. آئون جيڪا تنهنجو اڌ آهيان. تنهنجي بدن تي وستر جيان ويڙهيل آهيان. تون وڻ آهين تہ آئون

ڇانوَ آهيان. تون ڪڪر آهين ته آئون ورشا آهيان. ان ڪري آئون تنهنجي مجبوريءَ کي سمجهي توکي هميشه لئه هنسلي ڏيئي وجان ٿي. هن کي وڪڻي قرضو چُڪائجانءِ.

توکي اهو ڏينهن ته چٽو ياد هوندو، جنهن ڏينهن پنهنجي گهر ۾ اٽو ڪونه هو .توکي پنڌرنهن ڏينهن کان ڪٿي ڪا مزوري ڪانه ملي هئي. آئون تسيو کڻي پاڙي مان اُڌارو اٽو وٺڻ ويئي هيس. نما شام جو ٽاٽو هو. پاڙي واري مائي اهو چئي اٽو نه ڏنو ته اوهين واپس ڪنهن مان ڏيندا..؟ خالي تسيو ۽ پريل نيڻ کڻي واپس آئي هيس. تو چيو هو اڄ ورت رکون ٿا مون چيو ورت ته ڏينهن جو رکندا آهن. تو سُڏڪندي وراڻيو هو پڳلي! غريبن جون گهڻيون راتيون روزن ۾ گذرنديون آهن. اها سڄي رات پاڻ روئندي گُذاري هُئي سين. اهڙا ڪيئي واقعا آهن جن جي ڪري هاڻ جيئڻ تان ارواح ئي کڄي ويو آهي. پاڻ به انسان آهيون. هر انسان جون حسرتون هونديون آهن. زندگيءَ ۾ جيڪڏهن هڪڙي به حسرت پوري نه ٿئي، سيئي ارمان اڌُورا رهجي وڃن ته پوءِ اهڙي زندگيءَ سان وفا ڪرڻ ۾ ڪهڙو فائدو؟ آئون جڏهن توکي تغاريون کڻندي ڏسندي هيس تڏهن پنهنجي منهن اڪيلي سڄو سڄو ڏينهن روئندي هيس، نيٺ سوچيم روئڻ سان ڇا ٿيندو ڪجهه ور سان هٿ ونڊايان. سو ان ڪري پاڙي وارن گهرن ۾ وڃي ڪنهن جا ويڙها ٻهاريندي هيس ته ڪنهن جي اوتن لئه ڇيڻو کڻندي هيس. ڪنهن جا ڪپڙا ڌُوئيندي هيس ته ڪنهن جو اٽو پيهندي هيس .بدلي ۾ کي مايون رکا ٽُڪر ڏينديون هُيون ته ڪي رحم کائي به پئسا روڪڙا به ڏينديون هُيون. الا پيٽ لئه ڇا ڇا نه ڪيو. پراين گهرن ۾ پيٽ لئه پانپرا ڪرڻ پرايو گند ٻُهارڻ تمام ڪٺن ڪم هوندو آهي. اهو ڪم به ڪرڻو پيو.

ڇوندا آهن ته ڏاهو ٿي ڪنهن ڪمايو ناهي ۽ چريو ٿي ڪنهن وڃايو ناهي. انساني زندگي ۾ قسمت جو وڏو عمل دخل هوندو آهي ۽ قسمت هميشه ڏٻرن کي ڌُڪ ڏيندي آهي. جسم جي هڏي اها ئي ٽُٽندي آهي جيڪا ڪمزور هوندي آهي. واڙ اُتان ئي جهرندي آهي جتان ايري هوندي آهي. توکي دنيا پلي نياڳو ڪم چور ۽ هڏ حرام چئي، پر تون مون لئه هيرو آهين.

تو تنتي ڏينهن جو تغاريون ڪٽي منهنجو پيٽ پاليو آهي. توکي ڪيئن چوان ڪم چور تون تہ منهنجي مٽي جو موڙ آهين.

پورو مهينو هٿ جون آڱريون رت ڪري نور نچوئي پرت پريم تہ هن جي اجوري مان پاءُ جي شاديءَ تي پاڄائي لئہ ڪپڙن جو جوڙو وٺي ويندس، پر جڏهن پرت پرائڻ وارو سيٺ واپس گادڪيون ڪڻڻ آيو تڏهن اٺ رپيا في گادي جي حساب سان ڏنائين .ڏهہ گادين جا اسي روپيا. نہ پاڄائي لئہ جوڙو وٺي سگهيم نہ قرضو چڪائي سگهيم .هاڻ انهن اسي روپين ۾ شايد منهنجو آخري سفيد جوڙو بہ مشڪل ٿي سگهي. اهڙين حالتن ۾ پاڻ غريبن جي جيئڻ جو پلا ڪهڙو جواز آهي؟ پورهئي جو صحيح اجورو نہ مليو. وياج خور وياج لئہ تنگ ڪيو. مالڪ مينهن نہ وسايو. پيٽ جي بُک نہ اُجهي. تڏهن سوچيم هاڻي حياتيءَ کي رڳو ساهہ تي تڳائي واندي آڪسيجن وڃائڻ کان چڱو آهي موت سان ملاقات ڪجي شايد اُتي هي جنجهٽ نہ هجن. ان ڪري اڄ خودڪشي ڪيان ٿي.

چڱو منا. . .! وري اُن جنم ۾ ملنداسين جنهن ۾ انسانيت عروج تي هوندي. جنهن ۾ بُک ماڻهون نہ کائيندي. جنهن ۾ رت ولوڙيل پورهئي جو اجورو صحيح ملندو. ها وري اُتي ملنداسين جتي وياج جو رواج نہ هوندو. جتي ڍؤ تي ماني ملندي. جتي گرپوتيءَ کي مور ۾ مڃي سولي ملي سگهندي. جتي قرض جهڙي مرض کان ڇوٽڪاري لئہ ڪا بہ ڳڇي هنسليءَ جي قرباني نہ ڏيندي. جتي ٿڃ پياڪ ٻار جي کير لئہ ڪا بہ ماءُ پنهنجي عصمت وڪڻڻ تي مجبور نہ هوندي. جتي نما شام جو تسيا ڪٽي ڪنهن کان اٽو اُڌارو نہ وٺڻو پوندو. جتي بدن تي اگڙيون نہ، پر پوشاڪ پائي سگهنداسين. ها اُتي ملنداسين جتي انسان تسليم ڪيا ويندا سين. ايستائين الوداع ڪيان ٿي منهنجا منا. . .! خط جي آخر ۾ تو لئہ پنهنجن پياسن چپن جون بہ چُميون رکي وڃان ٿي، جن کي پنهنجي اکين سان ڪٽي وصول ڪري وٺجانءِ.

## فقط تنهنجي ارڌانگي ارپتا

# هڪ حساس دل پُٽ جو پنهنجي ماءُ ڪي خط!

امان! هِي ڏِياري منهنجي نڙي ۾ اٽڪي پيئي آهي...

پيرن تي هٿ جيجان...! ڏياريءَ جا سمورا ڏُک پنهنجي اکين سان ميڙي هينئر ٽڪي ٽُٽي اچي ڇنل منجي تي سُتو آهيان. ننڍ لُڙڪن جي سيلاب ۾ لُڙهي ويئي آهي .اماوس جي ڪرس گيل جهڙي ڪاري رات جي اونڌاهي ڇانئجي چُڪي آهي. وشال آڪاش تي ديپڪا جهڙا ستارن جا ديپ ٻرن پيا جن ڪان منهنجو منجي تي پيل اڌ مئل وجود. ڏيجوانن جي مري ويل ڏياريءَ جي تعزيت وصول ڪري رهيو آهي. ڌنوانن جي زوردار ڦٽاڪن جي ڌماڪن سبب مور مانا ٿي ويا آهن. ٽيج پياڪ ٻار ڇرڪون ڀري ڀري هاڻ پنهنجي مائرن جي ممتا ڀرين ڇاتين سان ڇهٽي سمهي پيا آهن. اميرن جي انجواءِ اڃان جاري آهي، جنهن ۾ ان ڳالهہ تي بحث ٿي رهيو آهي تہ ڦلاٽي جا ڦتاڪا الاٽي ڪان گوءَ ڪٽي ويا آهن ۽ هي ستون پيگ آهي. لڪشميءَ جي پوڄا لڪشمي وارن ڪري ڇڏي آهي. سالن ڪان تجوڙين ۾ دم توڙي ويل نوٽن کي بہ هاڻ پڪ سان گُلال جا تلڪ لڳي ويا هوندا. اُميد آهي تہ نرڌنن کي سياڻي دان ڪرڻ لئہ ڌنوانن اوبر جهڙي ”اُتم“ دان کي سنڀالي رکڻ نہ وساريو هوندو. رکي رکي ڪو ڦتاڪو اڃان بہ ٻري ٿو. سموري ڳوٺ جا ڏيئا ڏيجوانن جي ڏُک ۾ برابر جا شريڪ ٿيڻ لئہ هوا سان هٿ ملائي ازخود گُل ٿي چُڪا آهن.

امان! هي ڪهڙي دنيا جا ماڻهو آهن جيڪي فقط پنهنجو ئي سوچين ٿا؟ پنهنجو ٻار ٻار لڳي ٿو باقي ٻار ڌرتيءَ تي بار لڳن ٿا. پنهنجو پيءُ مري ٿو تہ يتيمي محسوس ٿئي ٿي ۽ ٻئي جو پيءُ مري ٿو تہ چون ٿا منجو واندو ٿيو.

خوشيءَ جا تهوار بہ هنن پاڻ تائين محدود ڪري ڇڏيا آهن. پاڻ اسٽرونگ بيئر جا ڏٻا پيئن تہ انجواءِ آهي ۽ ڪو غريب ٺري جو ڍُڪ پيري تہ چون واهيات موالي آهي .ائين ڇو آهي؟ پنهنجي پيٽ پيٽ آهي باقي ٻين جون پيٽون سڀ جنسي عياشيءَ جو سامان آهن! پنهنجو ويجهو رشتيدار مري تہ قدرت جو قهر باقي ٻين جا معصوم ٻار مرن تہ لکئي جو ليک!

امان...! هر ڪو پنهنجي دنيا ۾ گُم آهي، پر مون کي هي تصورن جا تير سمهڻ ئي نٿا ڏين.سوچيان ٿو تہ اج الئہ تہ ڪيترا اگهڻ ميڻ بتيءَ کان محروم رهجي ويا هوندا. ڳٽڻ کان مٽي گهرن جا چُلهہ مناڻ کان محروم رهجي ويا هوندا. نہ ڄاڻ تہ ڪيترن ٻارڙن جون حسرتون هولي ٿي ويون هونديون. خبر ناهي تہ ڪيتريون اُهي سهاڳڻيون بنا سينگار جي ڏُک مان ڏيئا ٻاري پرمپرا پاري سُتيون هونديون، جن جا ور اهڙي ڏينهن بہ گهر موٽي نہ سگهيا. جن جا ٻار گهر جي دئار ۾ اکيون اٽڪائي اڌ رات تائين سندن بابلن جي آجيان ڪرڻ لئہ اُپي پير بيٺا هوندا. انهن جي آس جڏهن نراس ٿي هوندي تڏهن انهن سندن مائرن جا آنچل جهلي اهو پڇيو هوندو تہ امان بابو ڇو ڪونہ آيو؟ ڪهڙو جواب ڏيئي سگهيون هونديون اُهي مجبور مائرون جن جا ور پيٽ خاطر پنهنجي گهر کان پري رهجي ويا. انهن بدنصيب بابلن کي اهڙي شُڀ ڏڻ تي بہ ستمگر سيٺين وٽان موڪل ملي نہ سگهي. ابو ڇو ڪونہ آيو؟ ڪيڏو نہ پاري سوال آهي. ڪيڏي نہ پيڙا سمايل آهي انهي هڪڙي سِٽ ۾! اهڙي قهري ڪيفيت ۾ انهن مائرن سندس ٻچڙن کي آٿت ڏيندي اهو ئي چيو هوندو تہ هُن کي ڏياريءَ جي خبر ڪونہ هوندي. تڏهن ڪونہ آيو.

امان! هن ڏياريءَ کان اڳ ۾ هڪڙو ڏينهن مون پنهنجي ديس جي پسمانده ماروئڙن جو مشاهدو ڪري ڏٺو آهي. اڌ کان وڌ ماڻهو ايذائن ۽ عقوبتن ۾ وڪوڙيل آهن .ٻُک ماڻهن کي ماڻهو ڇڏيو ئي ناهي. ڪالهہ منئي جي هڪڙي امير محلي ۾ غريبن کي سج لٿي مهل خالي هٿين لهندڙ سج سان گڏ جيئري لحد ۾ لهندي ڏٺو آهي. انهن کي ڪنهن ڪم ظرف ڪوڙي خبر ڏني تہ منئي ۾ هاتم طائي سان هوڏ ڪندي سيٺيا سخاوت پيا ڪن. ٻُکايل پيٽن کي ماني جي ڪشش ٿقل بجلي جي رفتار سان اوڏانهن وٺي ويئي، پر هٿين خالي سندن گهرن ڏانهن ورڻ مهل انهن جي قدمن ۾ جڻ

هزارين هاڻي وچڙي پيا هئا. امان! مون انهن جي چھرن جا ڪتاب روح جي ٻولي ۾ پڙهيا آهن. هاڻي آئون ڪڏهن بہ خوشيءَ جو تهوار ڪونہ ملهائيندس. انسان جا هٿرادو مقرر ڪيل هي خوشين جا مخصوص ڏهاڙا بہ فقط هوند وارن لئہ ئي هوندا آهن. اڻهوند وارن کي هي ڏڻ وڏا عذاب ڏيئي ويندا آهن. امان! مون اهڙن ڏڻن تي ٻي پهچ ماڻهن کي پهچ وارن جي اوٻر ڪائيندي اکين ڏٺو آهي. ڌارين جي درن تي اوٻر ڪائڻ دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي بدنصيبي ۽ ڏُک واري ڳالهہ آهي. اهڙيون ڳالهيون مون کي وقت کان اڳ ماري وينديون. دنيا جا دردناڪ منظر هاڻي ڏسي نہ ٿو سگهان.

امان! مون ان ماءُ جي اکين کي بہ اوڏي کان ڏٺو آهي، جنهن جو جوان پُٽ پيٽ خاطر اٺ مهينا ماءُ کان پري رهيو ۽ ڏياريءَ جي ڏينهن ڳوٺ ايندي روڊ حادثي ۾ مري ويو. اُها ماءُ ائين چاهيندي تہ اهڙو ڏڻ هجي ئي نہ ها تہ گهٽ ۾ گهٽ هن جو پُٽ حياتيءَ تہ هجي ها. ان بدنصيب ماءُ جي نٻل وجود مٿان ان وقت ڪهڙي ارگٽ وهي هوندي؟ جڏهن هن پنهنجي پُٽ کي گهوٽ جي جوڙي ۾ وڏي عمر لئہ آشيرواد جي چمي ڏيڻ بدران ڪفن ۾ سرڳ لوڪ جي پرارٿنا ڪندي پنهنجا رڳندڙ چپ، ڦيٽن سان چچريل پُٽ جي پيشانيءَ تي رکيا هوندا. امان! هن دنيا ۾ ڪو ڪهڙو آلو هوندو جيڪو ان دل ڏوڏيندڙ درد جي ڪيفيت جي ڪيپسٽي معلوم ڪري سگهي. امان! مون اُن پيڻ جون اوڇنگارون ۽ آلاپ پنهنجي اياڳن ڪنن سان ٻُڌا آهن، جنهن کي پاءُ اهو چئي ويو هو تہ پيڻ هاڻ جڏهن ايندس تڏهن تولئہ شال وٺي ايندس. ٻئي ڏينهن سندس لاش وصول ڪندي پيڻ جڏهن "مهانجا پايا ڙي تون ڪيڻ گيو" وارن آلاپن سان آڌي رات جو اوڇنگارون ڏنيون، تڏهن سموري ڳوٺ کي ڏياري ڏنپ جيان لڳي رهي هئي. هاڻ هن کي شال تہ ملي ويندي، پر پاءُ جي هٿن جي نہ. هُن کي راکيون ٻڌڻ لئہ هٿ تہ ملي ويندا، پر پنهنجي سڳي پاءُ جا شفقت پريا نہ. جيجان! هُن جون راکيون يتيم ٿي ويون آهن. جڏهن بہ ڪنهن پيڻ جون راکيون يتيم ٿينديون آهن تڏهن آسمان اوڇنگارون ڏيندو آهي.

امان! آئون تہ انهن معصوم ٻچن سان سان مليو آهيان جن جي امڙ کي ڪنهن قبيلائي تڪرار ۾ ڪهاڙين جو ڪاج ٻڻايو ويو هو. اُهي پنهنجي ماءُ جي قبر کي ڀاڪر وجهي هيئن چئي رهيا هئا تہ:

امان! انسان ايترو ظالم ٿي ويو آهي جو ڪنهن معصوم ٻار جي ماءُ کي بہ ماري ڇڏيندو آهي. جانور تہ ڪنهن جي ماءُ ناهن ماريندا. ظلم ۾ انسان ايتري ترقي ڪئي آهي جو جانور کان گوءِ کڻي ويو آهي. امان! توکي اسان کان ائين ڇو الڳ ڪيو ويو آهي؟ ٻُڌاءِ امان! تنهنجوءِ اسان معصومن جو ڏوهه ڪهڙو هو؟ پاڻ تہ ڪنهن جي اڇر پڇر ۾ نہ هئاسين. پوءِ توکي ڇو ماريو ويو امان...! امان! گناهه ڪرڻ لئہ ڪيئي ڪم پيا آهن. دُنيا ۾ جو وٽي سو ڪن ها پر ڪنهن ٻار جي ماءُ تہ نہ مارين ها...! ماءُ جيڪا ٻار لئہ ڍال هوندي آهي. اهڙي ڍال جيڪا هر تڪليف جي تلوار کان بچائيندي آهي. ماءُ هوندي آهي تہ ٻار ٻُک ۾ بہ بادشاهي ڪندو آهي. ماءُ بنا ڍوَ تي بہ ڍاڍون ڪري روئندو آهي. ماءُ جيڪا پالڻهار هوندي آهي.ماءُ جيڪا پنهنجي ٻار لئہ ٻاجهہ هوندي آهي. ماءُ جيڪا پنهنجي ٻار کي ميهي کير کان بہ منڙي ٿڃ پياري حياتيءَ کي حرارت بخشيندي آهي. ماءُ رب جي رحمت هوندي آهي. ماءُ هوندي آهي تيستائين موت بہ ڊڄندو آهي. ماءُ هوندي آهي دعائن جا در کليل هوندا آهن. ماءُ هوندي آهي دل ڀريل هوندي آهي. ماءُ هوندي آهي ماڻهو يتيم ناهي هوندو.

امان! اسان کي ٻُک لڳندي تہ ماني ڪير ڏيندو؟ ٻُک اسان جا بدن ئي ڦِتائي ڇڏيندي. اسان کي ڪير ڪپڙا ڌوئي ڏيندو؟ اسين تہ مير ۾ اڌُوتا ٿي مري ويندا سين. امڙ تون هُئين تہ زندگي هُئي. تون اسر جو اُٿي اسان لئہ ڪچڙي رڌندي هُئينءَ. تون روز وهنجاري ڌُوتل ڪپڙا پارائيندي هُئينءَ. تيل سرما ڪرائي اسان کي اسڪول موڪليندي هُئينءَ. سڄو ڏينهن سنهي سُئي سان پرت پريندي پنهنجا گُلابن جهڙا هٿ رتو رت ڪري اسان کي ڪتاب ۽ قلم وٺي ڏيندي هُئينءَ.

اسين هاڻي ڪنهن کان خرچي گهرنداسين؟امان! اسين انگل ڪري هاڻي ڪنهن کي تنگ ڪنداسين؟ اسان جي پسند جو کاڌو اسان کي ڪير پچائي ڏيندو؟ جڏهن وٽي تڏهن اسان کي ماني ڪير ڏيندو؟ امان توکان جُدا ڪري اسان کي ظالمن نہ رڳو دنيا ۾ دربدر ڪيو آهي پر اسان لئہ جنت جا دروازا بہ بند ڪيا ويا آهن. هاڻي اُهي پير ئي ناهن رهيا جن جي هيٺيان جنت هوندي آهي.

اي منهنجي جيجل! هنن معصومن جي ورلاپن منهنجي وجود کي وڍي ڇڏيو آهي!

امان! آئون تہ ان معصوم ٻار سان بہ مليو هئس جنهن جو پيءُ بيروزگاريءَ جي ٻاھ ۾ سڙندي گمنامي جي سمنڊ ۾ غرق ٿي ويو آهي. ان معصوم کي سندس ماءُ هاڻي اسڪول بہ نہ ٿي ڇڏي. هن جو گهر فاقاڪشيءَ ۾ برباد ٿي ويو آهي، پر اڄ بہ ان آس تي جِيئِي ٿو تہ ڪڏهن نہ ڪڏهن هنن جو سهارو اچي ويندو. اُنهن هن ڏِياريءَ تي پنهنجي ڪُليل اکين جا ڏيئا ٻاري پنهنجي وڇايل سهاري جي واپس اچڻ جي آس ۾ اماوس رات ڪٽي آهي.

امان! آئون تہ ان خاوند سان بہ مليو آهيان جنهن جي خودڪشي ڪري ويل گهر ڏياڻيءَ جي ڪيسي مان خط مليو هو. هُو هاڻي سندس زال جي قبر تي هنسليءَ جو ڪتبو رکي روز اگربتي ڪري ٿو. پنهنجي پتنيءَ جي ڇڏيل آخري نشاني سندس صغير پُٽ جي پالنا خاطر روز ڏهاڙي مزدوري ڪري ٿو. هُو زال جي دردناڪ خط کي ڪنهن مقدس ڪتاب جيان اڄ بہ سنڀالي رکيو اچي. هن هيلوڪي ڏِياريءَ تي ڪو ڏيئو ٻارڻ بدران سُگار جي سيڙهي تي موجود هڪ مجبور عورت جي ٽيج پياڪ ٻالڪ لاءِ ليڪٽوجن ون جا بہ پاڪيٽ وٺي وڏي روحاني سڪون سان ڏياري ملهائي آهي. هُن پنهنجي مري ويل پتنيءَ جي آتما کي شانتي اربي وڏي شانتي پراپت ڪئي آهي. اي امان! ڪاش سڄو سنسار ائين سوچي ها..هر ڪو ٻين لئہ سوچي ها تہ ڪا بہ عيد يا ڏِياري ڪنهن بہ حساس دل انسان جي نڙيءَ ۾ نہ اٽڪي ها..

فقط تنهنجو پُٽ

**پرڪاش**

# اناٿ آشرم ۾ پليل هڪ ٻار جو پنهنجي اجنبي بابا کي لکيل خط

## اي منهنجا اجنبي بابا!

منهنجي روح جا سلام قبول ڪجانءِ.

بابا...! آئون اناٿ آشرم ۾ پليو آهيان. آئون اناٿ آهيان. منهنجو ڪير به نه آهي. مون کي اناٿ ڪرڻ ۾ تنهنجو ءِ امڙ جو هٿ آهي. آئون ته نيل ڪنول جي نرم پتن جيان معصوم ۽ نردوش هئس. مون کي ڇو اناٿ ڪري ويا؟ بابا! آشرم وارا چون ٿا ته، تون اسان کي اسان جي رکيل چمڪ چوڪ واري پينگهي مان مليو هُئين. شايد امان مون کي ناجائز ڪري شهر جي اناٿ آشرم واري پينگهي ۾ اُڇلائي ويئي هُئي. ناڙي ڪپڻ مهل ڪيل منهنجي پهرين رڙ تي به هُن کي رحم نه آيو. ڪيڏو نه بد نصيب هئس جو ماءُ جي ٿڃ جو پهريون ڍُڪ ڪو به نصيب نه ٿيو. جمڻ جي پهرين رات بنا تنجڻ جي سُتو هئس ان ڪري اڄان تائين ننگون سڏيون ناهن ٿيون. ماءُ بنا مٿو به ڪنهن نه ويهاريو. منهنجا پرون پُورڙا ئي رهجي ويا ڪنهن به سُرمي جي سرائي نه ڦيري. منهنجي جسم تي ڏکن جا ايترا نشان آهن جيترا هڪ جنگي شهسوار يودي جي بُت تي زخمن جا هوندا آهن. آشرم وارن چيو اهي ڏک تنهنجي هلڻ دؤران ڏِڪا کائڻ جا آهن. اناٿن کي هلڻ ڪير سيکاريندو بابا..''پنڌ ڪندي ڏکو کائڻ سان ڇاتيءَ لائڻ واري منهنجي امڙ'' ته مون سان شايد ناراض هئي جو ائين اڪيلو پرائي پينگهي ۾ بنا پوتڙن جي ڇڏي اهڙو ڏِکو ڏيئي ويئي جو اڄان تائين سِڌو ناهيان ٿي سگهيو. ان جي ناراضگي جو سبب اڄ ڏينهن تائين معلوم ناهيان ڪري سگهيو. نه ته پرڇائي وٺانس.

آشرم وارا چون ٿا تہ. تون ڏاڍو روئندو هُئين. توکي ننڊ نہ ايندي هُئي. شايد پيٽ ۾ سور ٿيندو هو. اُنهن کي ڪير سمجهائي تہ ماءُ جي ڇاتيءَ سان لڳڻ کان بنا ٻار روئندو نہ تہ پيو ڇا ڪندو. بابا منهنجي احتجاج کي آشرم وارا پيٽ جو سُور سمجهي فليجل پياري ڇڏيندا هئا. اها بہ انهن جي مهرباني جو هڪ پرائي ٻار جي پرورش ڪري وڏو ڪيائون. اڄ آئون محنت مزوري ڪري پنهنجو پيٽ پاليان ٿو. آشرم ۾ بہ ٻہ پئسہ ڏيان ٿو. ماڻهن جا ٻچا پنهنجي مائٽن کي ڪمائي کارائيندا آهن آئون ڪنهن کي کارايان. منهنجا مائٽ مون کان گُم ٿي ويا آهن .هيڏي دُنيا ۾ ڪٿي ڳوليان؟ آئون هر وقت ڏٽي در هٿ ٻڌي اهو چوندو آهيان تہ اي خدا! مون کي منهنجو بابا ڳولي ڏي. يا مون کي رڳو ايترو ٻُڌاءِ تہ آئون ڪنهن جو تخم آهيان.

ماءُ بنا ٻار ڀلا ڪئين گُذاريندو آهي. ان جو احساس مون کان سواءِ شايد ئي ڪنهن کي هُجي. ڳئون پنهنجي مُئل ڦر مٿان بہ پسوئجي پوندي آهي، پر امان مون کي سياري جي سرد رات جو بنا ڪپڙن جي پينگهي ۾ اڇلائي ويئي. مون کي ٻُڌاءِ بابا! ٻن انسانن جي بدنن جي فطرتي ٻُک جي غلطي مان پيدا ٿيل ابهم ٻار جو ڪهڙو ڏوهہ هو جو ائين ڍور وانگي اڇلائي ويا. شابس تہ آشرم وارن کي هجي جن مون کي ٻچو ڪري پاليو.

سچي ڄمار ماءُ جي ساءُ کان محروم رهيس بابا! جئين سُرت سانڀائي آهي تيئن وڏي عذاب مان گُذريو آهيان. بُخار ۾ تڙپندو هئس پر ماءُ بنا ڪنهن کي سڏ ڪيان. ڪير درد کي سمجهندو پنهنجن بنا؟ مينهن وسندو هو تہ گاج جي ڊپ ۾ سجو ڏڪندو هئس، پر دلداري وارو ڪير نہ هوندو هو. جڏهن بہ ڪنهن ٻار کي پنهنجي بابا جي آڱر پڪڙيل ڏسندو هئس. منهنجون آڱريون ڪنهن شفقت ڀرئي هٿ لئہ تڙپنديون هيون. اکيون ڀرجي ايندڙيون هيون. يتيم خاني ۾ مون سان ڪير ڪڏهن وڙهندو هو تہ روئي ماٺ ڪري رهندو هئس. منهنجي شڪايت ٻُڌڻ واروڪير بہ نہ هو .عيد ايندي هُئي تہ خرچي لئہ دل ۾ هزارين حسرتون اُڀرنديون هيون، پر ڪنهن کان گهُران خرچي. هاڻ تہ وڏو ٿي ويو آهيان. خرچي بہ پنهنجي هٿ وس آهي . پنهنجو گهر بہ آهي، پر نہ آهن تہ ابوءِ امان جن جي جگر جو ٽُڪڙو آهيان . اُهي پئسن سان ملن ٿي نہ ٿا. هر شي پئسي سان مليو وڃي پر بابا تون ءِ امان

نہ ٿا ملو. سياري جو سيءَ ۾ سڄي رات هٿ گوڏن ۾ ڏيئي ماءُ کي ياد ڪندو هئس تہ منهنجي بہ ڪا تہ ماءُ هوندي، پر الئہ ڪٿي هوندي. اُها هجي تہ مون کي پنهنجي سوڙهہ ڏيئي ڇڏي. وري سوچيندو هئس تہ اهڙي هجي ها تہ ڇڏي بہ نہ ها .ڪاش! هڪ دفعو ئي صحيح پر منهنجي امان مون سان ملي تہ، سندس پير پڪڙي اهو پُڇان تہ امان منهنجو ڏوهہ ڪهڙو هو جو مون کي پرائي پينگهي ۾ ڇڏي وئينءَ؟ ۽ اهو بہ چوان تہ اوهان جي ڪيل غلطي ۾ پيدا ٿيڻ ئي منهنجو ڏوهہ آهي تہ ان ڏوهہ جي سزا مون کي پنهنجي هٿن سان ڏئين ها. اي امان مون کي سؤ ڪوڙا هڻي ڇڏين ها، پر پنهنجي آنچل کان تہ پري نہ ڪرين ها. توکي خبر آهي يتيمي هن دنيا جو وڏي ۾ وڏو الميو آهي. ماءُ بنا ٻار نڌڻڪو ٿي ويندو آهي. مون کي تہ اها بہ خبر ناهي تہ منهنجي ماءُ پرڻيل هُئي يا ڪنواري؟ آئون ڪنهن گهر ۾ ڄائو هئس يا ڪوٺي ۾؟ منهنجو ڪهڙو دين آهي؟ سڀ ڪجهہ مون لئہ اونهون اسرار آهي. بابا! منهنجي ڪا بہ سُڃاڻپ ناهي. آئون تہ پنهنجو شناختي ڪارڊ بہ نہ ٿو ٺهرائي سگهان. ڪارڊ ۾ خاندان نمبر ڪپي ٿو. منهنجو تہ خاندان ئي ناهي تہ نمبر ڪٿان آيو. ڪارڊ ۾ پيءُ جو نالو پڇن ٿا. ڇا ٻُڌايان تہ منهنجو پيءُ مون کان لڪ لڪوٽيءَ راند ۾ گوهي هڻي وڃائجي ويو آهي. اي بابا! اهڙو ڪو فلسفو يا فارمولو ٻُڌائي وڃ، جنهن ۾ بنا پيءُ جي ماڻهو پيدا ٿيندا هجن تہ جيئن اهو ٻُڌائي ماڻهن کي مطمئن ڪري منهن ڏيان تہ آئون ناجائز نہ پر جائز آهيان.

بابا! ڪوٺن ۾ پيدا ٿيندڙ ٻارن کي حرامي چوندا آهن تہ پوءِ ڪوٺن ۾ پنهنجو تخم اُڇلائي ويندڙن کي ڇا چوندا آهن؟ اڄ بہ جڏهن ٻڌندو آهيان تہ ڪنهن ڪنواري پنهنجو ٻار ڪيرائي ڇڏيو آهي، تہ ائين لڳندو آهي جڻ منهنجي وجود تي وار ٿيو آهي. ڪنهن ڪوٺي وٽان گُذرندو آهيان، تہ ائين لڳندو آهي جڻ انهي ۾ ڪا منهنجي ماءُ هوندي. اي بابل!هن اجاتي عذاب مان مون کي پار اُڪاري وڃ.

آئون جتي ويندو آهيان ماڻهو مون کان پڇندا آهن تہ، تون ڪير آهين؟ آئون چوندو آهيان انسان آهيان تہ وري بہ چوندا آهن تہ، انسان جي بہ ڪا ذات پات ڪو دين ڌرم تہ هوندو؟ بابا! مون کي ٻُڌائي وڃ منهنجو

ڪهڙو دين ڌرم آهي .منهنجي ڪهڙي ذات پات آهي. بابا مون کي پنهنجو نالو ڏيئي وڃ؟

بابا! تون ڪٿي آهين؟ مون کان اڄ وري ڪنهن تنهنجو نالو پڇيو آهي. اڄ وري منهنجو اندر تڙپي اُٿيو آهي. ماءُ جي ممتا کان محروم ۽ پيءُ جي پرورش کان پري رهيل منهنجي ويڳاڻي وجود جو ڪو وارث ٿي وڃ. مون کي تنهنجو نالو ئي نه ٿو اچي. بابا مون کي ڪجهه به نه ٿو کپي، رڳو پنهنجو نالو ڏيئي وڃ. بابا مون کي حرامي مان حلالي ڪري وڃَ.

بابا! مون کي پنهنجو ڪندي هن سماج ۾ ڪو شرم محسوس ڪرين ته مهرباني ڪري پنهنجي سماج کي اهو سبق سيکارجانءِ ته ڪڏهن به ڪنهن ڪنواري عورت جي قربت ۾ اچي بدن جي بُک مٽائڻ ۽ ڪنهن ڪوٺي ۾ وڃي پنهنجو تخم اڇلائڻ کان اڳ ۾ اهو سؤ ڀيرا سوچين ته ان گناهه مان پيدا ٿيندڙ گُل جو ڇا ٿيندو؟ هن سينوربيل سنسار جي ڍنڍ ۾ ٽڙندڙ ان معصوم ڪنول کي ڪو به پنهنجو نالو نه ڏيندو. ڪنهن معصوم گل کي يڪي يتيمي کان بچائجانءِ بابا...!!

فقط تنهنجو جائز پُٽ

جنهن کي دنيا ناجائز جو نالو ڏئي ٿي.

## دنيا جو هر يتيم خانو

# هڪ ٿرواسي جو کُليل خط

## ها آئون ٿريو آهيان....

آئون ٿريو آهيان. اُهو ٿريو جنهن کي ڏُک ۽ ڏُڪار قدرت طرفان ڏاج ۾ مليل آهن. اُهو ٿريو جنهن جي بُک جي وندر لئہ وڏا پارڪ ناهيا ويا. اُهو ٿريو جنهن وٽ دنيا جو ستون نمبر وڏو ڪوئلو موجود آهي، پر بدن تي پائڻ لئہ ست وال ڪپڙو بہ ڪونهي. اُهو ٿريو جنهن جي جبل ۾ گريناءيٽ ۽ چائنا ڪلي جهڙيون قيمتي معدنيات موجود هئڻ باوجود پڪسرو چونئرو بہ ناهي. اُهو ٿريو جنهن جي بُک تي سوين خانگي ادارا عيش ڪري رهيا آهن، پر آئون اڄ بہ بُک ۾ ڪارو پاٽي پيئڻ تي مجبور آهيان. ها آئون اُهو ٿريو آهيان جنهن جو لوڻ سمورو ملڪ ڪائي ٿو پر بدلي ۾ مرچن جي لپ بہ مون کي مشڪل سان ملي ٿي. آئون اُهو ٿريو آهيان جنهن جي سفري سهوليتن لئہ سرڪار سڳوري هڪ خوبصورت هوائي اڏو بہ ناهي ڏنو آهي پر بدقسمتيءَ سان مون وٽ هوائي چپل بہ ناهي تہ ان ۾ حُڪومت جو ڪهڙو ڏوهہ؟ آئون اهو ٿريو آهيان جنهن جي ڪکاون گهرن ۾ اڄ بہ آسمان جو درشن آساني سان ڪري سگهجي ٿو. آئون اُهو ٿريو آهيان جيڪو اڄ بہ ماچيس جي بچت ڪندي ٽانڊي کي پاري چڏيندو آهيان. آئون اُهو ٿريو آهيان جنهن سان بارش اڪثر بي وفايون ڪري ويندي آهي.

هيل بہ مون کي بارش يتيم ڪري وئي آهي. بارش جيڪا مون لئہ ان داتا آهي. هن جي بوند بوند ۾ منهنجي ساهُن جي هچڪي سمايل آهي. آئون هن جي آسري تي ئي ڏُکن جا ڏونگر پار اُڪري سگهندو آهيان. هُوءَ

هيل ڏُڪار جي سوڪڙي ڏيئي ويئي آهي. وسڪارو هوندو هو تہ ڳوٺ مان منڌيئڙي جي ماريل جهڙ لپ ملندي هُئي، پر هاڻ اها بہ ڀاڳين جي پيٽ تائين محدود ٿي ويئي آهي. غريبن لئہ اڇا ڏند ڪرڻ بہ خواب بڻجي ويو آهي. وسڪارو هوندو هو تہ جهنگل ۾ منگل هوندو هو. جتي ڪنهن جي بہ جهل پل نہ هوندي هُئي. مڙهن ۽ مٽارين مان مريڙو ۽ لُلر چونڊي ساڳ سان ماني کائيندا هُئاسين. پپن جي چٽڻي بہ مفت ۾ ملندي هئي، جيڪا غريبن لئہ چڪن کان مٿي هوندي هئي. وسڪارو هوندو هو تہ هاريپ تي ڪنهن جي زمين پوکيندا هئاسين تہ سال ۾ نوان وڳا ضرور وٺندا هئاسين، پر هيلوڪو ڏُڪار سڀ حسرتون هولي ڪري ويو. هاڻي حاتم طائي حڪمران ڪٽڪ جو ڪتو ڏيئي سموري عالم آشڪار اڳيان ٿورا ڳڻائيندا تہ اسان ٿرين جي ٻُک جو بندوبست ڪري ڇڏيو آهي.

آئون جڏهن ڪنهن ڪم سانگي شهر ويندو آهيان تڏهن منهنجو نون سالن جو ننڍڙو پُٽ مون کان اهڙي فرمائش ڪندو آهي جو دل ڀرجي ايندي آهي. هُو ڪو مون کان ٽچ اسڪرين موبائيل ناهي گهرندو ۽ نہ ئي برگر جي فرمائش ڪندو آهي. هُو خبر آهي ڇا چوندو آهي؟ هُو چوندو آهي تہ”بابا! شهر مان مون لئہ ڪو راندڪو نہ وٺي اچجانءِ پر منهنجي ننڍڙيءَ ڀيڻ لئہ بسڪوٽ وٺي اچجانءِ. هُوءَ جڏهن پاڙي واري سيٺ جي ڌيءَ کي بسڪوٽ کائيندي ڏسندي آهي تڏهن هُن جي وات ۾ نہ پر اکين ۾ پاڻي اچي ويندو آهي. هُن جي اکين جو پاڻي مون کي پياسي صحرا ۾ بہ ٻوڙي ڇڏيندو آهي“.

آئون بسڪيٽ وٺي ايندو آهيان پر ڪڏهن ڪڏهن بسڪيٽ جي پُڙي بہ بُرج خليفہ جيان اوچي ٿي ويندي آهي، نہ پُهچي سگهندو آهيان تڏهن واپسي ۾ گهر ڏانهن وک ناهي کڄندي. قدم قدم ۾ ٻُڪايل نياڻيءَ جا نيساڪا وچڙي پوندا آهن. جڏهن ٿڪل ٽُٽل قدمن سان پنج رپين جا مرچ ۽ ڪلو اٽي جو وٺي واپس پنهنجي گهر پهچندو آهيان، تڏهن هُوءَ ننڍڙي ٻوڙي منهنجي چوليءَ سان چنبڙي پوندي آهي. ان مهل غُريبي گُناهہ لڳندي آهي. ننڍڙي منهنجي اکين مان پرکي وٺندي آهي تہ اڄ بسڪوٽ نہ ملندا. تڏهن هُوءَ روئڻ بدران کلندي چوندي آهي، ’بابا! اڄ مون کي منهنجي سهيلي جام

بسڪوت ڪارايا آهن.' آئون به هن جي اکين ۾ مري ويل معصوم حسرت کي سمجهي روح ۾ روئندو آهيان.

سچو ڏينهن جهنگ ۾ ڪاٺيون ڪري پرائي چُلهه ته ٻاريندو آهيان، پر ان مان مليل اجوري تي منهنجي چُلهه ٻري ناهي سگهندي. تڏهن پاڻ ٻري ويندو آهيان.

ٻري ته آئون تڏهن به ويندو آهيان جڏهن هر ڏهين ڏينهن ڳاڙها مرچ کُٽي ويندا آهن ۽ منهنجو پُٽ سندس امڙ جو پلئه پڪڙي هئين چوندو آهي ته،" امان مون کي مرچ لساڙي ڏي ته ماني کاوان. رُکي نڙي مان هيٺ لهي ئي نه ٿي ".

سندس امڙ پرنم اکين سان اشارو ڪري چوندي آهي ته

"پُٽ مرچ ختم ٿي ويا آهن پريان پيل چيپر تي پاٽي چِنبڙي به ٿي گرهه هٽي وٺ ڪالهه مرچ لساڙيا هئم انهن جي ڪارانس اڃان ضرور هوندي".

"امان مرچ کُٽي ويا پر هي پهاڻ کُٽي ئي نه ٿو".

"پُٽ اهو پهاڻ پنهنجو مقدر آهي ۽ مقدر سڄي حياتيءَ گڏ هلندو آهي".

اندر اڌ ڪري ڇڏيندڙ اهي ڳالهيون ٻُڌي آئون اڌ مئو ٿي پوندو آهيان. اڌ مئو ته ان ڏينهن به ٿيو هئس جنهن ڏينهن اسڪول مان واپس اچي مرچن سان ماني کائيندي منهنجي پُٽ مون کي چيو هو ته

"بابا! اڄ اسڪول ۾ ماسٽر چيو سُنا ڪاڏا کائيندو وڃ جن ۾ وٽامن هجن. بابا! وٽامن ڇا کي چوندا آهن؟"

وراڻيم پُٽ

"جيڪا شيءَ غريبن کي ٻُڪ مان ملي وڃي ۽ اميرن کي ڊِڙ مان به نه ملي ان کي وٽامن چئبو آهي".

"هائو بابا سچو آهين تڏهن ته، پاڻ صحتمند آهيون".

ها پُٽ! "او هُو ڦلاٽو سيٺ شُگر، بلڊ پريشر ۽ گوڏن جي سُور ۾ جهليو پيو آهي. ڀاڄيون، ميوا، داليون، مکڻ ۽ گيهه ته ان جام ڪاڏو هو. پاڻ ته انهن شين جا رڳو نالا ٻُڌا آهن پوءِ به ڏٺا مٺا لڳا پيا آهيون رکن ٽُڪرن تي"

”بابا شايد خدا غريبن لئہ رڳو ڳاڙهن مرچن ۾ ئي سڀ وٽامن رکي ڇڏيا هوندا“.

”ها بابلا خدا سيني جو خيال رکندڙ آهي ان ائين ضرور ڪيو هوندو.“ ورندي ڏيندي اکيون ڀرجي آيون هيون.

اي اسان جا حڪمرانؤ...! غريبن جي گهرن ۾ اها ئي گفتگو هوندي آهي. غريبن جي گهرن ۾ ايٽم بم تي ناهي ڳالهايو ويندو ۽ نہ ئي هوائي سفر ۾ تيل ٽڪاوٽ تي بحث ڪيو ويندو آهي. غريبن جي گهرن ۾ مني لانڊرنگ جا مسئلا ناهن هوندا .غريبن کي نہ ڪرڪيٽ ورلڊ ڪپ جو ڪوڙ هوندو آهي ۽ نہ ئي وري ڪنهن فلاپ تيل فلم جي ڳڻتي هوندي آهي. غريبن جي گهرن ۾ ان ڳالهہ تي بحث ناهي ٿيندو تہ ايشوريہ راءِ سلمان خان کي ڇڏي اڀيشڪ سان ڇو شادي ڪئي. غريبن جي گهرن ۾ بُک تي وڏا بحث ٿيندا آهن. بُک جيڪا اوهان حُڪمرانن جو ڏنل تحفو هوندي آهي . فُوڊ پوائزن جو شڪار ٿيندڙؤ...! غريب ويچارا اندر نيوٽريشن جي عذاب ۾ سڄي رات ستارا ڳڻيندي راتيون ڪٽيندا آهن. ڪڏهن غريبن لئہ بہ سوچيو. اوور نيوٽريشن جي ڪري بيمارين ۾ وڪوڙجي وڃڻ کان بهتر آهي پنهنجي ڪاڏي جي وند غريبن سان بہ ڪيو.

فقط جهوپڙين ۾ رهندڙ غريب **ٿاريلو**

# نئين پرڻيل ناريءَ جو پنهنجي جيجل ڏي خط

**امان** ڪالهه آئون پنهنجو گهر ڇڏي آيس...!

اهو گهر جيڪو مون لئه آکيرو هيو. جهرڪي به پنهنجو آکيرو آساني سان ناهي ڇڏيندي، اها به احتجاج ڪندي آهي، پر مون کي ته احتجاج جو به حق نه مليو ۽ آئون پنهنجو گهر ڇڏي آيس. اُهو گهر جنهن ۾ منهنجي ڄائي جون ڄرون پوريل هيون. اُهو گهر جنهن ۾ مون پهرين جُدائي تي پهرين ڇيخ ڪئي هُئي، تڏهن جڏهن دائي ناڙو ڪپي توکان مون کي الڳ ڪيو هو. ٻي ڇيخ ڪالهه ڪيم، جڏهن تو کان هميشه لئه الڳ ڪيو ويو. ٻنهي دانهُن جو درد مون لئه ساڳيو هو. اُهو گهر جنهن کي مون ڪڏهن پنهنجو سمجهيو هو. مون اُن گهر جي وڪارين جي ڇڄندين تي پنهنجي هٿن سان چُن وارا ڇِٽ ڪيا هُئا..اُهو گهر جنهن جي ڪُڏن جي ڪٻٽن جا ڪونگرا ٺاهيندي مون ڪيئي ڪوڙ ڪيا هئا. منهنجي هٿ جا ٺاهيل مور اڄ به گهر جي ديوارن تي ائين آويزان آهن جيئن منهنجي دل جي فريم ۾ تنهنجي تصوير فٽ ٿيل آهي. منهنجي هٿ جا ٺاهيل ڇٽ ڏسي تون هر پل ائين روئندين جيئن مور پنهنجي پيرن کي ڏسي روئندو آهي.

امان.! جنهن مهل منهنجي سهلين مون کي ڏورو ٻڌايو هو ان مهل آئون ائين رُني هيس جيئن ميلي ۾ وڇائجي ويل ٻار سندس ماءُ لئه روئندو آهي. منهنجي لُڙڪن ۽ اوڇنگارن تي ڪنهن کي رحم نه آيو ڇاڪاڻ ته آئون نياڻي هيس مون کي هر حال ۾ اباڻو گهر ڇڏڻو هو. ڏوري جو ڏنجهه ٻڌائڻ واريون ناهن سمجهنديون اهو ڏنجهه اُها نياڻي ئي سمجهي سگهندي آهي جيڪا پنهنجي ئي گهر مان جيئري جُدا ٿيندي آهي.

**امان** توکي تہ خبر هُئي هي گهر منهنجو ناهي تہ پوءِ مون کي ڇو وڏي ڪيئي.؟ تون تہ عورت هُئين ان ڪيفيت مان گُذري هوندينءَ.

اڄ آئون مائٽاڻو گهر ڇڏي آيس. هاڻي ساهوراڻي گهر ۾ هونديس. اُتان بہ منهنجو ور ۽ ان جا پائر پاڻ ۾ الڳ ٿيندا، تڏهن اهو بہ منهنجو گهر نہ رهندو ۽ پوءِ منهنجا پُٽ ٿيندا انهن جو گهر ٿيندو. منهنجو ڪو بہ گهر نہ هوندو. اي امان! پُڌاءِ عورت جو ڪو پنهنجو گهر بہ هوندو آهي ڇا...؟ هاڻي ان گهر ۾ منهنجو ڪو بہ حصو پتي ناهي رهيو. جنهن گهر جي ديوارن جي هر سر ۾ منهنجو ساهُ آهي. جنهن گهر جي گهٽي ۾ بيٺل نم جي وڻ سان منهنجو ٻالاپڻ جو ناتو آهي. ان وڻ جي وجود سان منهنجو روح وچڙيل آهي. جنهن گهر جي هر در جي چائنٺ چائنٺ ۾ منهنجو چِت اٽڪيل آهي. عورت لئہ جڏهن سندس اباڻو گهر هميشہ لئہ ڌاريو ٿي ويندو آهي تڏهن عورت جو پهريون موت ٿيندو آهي. ان موت تي سمورو گهر ماتم ڪندو آهي، پر ان جبري جدائي جو درد فقط عورت ئي سمجهي سگهندي آهي جيڪا ان پيڙا جي پلصراط پار ڪندي آهي. مڃان ٿي منهنجا پائر مون کي ڪڏهن ڪڏهن ڏسڻ بہ ايندا تہ ڪنهن وار پرب تي، ڪنهن تٿ تهوار تي ڪوٺڻ بہ ايندا، پر منهنجو وڃايل گهر مون کي واپس ڪڏهن بہ نہ ملندو. ائين جيئن ڪُنڀ جي ميلي ۾ وڃايل ٻار سندس مائٽن کي ڪڏهن بہ ناهي ملندو. ڪڏهن بہ نہ ملڻ وارو ڪرب ماڻهو کي ڪڏهن بہ ماري سگهي ٿو. پنهنجو گهر هو تہ سڀ ڪجهہ پنهنجو هو. هر شي هٿ تي ملندي هُئي هاڻي هر شي هٿ تي ڏيڻي پوندي. تون ماني پچائڻ ۾ دير ڪندي هُئينءَ تہ آئون وڙهندي هيس پر هاڻي آئون ماني پچائڻ ۾ دير ڪنديس تہ مون کي ڌاريا دڙڪا ڏيندا. جيڪي آئون سهي نہ سگهنديس پر سهڻا پوندا. سڀ ڪجهہ بدلجي ويو. پنهنجي گهر ۾ هر شي مرضي مطابق ملندي هُئي، اُها مرضي مائٽاڻي گهر ۾ ئي رهجي ويئي. ماڻهوءَ جي مرضي جڏهن ختم ڪئي ويندي آهي تڏهن زندگي زندان ۾ تبديل ٿي ويندي آهي. عورت پنهنجي گهر ۾ پکيءَ وانگي آزاد هوندي آهي. اُڏامندي آهي. گيت ڳائيندي آهي. راند ڪندي آهي. سائيڪل هلائيندي آهي. مائٽ هُن جو هر ناز خوشيءَ سان کڻندا آهن، پر پرڻجڻ بعد هُن جي آزادي ختم ٿي ويندي آهي. بقولِ شاعر:

**بهت ناز سي پالا ٿا جس ڪو مان باپ ني،**
**بعدِ شادي ڪي وه بيٽيان جل گئي.**

عورت لئه پنهنجو اباڻو گهر پنهنجو وطن هوندو آهي. هُوءَ ٻئي جي گهر جلاوطن ٿي ويندي آهي. امان! ڪالهه آئون به جلاوطن ٿي ويس. امان! آئون پنهنجا سمورا انگل ان گهر جي ديوارن ۾ ڇڏي آيس جنهن گهر کي مون پاڻ ڪان وڌ سينگاريو هو. جنهن گهر جي پٽين کي پنهنجي هٿن سان راڳا ڏنا هئا. امان! منهنجون سموريون رانديون ڳوٺ جي اُن ريل ۾ رهجي ويون جنهن جي ريت تي منهنجي پيرن جا پدم اچ به پونم چنڊُ جيئن چِٽا هوندا. هاڻي آئون پنهنجي پسند جون چوڙيون، پسند جا ڪپڙا، پسند جا جهومڪ ۽ جهيلا شايد ئي پائي سگهان .هاڻي سڀ ڪجهه پرائي پسند تي هوندو. آئون پرائي ٿي ويس امان! هاڻي پرائي رحم ڪرم تي جيئڻو پوندو. هاڻي پرائي منشا تي مشين وانگي ڪم ڪرڻو پوندو .هاڻي پنهنجي مرضي تي ماني به مُشڪل ملي. هاڻي تنهنجو ٻُخار ۾ مٿو چانپي نه سگهنديس. هاڻي بابل کي فُوٽن واري چانهه شايد ئي ملي. امان تون سدائين چوندي هئينءَ ته ڌيءَ پرايو ڌڻ آهي. واقعي ڌيءَ پرايو ڌڻ آهي، پر مائٽن لئه ڌيءَ جو جيترو پيٽ ٻرندو آهي ايترو پُٽن جو به ناهي ٻرندو. پُٽ ته پنهنجو ڌڻ هوندي به پرايا ٿي ويندا آهن. ڌيئرون ته پرايون هوندي به سموري عمر مائٽن کي ساري مري ويندڀون آهن.

امان! جنهن پينگهي ۾ تو مون کي لوڏيو هو اُن جون پاڪريون اجان سلامت آهن .جنهن سپلي ۾ مون کي سُتي پياري هُئي اها به اجان جهُري ڪونه هُئي. جهُريو ته اهو ٻيسٽيو به نه هو جنهن ۾ تو مون کي ويهڻ سيکاريو هو. منهنجي ڇيڪسي واري ڇير جا گُهنگهرُو به اجان ڇٽيا نه هئا. اجان ته منهنجون رول گول واريون واليون به منهنجي ڪنن لئه واجهائن پيون. مون ته گُڏين کي ئي مس پرٽايو هو تيسين تو مون کي پرٽائي پاڻ تان بار لاهي ڇڏيو. ڇا نياڻي ايتري ڀاري هوندي آهي جو گهر تي بوج ٿي ويندي آهي. نه امان! ٻُڌو هئم ته نياڻي رحمت هوندي آهي. پوءِ ان رحمت کي بار ڇو ٿو

سمجهيو وڃي. نياڻي لڪشمي هوندي آهي. نياڻي تہ گهر جي سُونهن هوندي آهي. نياڻي تہ گهر ڀاتين لئہ وڏيون عمرون گهرندي آهي.

اي امان! تو کان وڇڙندي آئون ايترو رُني آهيان جو ايترو ٽيج پياڪ ٻار بہ ناهي روئندو جڏهن سندس ماءُ ٿڻ ڇڏائيندي آهي. خبر اٿئي امان! جڏهن کنهن نياڻي جون نظرون پنهنجي اباڻي ڳوٺ جي وڻن کان موڪلائينديون آهن تڏهن وڻ اوچنگارون ڏيئي روئندا آهن، پر انهن جون رڙيون ان نياڻي کان سواءِ ڪير بہ ٻُڌي ناهي سگهندو.

هاڻي آئون سورهي هونديس يا ڏورهي تون ڏسي ڪونہ سگهندينءَ. منهنجا ڀائر تنهنجي اکين اڳيان هوندا انهن جي ڏُک سُک کي اکين سان ڏسي سگهندينءَ، پر مون اياڻڪ جي اکين مان ڪريل هر ڳوڙهو بنا تدارڪ جي ئي گُم ٿي ويندو. هاڻي منهنجي ٻُک کي ڇهري مان ڪير بہ چتائي نہ سگهندو. هاڻي منهنجي تپ تي ڪير بہ تحرڪ ۾ نہ ايندو. هاڻي آئون پنهنجون هڙئي حسرتون ۽ هُجتون لُڙڪن ۾ وهائي ڇڏيان ٿي. هاڻي منهنجا ڏُک لاوارث ٿي ويا آهن. ڀلا ماءُ کان سواءِ ڌيءَ جي سُور کي ڪو سمجهي سگهيو آهي؟

امان! مون کي هاڻ ڪجهہ نہ ٿو ڪپي. منهنجو هاڻي ان گهر ۾ ڪو حق رهيو ئي ناهي، پر پوءِ بہ سمجهان ٿي تہ ڪجهہ باقي رهجي ويو آهي. اهو مون کي موڪلي ڏجانءِ. مون کي اُها ٻُهاري موڪلي ڏجانءِ جنهن سان آئون گهر جا اوتا ۽ اڱڻ ٻُهاريندي هيس. ان ۾ لڳل اباڻي اوتي جي مٽيءَ جي مهڪ ڪجهہ سالن لئہ سڪون ڏيئي ڇڏيندي. اُها سُئي بہ موڪلي ڏجانءِ جنهن سان مون نندپڻ ۾ پنهنجي سهلين جي گُڏين جا ڪپڙا سبيا هُئا. امان! اها ٽينبر بہ موڪلي ڏجانءِ جنهن ۾ آئون پکين لئہ پاڻي رکندي هيس ۽ ها گهٽي واري نم جي ڪا نموري موڪلي ڏجانءِ تہ ان کي پوکي آئون بہ پنهنجي اباڻي گهر واري نم جي نسل مان کڏهن ڪا ڇانوَ ماڻي سگهان. تنهنجي هٿ جي سبيل ڪا رِلي موڪلجانءِ تہ ڏُکن ۾ ان ۾ منهن لڪائي ڪجهہ پل روئي لُڙڪ لُڙڪ جو درد اُگهي سگهان. اُن رلي جي ٽانڪن ۾ تنهنجو رُوپ پسي تو سان دل جا درد ونڊي ۽ ورچي سگهان.

فقط تنهنجي نياڻي **نمرتا**

## هڪ دراوڙ ماءُ جي دانهن

# ٻُڪ منهنجو پُٽ ڪائي ويئي...!

آئون اُن ديس جي هڪ دراوڙ ماءُ آهيان، جنهن ديس جي ڌرتي سان جڏهن بارشون رُسي ويندي‌يون آهن تڏهن نہ رڳو مور پتر ڪائي پيٽ ڀريندا آهن، پر ماڻهو بہ مٽي ڪائڻ تي مجبور ٿي ويندا آهن! اُهو ديس جتي کوهہ تہ آهن، پر پاڻي ڪارو آهي، جتي وڻ تہ آهن، پر انهن جا پَن سُڪي ويا آهن، جتي عورتون ٻار تہ ڄڻن ٿيون، پر ڇاتين جا سنڌُو سُڪل ئي رهن ٿا! جتي ٻُڪ چُلهہ جو چوٿون مارينگ ٿي ويهي رهي آهي. ٻُڪ جيڪا اسان جهڙن ايرن ماڻهن جي سُڃاڻپ بڻجي چُڪي آهي! اسان کي ٻُڪ جي علامت بڻائڻ ۾ نام نهاد سول سوسائٽي ۾ اين جي اوز وارن جو وڏو هٿ آهي؛ اين جي اوز وارا جيڪي پاڻ تہ ٿُو پيس ۾ ٿري پيس پائي هلندا آهن، پر اسان جي انگن تي ليڙون ڏسڻ پسند ڪندا آهن. اسان جا اڌ ٽُٽل لٽن ۾ ڦٽل ڇهرن وارا فُوٽو فلمائي عالمي سخين کي ڏيکاري انهن کان"عزت" سان "پن پراجيڪٽ "وٺندا آهن ۽ اسان کي پوءِ ذليل ۽ خوار ڪري ڪڏهن ڪجهہ ڏيندا آهن .

آئون اُها بدنصيب ماءُ آهيان، جنهن جي گود ڪنهن داداگير سيٺ جي هٿان اُجڙي چُڪي آهي، منهنجي اُجڙيل گود جو احساس ڪا ڏُڪايل ماءُ

ئي ڪري سگهي ٿي. ماءُ جيڪا اولاد کان سواءِ اڌُوري هوندي آهي. اولاد جيڪو سيني سان لڳي سُتل هوندي بہ سپنن ۾ روئاري ۽ ڪلائي ويندو آهي. منهنجو اولاد اڄ مون کان رُسي ويو آهي. آئون بہ اڄ اڌُوري ٿي چُڪي آهيان، منهنجي اُميدن جي آرسي ٽُٽي چُڪي آهي. پنهنجي ٻانڊيلي ٻار جي جند ٽوڙ جدائي ۾ ڏينهن رات روئندڙ منهنجي نگاهن جا نوحا الئہ ڪير پڙهندو؟ آئون انصاف جي اوسيئڙي ۾ آس نراس واري پلصراط تي اُداس ويٺي آهيان. خبر ناهي هن پيڙا مان پار لنگهي سگهنديس يا نہ....! منهنجي جهُور پوڙهي وجود جي هٿ مان سهاري جو لڪڻ ٽُٽي چُڪو آهي. منهنجي سيني جي سُور جي شدت ۽ جگر جي تڙپ جو درد ماپڻ کان مٿي آهي .

منهنجو پُٽ اسان جو اڪيلو سهارو هو. هُو اسان جو پيٽ پرڻ لئہ پاڻ لنگهڻ سمهي رهندو هو. منهنجو پُٽ ملڪ جي وڏي شهر جي هڪ وڏي سيٺ جي وڏي بنگلي تي رهندو هو. هُو اسان وٽان تڏهن ويو هو جڏهن اڃان ٻار هو، ٻار جيڪو گهر جي سونهن هوندو آهي. ٻار کي مزوري تي موڪلڻ دنيا جي وڏي ۾ وڏي بيوسي هوندي آهي؛ بيوسي جيڪا ماڻهون کي مرڻ تي مجبور ڪندي آهي. هُو سيٺ جي ٻارن کي کيڏائيندو هو. هُن پاڻ کيڏڻ واري وهي ۾ پئسو ڪمائڻ چاهيو ٿي پنهنجي پريوار لئہ. هُن جا پنهنجا رانديڪا ڳوٺ جي ريل ۾ سندس راهون تڪي تڪي نيٺ ٽُٽي پيا، پر هُو واپس نہ موٽيو هو. جڏهن موٽيو هو تڏهن هُو پاڻ رانديڪن کان رُٺل هو. هُن جي ماٺ سندس ننڍڙي پيٽ جي اوگ ئي ماري ڇڏي آهي. الا! منهنجي اڪيلي ڏي وائڙي ٿي ويئي آهي. منهنجي اڪيلي پُٽ جي ننڍڙي پيٽ جون ٿهيل راڪيون گهر جي ٽرنڪ پيٽيءَ ۾ ڦٿڪن پيون. انهن جي تڙپ جو اندازو ڪير لڳائيندو. هُو جنهن بنگلي تي رهندو هو اُتي وڏا وڏا نرم گداز ملتي فوم وارا صوفا سيٽ بہ هئا، پر انهن تي هن جو پلجي ويهڻ بہ ممنوع هو. هُو سينياڻين جون ڇڙٻون قسمت سمجهي سهي ويندو هو. هُو آڌي رات تائين سيٺن جي ٽپال ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن جُوٺا ٿانو ٿپا ماجيندي بنا بستري جي ئي سُمهي رهندو هو. هُو روز ڪيئي طعام تريل ڏسي اکين جو ڍوءُ ڪندو هو. ڪڏهن ڪڏهن سُني ماني ملندي هُئي، تہ ڪائي اوگرائي ڏيندو هو تہ منهنجي ٻُک هن جي نڙيءَ ۾ اٽڪي پوندي هئي ۽ سندس اکيون

ٻرجي ايندي‌يون هيون. ان مهل فون ڪري مون کان پڇندو هو ته، امان تو ماني کاڌي آهي. اڄ مون سُني ماني کائيندي توکي ڏاڍو ياد ڪيو هو جيجل! هن کي جواب ڏيندي هيس ته پُٽڙا تون خوش ته اسين اڳي ئي خوش. . .! هن سان سندس ننڍڙي ڀيڻ ڳالهائيندي هُئي ته هُو ڳالهائي نه سگهندو. پٽڪڙي ڀيڻ جي سڪ جي ڏنجهه ۾ ٻُڏي ويندو هو. هُو پنهنجي ڀيڻ سان بي حد پيار ڪندو هو.

هُن گُذريل ڏياريءَ تي گهر اچڻ لئه سيٺ کان موڪل گهري هُئي، پر سيٺ اهو چئي موڪل نه ڏني ته "تون گهر وڃي ڪهڙا طعام کائيندين. اتي ئي وينو رهه توکي اسين سُنا طعام کارائينداسين." سيٺ جي اهڙي انسانيت سوز عمل تي هُو بنهه ڏُکارو ٿيو هو. هُو جڏهن به اُداس ٿيندو هو تڏهن مون کي فون ڪندو هو. اُن ڏينهن به فون ڪيائين ۽ چيائين ته "امان! هي امير ماڻهون چو نه ٿا سمجهن ته غريبن جي اندر به دل گوشت جي ٺهيل آهي. پٽر ۽ رُڪ جي ناهي. رُڪ مان روبوٽ ۽ پٽر مان بُت ٺهندا آهن. اسين غريب به ته انسان آهيون نه." هن جي ڏُکايل دل جو احساس مون کان مٿي ڪير سمجهي سگهيو هوندو. مون هن کي آٿت ڏيندي وراڻيو هو ته "پُٽ! پاڻ اُهي اختر سوخته انسان آهيون، جن کي بُک ۽ غُربت جناور بڻائي ڇڏيو آهي. امير سمجهن ٿا ته پاڻ غريبن لئه پيٽ کان مٿي ڪجهه به ڪونهي. انهن کي ڪير سمجهائي ته رڳو طعام ئي عيدون ناهن هوندا. عيدون ته هڪڙو احساس هونديون آهن. اهڙو احساس جنهن ۾ ماڻهون پنهنجن سان ملي بُک ۾ به ڊوءَ تي کلندو ۽ خوش ٿيندو آهي." منهنجي اهڙي ورندي تي هُو مطمئن ٿي ويو هو. هُن پنهنجي ڀيڻ لئه ڏياريءَ جو تارن جو پيڪيٽ موڪلي ڏنو هو. اُن کي ٻاريندي ڏياريءَ جي ڏينهن ننڍڙي تارن وانگي ٽڙي هئي، جيڪا ڪالهه ياءُ جي موت جو ٻُڌي مُرجهائجي ويئي.

چون ٿا ته منهنجي پُٽ خودڪشي ڪئي آهي. هُو خودڪشي ڪري ها ته پڙهڻ ڇڏي پيٽ لئه نه ٻتڪي ها. هُو ته خوددار هو. هُو خودڪشي ڪري ئي نه ٿو سگهي. هُو منهنجي ڪُک مان ليٿي نڪتو هو. مون کي پنهنجي ڪُک تي يقين آهي. منهنجي ڪُک ڪڏهن به اهڙي بُزدل کي جنم نه ٿي ڏيئي سگهي جيڪو حالتن کي منهن نه ڏيندي مرڻ کي ترجيح ڏي. هُو ٽر ۾

ٽيندڙ خودڪشين تي سدائين ڳڻتي جو اظهار ڪندو هو. چوندو هو تہ "امان! ماڻهون خوڪشي ڪري پنهنجي پوري پريوار کي چو ٿا ماري وجن ". منهنجو مور جهڙو معصوم ٻچڙو پنهنجي پريوار کي ماري نہ ٿي سگهيو. منهنجي معصوم پُٽ جو قتل ٿيو آهي جنهن جي ايف آءِ آر آئون فطرت وٽ درج ڪرايان ٿي .اها ئي مون سان انصاف ڪندي .

اڙي ظالمو! منهنجي پُٽ جو ڪو ڏوهہ هو تہ مون کي تہ ٻڌايو ها. هن جو جيڪڏهن ڪو ڪبير گناهہ ثابت ٿئي ها تہ آئون پاڻ پنهنجي هٿن سان سزا ڏيئي " مڌر پاڪستان" ٿيان ها. منهنجي بي گناهہ پُٽڙي جو لاش وصول ڪندي مون جيڪا تڪليف پوڳي آهي ان جي چوٿون حصو دانهن اگر ڌڻي در پهتي تہ بہ اوهان جو نالو نشان نہ رهندو. اهو هڪ ڏُکايل ماءُ جو سراپ آهي. ٻُڌو اٿم تہ ماءُ ۽ مظلوم جي رڙ سڌو ستين آسمان جي سرتاج وٽ پهچي ٿي. سو منهنجي رڙ بہ دير سوير ضرور پهچندي ڇاڪاڻ تہ، آئون ماءُ بہ آهيان تہ مظلوم بہ.....!!

اي مُنهنجا لاڏڪا پُٽڙا! منهنجي بدنصيب پيٽ جي بي رحم ٻُک توکي کائي ويئي .مالڪ ايترو ڏي ها جو پيٽ پري کائون ها تہ اڄ تون مون وٽ هُجين ها. منهنجي دعا آهي تہ شل اندر لوڪ جون اپڇرائون توکي هندورن ۾ لوڏين. هڪ مجبور ۽ بيوس ماءُ سواءِ دُعا جي ٻيو ڏيئي بہ ڇا ٿي سگهي.

قلم تازه: جهامنيا ڏڪرا جيجل نان جهوري گيو رو

فقط

**هڪ نردوش مارجي ويل ٻچڙي جي ماءُ**

# پنهنجي ديس واسين ڏي ليکڪ جو خط...!

## پيارا ديس واسيو!

اج عيد آهي!...

عيد جيڪا سال جي ڊگهي سفر پُڄاڻان حياتيءَ وارن لئہ هڪ ڀيرو وري بہ وطن ۾ موٽي آئي آهي. ڪنهن ڀهگڻ ڳُنوار جي هار سينگار جهڙي هي عيد جتي ٻارن لئہ هڪ معصوم حسرت هوندي آهي اُتي ٻُڍن لئہ بہ هڪ ياد تازي جو روپ هوندي آهي. جتي وڇڙيلن لئہ وصال جو بهانو بڻجندي آهي اُتي رنلن لئہ پرچڻ جو پروانو بہ کڻي ايندي آهي.

عيد، جنهن جو تصور ئي سورج مکي جي گُل جهڙو سندر آهي. عيد، جنهن جو نالو وٺڻ سان ماڻهون جي وات ۾ مٺين مصري اوتجيو وڃي..اهڙي ڏڻ تي اسان کي بہ خوش رهڻ کپجي!...

هڪڙو ڏينهن ئي سهي پر خوش رهڻو آهي!

عيد رڳو امير ڇوڪريءَ جي ڪنچن ورنين ڪراين ۾ پاتل ڪانچ جي چوڙين جو ڪجھ ڪو ناهي، پر عيد اُن غريب نينگريءَ جي مک تي ٽڙندڙ ابهم مُرڪ جو بہ نالو آهي جيڪا ڀين جي تن تي نوان ڪپڙا ڏسي ٻالڪ هٺ ڪرڻ بدران پنهنجي پورهيت پيءُ جي پونجيءَ جو ڀرم رکندي پُراڻن لٽن ۾ بہ مونا ليزا وانگي مُرڪي ٿي.....!!

عيد رڳو ڊرائجن جا ڍَڪ کولي ڀيگ تي ڀيگ پيئڻ جو نالو ناهي، پر رُکي روٽي کائي مٿان پاڻي جو ڍُڪ پي سڪون جو ساهہ کڻي نہ چاهيندي بہ مُرڪڻ جو نالو عيد آهي.

عيد رڳو شاهوڪارن جي شاهي رڌڻن ۾ پچندڙ پنج پڪوانن جو نالو ناهي، پر عيد اُنهن نرڌنن جي نجهرن ۾ نما شام ويلي اڌ مِريئي وگهار ۾ رڌل پٽ جي پليٽ ۾ به سڳند ڀنجي سمايل هوندي آهي.

عيد رڳو اڇن ڪپڙن جي نون وڳن ۾ لوڏ ڪندڙ سفيد ڪالر سماج جي سرهائي جو ڏڻ ناهي، پر عيد ته ميرن لٽن ۾ سڄو ڏينهن پاپي پيٽ لاءِ پانپرا ڪندڙ انهن مزدورن جي منو ڪامنا به آهي، جن کي سڄي سال جي همالي ڪان پوءِ به هڪ وڳو مس ملندو آهي. اُهي پنهنجن معصوم ٻارڙن کي عيدي بدران آٿت ڏيندا آهن ۽ انهن جا سمجهو ٻارڙا اُميدن جا وستر پائي اُداس عيدون ملهائيندا آهن.

ها دوستو! پاڻ اُن صحرا جا رهواسي آهيون جتي پاڻي بقول اعجاز منگي جي ته”صرف ماڻهن جي اکين ۾ موجود آهي.“ جتي بي تحاشا بک ۽ ڏُک پڙ ڪيڏي ويهي رهيا آهن. جتي بارشون به محبوب وانگي ماڻا ڪري وسن. جتي حياتيءَ جو هرڻ ڏُکن جي رڻ ڪڇ ۾ روز تڙپي تڙپي مرڻ پنهنجو مقدر سمجهي ماٺ ماٺ ۾ سور سهندو رهي. اُتي اهڙي ڏهاڙي جي خوشي ڪجهه ڏڍ ڏيئي ويندي آهي.

ميون ٿا ته خوشيون اسان لئه خواب بڻجي ويون آهن ۽ ڏُک اسان جي مقدر جا مهمان بڻجي حياتيءَ جي دئاري ۾ اڻ دعوتيا ويهي رهيا آهن، پر ڇا ڪجي...!؟

ڪنهن وينگس جي ڊگهن وارن جهڙي هن وڏي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن نه چاهيندي به مُرڪڻو پوي ٿو ته، ڪڏهن ڪڏهن اُداس هوندي به بي تحاشا ٽهڪ ڏيئي کلڻو پوي ٿو. چاڪاڻ ته هي حياتي هڪ رنگ منچ آهي. جنهن تي جيئڻ لاءِ اداڪاري ڪرڻي پوي ٿي. حياتي جيڪا ڪڏهن صحرا جي سُڄ ۾ مور جي سُڏڪي جهڙي اُداس لڳندي آهي ته ڪڏهن ڪينجهر ۾ ٽڙيل تازي ڪنول جهڙي حسين لڳندي آهي. ڪڏهن وشال نيڻن واري مرگهه لوچني وينگس جي نڪ ڦُلي جهڙي خوبصورت لڳندي آهي ته ڪڏهن سسئي جي سراپ ڪان پوءِ سُڄ ٿي ويل ڀنڀور جي شهر جهڙي ڀينڪر لڳندي آهي. هن دو رنگي دُنيا ۾ هميشه به رنگ رچيل نظر ايندا آهن. فرد واحد ڪان وٺي سموري سماج تائين هر هند به رنگائي نظر ايندي

آهي. اميري، غريبي، سردي، گرمي، پنهنجا پراوا، ڏُک، سُک مطلب هر هند ۽ رنگ آهن. هي ڪبير واري اُها ”دنيا بڙي بانوري“ آهي جنهن ۾ ڪي اڌ ڏاوا رات جا تارا ڳڻي سکون سان سُمهندا آهن ته ڪي وڌ ڏاوا پيٽ وڪار ۾ سڄي رات اُلٽيون ڪندي ورچي جاڳندا آهن.

**اسين اڌ ڏاوا، اوهين وڌ ڏاوا،**
**اسين ڦٽڪون ٽا، اوهين ڦاٽو ٽا!**

(اُستاد بُخاري)

ڪي جُوس پي پي اوڪڄي ويندا آهن ته ڪي پاڻي جي لپ لئه پونئرن وانگي تڙپندا آهن.ڪن ڪي جهوپن ۾ جهُڳين ۾ غريباڻي چُلهه تي آونگ چاڙهڻ لئه لپ ان جي ٻه ناهي ملندي ته. ڪي محلاتن اڳيان قسم قسم جا طعام اوبر ڪري اُروڙين تي اُڇلائي ڇڏيندا آهن، جن ڪي ڏسي حساس دل ماڻهوءَ جو من مُرجهائجي ويندو آهي ۽ خوشي ملهائڻ تان ارواح ئي ڪڄي ويندو آهي.

**تنهنجي ميز تي طرحين طعام اڇن،**
**ڪائين ڪانگ ڪُتا جوٺا جام بڇن،**
**آئون ڪئين لوڻ چکيان،**
**منهنجا ماروئڙا روز روزا رکن.**
**استاد بخاري**

اڄوڪي هن عيد تي سموري ديس لئه ايشور در اها پرارٿنا آهي، ته شل هي عيد هر منش لئه هزارين خوشين جا سنديسا ساڻ ڪٺي اچي.ڪا ٻه چلهه چٽنگ سواءِ نه هجي .هر گهر ۾ ايرا سيرا طعام ترجن. ڪو ٻه تن لٽي لئه نه لُڇي، شل ڪنهن ٻه من ۾ مايوسي نه هُجي!!...

ڪنهن ٻه جيجل جي جهولي مٽيءَ جي سير لئه نه سڪي، ڪنهن تان ٻه ممتا جي ڇانوَ پل ٻه پري نه ٿئي. ڪنهن ٻه پيڻ جو پرم نه ٽُٽي. ڪا ٻه ٻانهن چوڙين کان خالي نه هجي، ڪا ٻه سينڌ سندوُر لئه نه سڪي. هر ڳچي ۾ هار سينگار ٻڌجن. هر نرڙ تي بنديا چنڊُ ٻڌجي چمڪي.

اي منهنجا پيارا مُسلم ڀائرو!...

اڄوڪي هن عيد تي عيد نماز کان پوءِ دعا لاءِ ٻئي هٿ مٿي کڻو تڏهن ڏُڪاريل ڏيهه لئه بارش گهُرڻ سان گڏ منهنجي ٿر جي هندو مسلم ايڪتا لاءِ رب کان دعا ضرور گُهرجو

**اي ڪاش هماري وطن ۾ ايسي فضا بني**
**ڪ مندر جلي تو رنج مسلمان کو ڀي هو**
**پائمال هو نه پائي مسجد ڪي آبرُو**
**يي فڪر مندرون ڪي نگهبان کو ڀي هو**
**لتا حيا**

اي منهنجا محبوب ديس واسيو...!! اڄوڪي هن عيد تي پنهنجي ڪوڙ خوشين ۾ انهن کي به ضرور شامل ڪجو جن جو ڪير به ناهي! عيد جي تريل طعام جو ڀِهرين گرهه وات ۾ وجهڻ کان اڳ ۾ اهو ضرور خيال ڪجو ته توهان جي پاڙي يا ڳوٺ ۾ ڪو ٻُڪايل ۽ ڏُڪايل ته ناهي!.هن عيد تي اُنهن ٻارڙن جي آسمان وانگي کُليل هٿ ترين تي سخا جا به سڪا ضرور رکجو جن جا سهارا وقت جي ستمر ظريفين جو شڪار ٿي ويا آهن يا مقدر ۾ مليل مفلسيءَ جي ڪري مجبوريءَ جي جهان ۾ گمنام آهن. اوهان جي ڏنل سڪن تي اُڪريل چنڊُ جو عڪس انهن معصومن جي اکين جي ڪينجهر ۾ ڪيئي سرهائيءَ جا رقص ڪرائي ويندو.

هن عيد تي اُن جيجل کي به آٿت جا ٻه ٻول ٻولائجو. جنهن جو لخت جگر هن محبوب وطن جي سرحدن تان وارجي شهيد ٿي ويو. ها اُن پٽيءَ ورتا پتنيءَ کان به عيد تي احوال ونجو. جنهن جو ور عيد تي پنهنجي گهر موٽڻ کان اڳ ۾ ئي هڪ لاري حادثي ۾ ايشور کي پيارو ٿي ويو. اُن نردوش ناريءَ جي وڏوا اکين ۾ مري ويل اڻ سمهويل وارن جهڙي عيد جي درد جو ڪاٿو ڀلا ڪير ڪندو؟

ڪير ان جي ٻارن جي سوالن جا جواب ڏيندو؟ جيڪي اڄ به اها آس رکي در ۾ اکيون اٽڪائي ويٺا آهن ته اڄهو ابو ايندو ۽ اسين به عيد ڪنداسين...!

فقط اوهان جو پنهنجو **امر**

# هوليءَ تي نہ پهچي سگهندڙ هڪ پورهيت جو پنهنجي پُٽ ڏانهن ڪُليل خط . . . !

روشنين جي شهر مان پورهيت پيءُ جا پرڻام شل قبول پون!

وشال آڪاش ۾ چمڪندڙ ڊُرو تاري جهڙا منهنجا دلبر پُٽ! اُميد تہ تون پنهنجي مومل ماءُ جي آنچل جي ڇانوَ ۾ ائين سرهو هوندين جئين پونئر نيل ڪنول جي گُل ۾ خوش هوندو آهي. دعا آهي شل تو تان ڪڏهن بہ اهو آنچل پري نہ ٿئي. تو لئہ دعائن جا در هميشہ کُليل رهن!

پيارا . . .! سُڀاڻي هولي آهي. هولي جيڪا حياتين کي حُلواڻ جهڙن رنگن ۾ رڱي ڇڏي ٿي. هولي جيڪا وڻ ٽُوٽ واري وٽندڙ رُت بهار کي پليڪار چوڻ لئہ ملهائي ويندي آهي. جيڪا بديءَ جي هار ۽ نيڪيءَ جي جيت جو جلترنگي ڏڻ آهي. ان ڏڻ تي پنهنجي گهر ڀاتين جي سڪ ۾ دلين جا درياءَ اوسام ۾ اچي تارون تار وهندا آهن .پنهنجن جي ياد هوليءَ جي آگ وانگي اندر دکائي ويندي آهي. پنهنجن کان پري رهڻ قسمت جو ڪيل وڏو ويڌن هوندو آهي. چوڻي آهي تہ " ڏاهو تي ڪنهن ڪمايو ناهي، چريو تي ڪنهن وڃايو ناهي." سڀ مقدر جا ڪيل آهن. سو آئون بہ هيل اهڙين حالتن جي شينهن جو شڪار آهيان.

اهو لکندي مون کي انتهائي ڏُک ٿي رهيو آهي، تہ آئون هن هوليءَ تي نہ ايندس .اُهو پڙهي توکي مون کان بہ گهڻو ڏُک ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ منهنجي اچڻ جو تو ڇهہ مهينا انتظار ڪيو آهي. انتظار ماڻهو جو رت سڪائي ڇڏيندو آهي پر ڇا ڪجي پُٽ؟ وقت ۽ حالتون اجازت نہ ٿيون ڏين. منهنجا

خيسا خلا وانگي خالي آهن. منهنجي هٿن ۾ سواءِ لڪيرن جي ٻيو ڪجهه به ناهي. منهنجي پيرن ۾ مجبورين جا پنجوڙ آهن. اندر جي سمندر ۾ اوهان سان ملڻ جي وير ياتا اُٿلي پيئي آهي. درد جي برف باري جي ڪري اکين ۾ لُڙڪ ڄمي ويا آهن. مون کي ڏونگر جيڏو ڏک اهو آهي ته آئون تولئه نيلامي وڳو به نه وٺي سگهيس. مون کي ته پتڪڙي پوپٽ جهڙي پنکي لئه پنج روپئي جون ڪانچ جون چوڙيون خريدڻ جي به خوشي نصيب نه ٿي.. اُها پنڪي جنهن جي ياقوتي چهري تي ٽڙندڙ ٽهڪن جا گُلاب منهنجي حياتيءَ جي کيتر ۾ سوين سُڳنڌون وکيريندا آهن. جنهن جي ميرن وارن جي خوشبوءَ مون کي ڪٿوريءَ کان وڌ وڻندي آهي، جيڪا جڏهن منهنجي گدلي چوليءَ سان چنبڙي ڪو انگل ڪندي آهي، تڏهن مون کي خُدا سان پيار ٿي ويندو آهي. منهنجي ساهه جي تار ۾ هر ويل وائلن وانگي وڄندڙ منهنجي اُن ستي ساوتري جهڙي سُگهڙ پتنيءَ لئه شُڀ ڏڻ تي هڪ ساڙهي وٺڻ به منهنجي مقدر ۾ لکيل نه هو. جنهن مون کان اڳ ۾ ڪڏهن ماني به نه کاڌي، جنهن سدائين مون کي ڀڳوان سمجهي پوڄيو. جنهن جي چرڻ جي چاشني مون کي ڀڳوان جي چرنه پوڄن کان مٺي ڀلي لڳندي آهي، جنهن جو پاڪر مون لئه دنيا جو سڀ کان بهترين پناه گاهه آهي. آئون ڪيڏو نه اياڳو آهيان جو عمر جي آخري ڏاڪي تي پهتل پنهنجي اُن مڙهيءَ ماءُ لئه پاءُ منائي جو به آٽي نه سگهيس، جيڪا سڄو ڏينهن مالها ڦيري منهنجي جهجهي ڄمار لئه پُڪار ڪري ٿي. آئون ته پنهنجي اُن پوڙهي پيءُ لئه چائنا جي چپل به نه وٺي سگهيس جيڪو منهنجا جڏهن به پير ٻرندا هئا مون کي پنهنجي ڪُلهن تي چاڙهيندو هو. پاريهي جهڙي منهنجي پورهيت ڏيل کي ڏينپوئن جي ڏنگ جهڙو ڏنپ اهو آهي جو آئون پنهنجي اُن پرديسڻ پيڻ کي رول گول جي جهومڪ جي هڪ جوڙي به ڏيئي نه سگهيس، جيڪا منهنجي هٿ ڪراين ۾ راکي ٻڌندي دنيا جي وڏي ۾ وڏي خوشي محسوس ڪندي هئي. جنهن جي هاتڪ هٿن جا ناهيل موڙ اڄ به مون لئه وڏي ميراث آهن. جنهن جي ڪوئل جهڙي ڪنٺ مان نڪتل دعائن جا ڏڏڪا اڄ به منهنجي ڪنن ۾ ڪِنجهي جئين ٻُرن پيا. هاڻي تون ئي ٻُڌاءِ پُٽ آئون ڪئين اچان؟ ڪئين اچان اُن ڪيفيت ۾ جنهن ۾ ساهه کڻڻ به مُشڪل هجي. اهڙن اذيتناڪ لمحن ۾ پنهنجن کان پري رهڻ ئي چڱو آهي. هٿين خالي حالتن

جي هٿوڙن جو ماريل ماڻهون پلا ڪهڙي خوشي ڏيئي سگهندو؟ ڪهڙي منهن سان اوهان کي منهن ڏيکاريان؟ آئون اوهان جو ڏوهاري آهيان. پنهنجي پريوار جي معمولي سپنن کي ساپيائن جا ويس نه پارائڻ جي پيڙا ڇا ٿيندي آهي؟ ان جو احساس اڄ ٿي رهيو آهي. ڏيڍ سوءَ ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ هڪ مزدور ماڻهو هن ڳاتي ٽوڙ مهانگائيءَ جي منحوس دور ۾ پلا ڇا ٿو ڪري سگهي؟ پنهنجو پيٽ پري ته پريوار جو ڪئين پري؟ پريوار جو پيٽ پري ته لٽا ڪٿان آڻي؟ لٽا وني ته اجهي جو اونو نندون اُڏائي ڇڏي ٿو. ان ڪري مون ڇهه مهينا ليڙون لٽن سان، هڪ ويلو ماني کائي، بنا اجهي جي ڦُٽ پاٿن تي راتيون گُذاري روپيو روپيو بچائڻ جي ڪوشش ڪئي. بچايا به سهي پر جمهوريت ۾ اوچ تي پهتل غنده گردي منهنجي خوابن کي هوليءَ کان اڳ خاڪ ڪري ويئي.. پيٽ تي پٿر ٻڌي جيڪي به پئسه ڪمايا هئا اُهي ڪالهه بشني ڪنڌ تي پستول رکي مون کان ڦُري ويا پُٽ! اُنهن کي ڪهڙي خبر ته انهن پئسن ۾ منهنجو جهان هو منهنجي سموري گهر ڀاتين جا ڪُڙڪُپيتي جهڙا خواب هئا. اُنهن ظالمن اڳيان مون جام ايلاز ڪيا پر پُٽ هنن منهنجي هڪ به نه ٻُڌي ۽ فرار ٿي ويا. منهنجي رت ولوڙي ڪمايل پئسن مان اُهي شايد شراب پيئندا ۽ ڪنهن مجبور عورت جي عصمت خريد ڪندا، تڏهن منهنجا پئسه ڪُنل پکي وانگي مون لئه ڦٿڪندا، پر اُنهن وحشين کي ڪو به احساس نه ٿيندو ڇا ڪاڻ ته مون ڏيان سان انهن جي اکين کي ڏٺو هو ۽ محسوس ڪيو هو ته انهن جي اندر دل نه، پر جگر هو جنهن سان اُهي ڪنهن کي ماري ته سگهيا ٿي پر جياري نه ٿي سگهيا.

مڃان ٿو منهنجي نه اچڻ سان دنيا ائين جي ائين هلندي رهندي ڪنهن تي ڪو فرق نه پوندو پر جگر! منهنجي ڪل ڪائنات منهنجو ننڍڙو پريوار جهُري پوندو. اهڙو پريوار جيڪو پکين جي پريت سان پنهنجي ڪکائن جهوپڙن ۾ ائين سرهو رهي ٿو جئين ٻاٻهيا ٿر جي ريگزارن ۾ اُڃ مرندي به آسودا هوندا آهن. اهڙو پريوار جنهن جا سپنا به مارئي جي مُرڪ جهڙا سادا، جنهن جون خوشيون به ٽيج پياڪ ٻارن جي خوابن جهڙيون ڪلمڪ، جنهن جون آسون به فقيرن جي دل جهڙيون درويش، جنهن جون نيتون به ماڪ جهڙيون پاڪ.! اُن ڪُٽنب جا سيئي ڪوڏ منهنجي وجود

سان وابستہ هئا ۽ منهنجو وجود مُلڪ جي وڏي شهر جي وڏن وحشين هٿان ڊونئري ڏينهن جو لُٽجي ويو. ان کان مٿي پيو کهڙو الميو هوندو.

ڊوڙيلي جي ڏينهن جڏهن سڄو ڳوٺ رنگ ۾ رڱجي هڪ ٻئي تي گير ڪندو تڏهن اوهان جي اکين ۾ اُداسي جو رنگ اُڀري ايندو. جنهن کي ڳوٺ جو ڪو بہ ماڻهو محسوس ڪري نہ سگهندو. پر منهنجو روح اوهان جي هر الميئي تي اوڇنگارون ڏيئي روئيندو.

مون کي اهو احساس آهي تہ جڏهن تنهنجي پيڻ توتان پارٽي اُتاريندي پنهنجي ٻڪايل پيٽ سان توتان هارولن جا هار گهوريندي تڏهن تون موٺ ۾ اُن کي ڳُڙ جي ڳڙي بہ نہ ڏيئي سگهڻ جي ڏُک ۾ جهُرئي جبل وانگي جهُري پوندين. تون تہ تڏهن بہ جهُري پوندين جڏهن ڳوٺ جا سمورا ٻار پنهنجن بابلن جون آڱريون پڪڙي انهن کان خرچي گهرندا. تنهنجي روح ۾ اُداسي جو ريلو تڏهن بہ روان هوندو جڏهن سموري ڳوٺ جون پونم چنڊُ جهڙيون پريون ست ست سينگار ڪري، هوليءَ جون لارون ڏسي پنهنجي وشال اکين ۾ سُرمي جون سرايون ڦيري سرهيون ٿينديون، تڏهن تنهنجي سورج سريکي ماءُ جون ساحر اکيون گهر جي اُجهاميل چُلهہ کي ڏسي سمندر بڻجي پونديون ۽ هُوءَ چاهيندي بہ هولي ڏسي نہ سگهندي. اُن مهل اوهان کان پري آئون کهڙي ڪيفيت مان گُذرندس؟ ان جو اوهين سوچي بہ نہ ٿا سگهو. آسمان تي چنڊُ مڪمل هوندو پر منهنجي اندر جو چنڊُ اڌورو هوندو. روشنين جي شهر ۾ هوندي بہ آئون گُگهہ اوندهہ ۾ هوندس. منهنجي سرير ۾ ساهہ تہ هوندو پر آئون زنده نہ هوندس. منهنجي اکين ۾ پاڻي تہ هوندو پر روئي نہ سگهندس. منهنجي پيٽ ۾ ٻُک جي باهہ ٻريل هوندي پر ماني کائي نہ سگهندس. اُڃ ۾ ٻُڪيون سمنڊ ڪناري ڦٿڪندڙ مڇين وانگي تڙپنديون رهنديون پر پاڻي جو ڍُڪ نڙي مان هيٺ لاهي نہ سگهندس. اهڙي بيوسي واري حالت ۾ آئون بار بار مرڻ چاهيندس، پر اوهان جي اوسيئڙي ۾ مري نہ سگهندس.

پُٽ! اهو ڪڏهن بہ نہ سمجهجانءِ تہ هن سنسار ۾ رڳو پاڻ ئي دُکي آهيون. هن دنيا ۾ اڌ کان وڌ آبادي اهڙن ئي عذابن جو شڪار آهي. آئون جنهن ميگا سٽي ۾ رهان پيو ان جي رونقين ۾ مون جهڙن لکين مزدورن جو رت ۽ ست سمايل آهي، پر اميري جا چشما چاڙهي هلندڙ ماڻهن کي اهو

ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي. اهي وڏا شهر وڏيون اجگر بلائون آهن، جن جي زهر سان هر روز الئہ ڪيتريون حياتيون ڏنگجن ٿيون. هتي جي راتين ۾ جتي پنج ستارا هوٽلن جي ڊبل بيڊ رومن ۾ فرينچ شراب جي نشي ۾ ٻُڏل ڪيئي حسين جوڙا هني مون ملهائن ٿا اُتي هن ئي شهر جي جهوپڙ پٽين ۾ غريب ميڇرن جي موسيقي ۾ ننڊ ڪرڻ جا عادي ٿي وڃن ٿا. هن ئي شهر ۾ ڪي پيزا ۽ چڪن بريانيون کائي کائي بيزار ٿي ويا آهن تہ ڪي بُک جي باهہ اُجهائڻ لئہ اروڙين تي اُڇلاين گند مان اوبر ڳولين ٿا. ڪن کي پارڪن جي پينگهن ۾ لُڏندي بہ بوريت محسوس ٿئي ٿي تہ ڪن جي ٻارن کي ڪٽ جي ايس ۾ ٻڌل جهولي بہ نصيب نہ ٿي ٿئي.

پاڻ وٽ ماڻهون سوپاريون کائيندا آهن هتي سوپاريون ماڻهو کائيندا آهن. پاڻ ڪليل اگڻ تي بنا ڪُتڪي جي آنند ڀري اونگهہ ڪندا آهيون هتي بند ڪمرن جي ايسين ۾ بہ ماڻهن جا پگهر نڪري وڃن ٿا پر ننڊ نہ ٿي اچي.

منهنجا ماڻينگر پُٽ! آئون دُنيا جو هر عذاب سر تي سهي سگهان ٿو پر اوهان کي اُداس ڏسي نہ ٿو سگهان. اوهان جي اکين ۾ لُڙڪ ڏسي سگهڻ جيتري سگهہ مون ۾ ناهي رهي. موت سان مقابلو ڪري سگهان ٿو پر ٻچن جي مُک تي مايوسي نہ ٿو ڏسي سگهان. بقول ڪوي:

**موت سي جو نه ڈرتا تا وه بچون سي ڈر گيا**
**اک رات جب مزدور خالي هاٿ گهر گيا**

منهنجا نورچشم! جڏهن ماڻهوءَ جون مور جي دل جهڙيون منون ڪامنائون ۽ ڪونجن جهڙيون ڪلپنائون مايوسيءَ ۾ مري وينديون آهن، تڏهن هي دُنيا دوزخ جهڙي لڳندي آهي. دل دانهون ڪندي آهي، پر اُهي دانهون دنيا جو ڪو بہ ڪن ٻُڌڻ جي سگهہ ناهي ساريندو. وقت ۽ حالتن هٿان مري ويل من پاونائن جو درد دنيا جو ڪو بہ قلم صحيح نموني لکي ناهي سگهندو. حياتيءَ جي ٻُڪ مان هارجي ويل حسرتن جي موتين کي ڪو بہ جواهري ميڙي ناهي سگهندو. بس ڪجهہ گهرا زخم دل جي بدن تي امٽ نشان ٻڌجي رهجي ويندا آهن، جن جي سُور ۾ روح سدائين ميلي ۾ وڃائجي ويل ٻار جي ماءُ وانگي روئندو رهندو آهي...!

مون کي اهو ڏينهن تا قيامت نہ وسرندو، جنهن ڏينهن مُفت جي بس ۾ چڙهي هڪ ميلي ۾ پهتا هئاسين. ميلي جي بازار ۾ رنگ برنگي رانديڪن جا سوين دڪان ڏسي تو بہ آڙو ڪيو هو تہ، بابا مون کي بہ هڪ رانديڪو وٺي ڏي. تنهنجي اصرار تي مون پنهنجي کيسي ۾ هٿ وڌو تہ مون کي غُربت جي زهريلي وڇون ڏنگي وڌو هو. کيسي ۾ موجود چند سڪا سارينديساريندي شام ٿي ويئي هئي پر رانديڪو نہ ملي سگهيو هو. اُنهن چند سڪن مان مون توکي ڦُلا وٺي ڏنا هئا، جيڪي تنهنجي نڙيءَ ۾ پُرٽ وانگي چُڀي ويا هئا. تون رانديڪن کي ڏسندو رهين ۽ آئون پيڙائن جي پلصراط تان گُذرندو رهيس. ان ڏينهن کان پوءِ آئون ڪڏهن بہ ڪنهن ميلي تي ناهيان ويو. رانديڪا مون کي غريبن جي ٻارن جا لاش لڳندا آهن.

پُٽ اُهو ڏينهن توکي چڱي طرح ياد هوندو جنهن ڏينهن آئون توکي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو شهر گهمائڻ وٺي ويو هئس. جولاءِ جو مهينو هو. شهر ۾ موجود گاڏن تي انب، ڪنهن سوناري جي دڪان جي شوڪيس ۾ پيل سونن زيورن وانگي چمڪي رهيا هئا. پاڻ ٻنهي گاڏي تي وڃي اگهہ پُڇيو هو. اگهہ ايترو هو جو ڀاڙي لئہ پئسا نہ ٿي بچيا، تڏهن تو چيو هو بابا مون کي انب جُلاب ڪندا آهن. مون تنهنجي ابهم اکين ۾ مري ويل منائڻ جو درد چڱي ريت محسوس ڪيو هو پر ڪجهہ بہ ڪري نہ ٿي سگهيس. واپس گهر بہ هلڻو هو. اُن ڏينهن کان پوءِ مون کي انب غريبن کي ڏنل ڏاتار جو ڏنپ لڳندا آهن.

قلم تازه: پُٽ منهنجو ڪو بہ اونو نہ ڪجانءِ. نہ ئي پنڪيءَ ۽ ڀين گهر وارن کي چئجانءِ تہ بابا ڪو نہ ايندو. ڪنهن جي بہ آس نراس ٿيڻ نہ ڏجانءِ. تون منهنجو ڊول پُٽ آهين پنهنجو ۽ پنهنجي پريوار جو خيال رکجانءِ! آتما سان لکيل هي خط اڪيلائي ۾ پڙهي پوءِ هوليءَ جي دکندڙ باهہ حوالي ڪري ڇڏجانءِ! ۽ ياد رکجانءِ تہ هن هوليءَ تي تنهنجي جهوليءَ ۾ تڪ جو ڪو بہ ايم پي اي يا ايم اين اي آڻت جي عيدي وجهڻ نہ ايندو. پوءِ بہ حوصلو نہ هارجانءِ. تنهنجو رب خير ڪندو!

فقط تنهنجو پورهيت پيءُ

ملوڪ

ڪچرا منڊي **ڪراچي**

# قصور ۾ بي دردي سان ماريل زينب جو پنهنجي پيءُ ڏانهن خط...!

جل ٿل بادل جي ڇايا جهڙا منهنجا بابل...!

منهنجي هم وطنن کي ڇئجانءِ تہ آئون ايراني غاليچي ۾ روپيل گُل جهڙي اوهان جي وطن جي ڌيءَ زينب آهيان. اُها زينب جيڪا بابا بلهي شاهہ جي بي داد نگري قصور ۾ بي قصور مارجي ويئي هُيس .جنهن سان انسانن جانور ٻڻجي زنا ڪيو هو. اُها زينب جنهن کي طبي موت مرڻ کان اڳ ۾ تڙپائي ماريو ويو هو. ها! آئون اُها ئي زينب آهيان جنهن جي هر چيخ پُڪار ٻڌڻ کان اڳ ۾ بي رحم وقت چورائي ويو هو. ها! آئون اُها اختر سوختہ زينب آهيان جنهن جي ڳلي اچان ڳالهائڻ ئي مس سکيو هو تہ ان کي گهُٽي، اُن جي پڪين جهڙي گُگدام زبان کي ڏندن ۾ دٻايو ويو هو. اُها زينب جيڪا اڄ ڪلهہ عالمي ميڊيا جو موضوع بڻيل آهي، جنهن کي چند ڏينهَن کانپوءِ مائٽن کانسواءِ هر ماڻهو وساري ڇڏيندو. جنهن جا سرد سُڏڪا انصاف لئہ التجائون ڪندي آڪاش جي پولارن ۾ پرواز ڪري ويندا.

ٻُڌاءِ بابا! مون کان انهن کي ڪهڙو خوف هو جو مون کي بنهہ بي دردي سان چٿڙي ماريو ويو. مون کان تہ انهن ماڪوڙين کي بہ ڪو ڊپ نہ هو جيڪي منهنجي چپن تي ڇهٽل ڪٽمنڙن جي مناڻ جي رهجي ويل رس کي بي تڪلف ٿي ننڊ ۾ چوسي وينديون هيون. مون کان تہ اُنهن تتلين کي بہ ڪو خوف نہ هوندو هو جيڪي منهنجي هٿيلي تي ويهي مون سان ڪچهريون ڪنديون هيون. مون کان تہ پکين کي بہ ڪو جوکو نہ هو جيڪي منهنجي بار بار اُڏائڻ باوجود منهنجي اڱڻ تي اچي ٽلورا ڏيندا هئا.

پوءِ مون کي ڇو ماريو ويو...؟؟

ٻڙ جي گهاٽي ڇانوَ جهڙا بابل...!

ماڻهو چون ٿا تہ هُنن وحشي درندن مون مان جسم جي بُک مٽائي آهي، پر بابا آئون تہ سيڪس لفظ کان ئي اڻواقف هئس. آئون تہ اڃان ٻار هئس. ٻار جيڪي خدا جو ٻيو روپ هوندا آهن.! ٻار جن جي مُرڪ پسي پيٽ ٻُکايل جي بُک مٽيو وڃي .ٻار جن جا ٽهڪ ڪروڌ کي تڙي ڪڍي ڇڏيندا آهن. ٻار جن جي ڇپن کي پوپٽ گُل سمجهي چوپيندا آهن. ٻار جن سان رانديڪا رهاڻيون ڪندا آهن. ٻار جن جي اصرار تي وشال آڪاش پنهنجا شاور ڪولي رحمتون وسائيندو آهي. ٻار جن سان جانور بہ پيار ڪندا آهن. ٻار جن کان سواءِ اڱڻ سڃو تصور ڪيو ويندو آهي. ٻار جن کي پاليو ويندو آهي پر ماريو ناهي ويندو پوءِ مون کي ڇو ماريو ويو بابا . . .؟

آئون تہ ماڪوڙي جيان معصوم هئس. مون مان ڪهڙي جنسي بُک مٽي هوندي؟ ماڪوڙي کي نپوڙڻ سان رت نہ پر پاڻي نڪرندو آهي.! منهنجا بابا . . .! مون کي ڪنهن بہ نہ بچايو. مون سان ٿيل وحشيتناڪ ويدنا کي ڏسي وڻ ڏار لوڏي ڏُک ونڊيندا رهيا، پر بيوس بچائي نہ سگهيا. منهنجون معصوم چيخون ٻُڌي پکي ڪوڪيندا رهيا، پر بي هٿ هئڻ ڪري مون کي بچائي نہ سگهيا. مون کي وحشين جي عُقابي چنبن ۾ بي هوش ڏسي هوا هوش وڃائي سوسٽ ڪندي رهي، پر هٿن واري انسان اڳيان بيوس هوندي مون کي بچائي نہ سگهي. آئون باھ ۾ ڪريل پرواني وانگي پچندي رهيس ۽ ڏونگر ڏسندا رهيا.

منهنجا بابل! منهنجي جيجل کي چئجانءِ مون وحشين جا وار سهندي توکي ڏاڍو ياد ڪيو هو. هن کي چئجانءِ تو پاڻ کي ٻُکايل رکي مون کي جيڪي گراهہ ڏنا هئا، اُهي نڙي ۾ اٽڪي پيا هُئا، مون تو کي ڏاڍو ياد ڪيو هو. تو سياري جي سردي ۾ سيءَ مرندي مون کي جيڪي ڪمبل اوڍايا هئا انهن جي گرمائش ۾ منهنجا انگ ٻري رهيا هئا. مون توکي ڏاڍو ياد ڪيو هو. تون مون تي مکي بہ ويهڻ نہ ڏيندي هئينءَ پر امڙ گڏهن جهڙا ماڻهو منهنجي گُلن جهڙي وجود تي ويهي رهيا، جن کي ڪنهن بہ نہ هٽايو. مون توکي ڏاڍو ياد ڪيو. مون کي زندگي ۾ ذرو ٻرو ايندو هو تہ تون پاڻ ٻري پوندي

هئينءَ، پر هتي ته سورن ۾ منهنجي نس نس ڦاٽي پيئي هئي. پيشاب بدران رت هليو هو. مون توکي ڏاڍو ياد ڪيو هو.

منهنجا بابل...! منهنجي گهر ۾ پيل منهنجا رانديڪا روئن ته چئجانءِ اوهان جي گگدام مالڪ کي اشرف المخلوق پنهنجي جنسي بُک جي پيٽ چاڙهي ڇڏيو. منهنجو پوڪيل وڻ منهنجو پُڇي ته چئجانءِ هُوءَ آسمان جي وسعتن ۾ گُم ٿي ويئي آهي .منهنجو پاليل ڪُتو مون کي نه ڏسي گهر ۾ پُڇ لوڏي اُداس ڪوڪون ڪري ته، چئجانءِ، ماڻهو ڪُتا بڻجي ڪيس کائي ويا. گهر جي ڪُنڊ ۾ پيل منهنجن گڏين کي چئجانءِ اوهان کي پرٽائڻ کان اڳ ۾ ئي آئون پنهنجي ڪنوارپ وڃائي ويٺي آهيان، سو هاڻ اوهان کي کهڙو منهن ڏيکاريان، ان ڪري منهنجو انتظار نه ڪن!

بابل! ماڻهو سمجهندا مون مزاحمت ڪونه ڪئي هوندي، پر بابل مون پنهنجي عصمت بچائڻ لئه نندي هوندي به وڏا وس ڪيا هئا، پر بچائي نه سگهيس ڇاڪاڻ ته هٿ مون وٽ به هئا، پر صفا نازڪ هئا جيڪي ڪڏهن گُل به نه پٽي سگهيا، سي گڏهن کي ڪئين هٽائي سگهندا. آئون چڪ به نه هڻي سگهيس، ڇاڪاڻ ته ، منهنجا ڏند اڃا ويشنو هئا. آئون لت به نه هڻي سگهيس، ڇاڪاڻ ته، منهنجون ڄنگهون جانورن وٽ قابو هيون. آئون فقط رڙيون ڪندي رهيس. اهڙيون رڙيون جن ۾ هڪ ست قرآن نياڻي جي نرمل ڪايا سان ٿيل ڦهر جي صدا سمايل هئي. جنهن کي مهذب سماج ٻُڌي نه سگهيو.

ڪنن ۾ ڪميٽپ جو ڪپهه وجهي هلندڙ هن بي رحم سماج منهنجا سرد سڏ منهنجي جيجل تائين به نه پهچايا. جيجل جيڪا اولاد جي اک مان ڪريل هر لُڙڪ کي روح جي رومال سان اُگهندي آهي. اُن عظيم رشتي تائين ڪير منهنجي رڙ پهچائي ها ته ڪر امڙ دنيا جو هر درد اورانگهي، هر مصيبت کي منهن ڏيئي مون کي بچائڻ اچي ها .مون کي مرڻ وقت پنهنجي هنج ۾ ڪٺي لوريءَ ٻُڌائي ها ته، منهنجي تڙپندڙ روح کي ڪجهه سڪون ملي ها پر، مون اڀاڳڻ کي اها به نصيب نه ٿي.

مون سر توڙ سُورن جي شدت ۾ جيڪي سڏ ڪيا، اُهي سڏ ڏينهن قيام جي هر انسان کي وڏي واڪي چوندا ته اسان کي ڇو ڪونه ٻڌو ويو؟ اسين

جيڪي هڪ ابهم روح جي پُڪار هئاسين. اسين جيڪي هڪ معصوم ڇوڪريءَ جا سڏ هياسين. اها ڇوڪري جيڪا اڄا عورت بہ نہ بڻي هئي. ان سان بنھہ بي حيائي وارو سلوڪ ڪيو ويو. اهڙو سلوڪ پيشہ ور وئشيائن سان ريگيولر گراهڪ بہ ناهن ڪندا.

منهنجا بابل! مون کي معاف ڪجانءِ. آئون توکي پيري ۾ پاٽي لپ پيارڻ کان اڳ ۾ خود اُڄ مري، مري ويئي آهيان. منهنجا سڀئي سپنا ويرين جي ور چڙهي ساپيائن جي رڄ ۾ سڙي ويا. آئون پاءُ جي سِر تي سهرا بہ نہ ڏسي سگهيس، نہ ئي وري پنهنجي هٿ تي مينديءَ جا گُل مورجي سگهيا. بابا! مون سان انصاف مشڪل ٿئي. حاتم طائي حُڪومت منهنجي عصمت ۽ زندگيءَ جي قيمت ٽيهہ لک روپيہ ڳڻي آهي. اُهي ٽيهہ لک توکي روز ٽيهہ پيرا ماريندا ۽ جيئاريندا. تون مون کي فطرت ۾ ڪٿي بہ ڳولجان نہ.. آئون توکي ڪٿي بہ نہ ملنديس. نہ سانجهہ جي ستارن ۾ نہ چوڏهين جي چنڊُ ۾. نہ خار ۾ نہ گُلن ۾. نہ عرض و سمان ۾. نہ وڻن ۾ نہ پکين ۾. مون کي فقط ماءُ جي اکين جي ماڪين ۾ ڳولجانءِ، جتي آئون لُڙڪ جي صورت ۾ هر وقت رمندي رهنديس! مون کي پنهنجي دل ۾ ڳولجانءِ، جتي آئون هر ڌڙڪن ۾ ڌڪندي رهنديس. هاڻ بابا جنت ۾ ملنداسين. جتي منهنجي اکين ۾ لُڙڪ نہ هوندا، ڇاڪاڻ تہ منهنجا سڀئي لُڙڪ قصور جي ڌرتي جذب ڪري ڇڏيا آهن. اُتي آئون توسان اکيون پوري ملنديس، ڇاڪاڻ تہ منهنجي عصمت لُٽيل آهي، آئون توسان اکيون ملائي نہ سگهنديس..

فقط تنهنجي

نردوش مارجي ويل نياڻي

**زينب**

# نثار بلوچ جي خط جي جواب ۾ لکيل خط...!

## پيارا نثُو!
## حق موجود...!

ادل نثار...! تنهنجي نثر تان نثار وڃان. تنهنجو خط جيڪو تو پنهنجي ٽر کي لکيو آهي، اهو خط مون روح سان پڙهيو آهي.

پيارا... جون جي هن گرمي ۾ تنهنجي ٿر جا رڳو شهر تغارين جئين ناهن تپيا، پر ڀهراڙين ۾ بہ ٻاهرن ٽانڊن جئين واريءَ تپي آهي. اُن تپيل واريءَ مٿي اُگهاڙن پيرن سان اُسڙڪندڙ انهن ماروئڙن کان پُڇجي تہ ڄيٺ جي جلن ڇا ٿيندي آهي؟ جن کان ساندارين جا ڀاڱي بہ سپنا ٿي ويا آهن تہ ڪانڪها ۽ روهيڙا بہ انفرادي مفادن جي ناپاڪ ارادن ڪهاڙين سان ڪسي ورتا آهن. مٺا ٿَر جي ڪاڙهن کان وڌ تہ اُهي هوائون هانوَ ڪائين ٿيون، جن جي زور تي هلڪڙي واري اُڏامي اکين ۾ پوي ٿي. ان اُڏامندڙ واريءَ جي وار تي مال مڙهن ۾ وائڙو ٿي لُڇي ٿو. بکن ۾ بيحال مال ڏسي ڏنارن جي اکين مان لُڙڪن جون ڀِچون ٽُٽي پونديون آهن .

ڪنهن جوڳي جي ويس جهڙا ڪڪر پسڻ لئہ آسائتا نيڻ نڀ ۾ ڏري برسات جي اڳڪٿي ڪندڙ تنهنجو جهونو ٿر ٿڪو پيو آهي ۽ نوجوان ٿر هاڻي جديد موسمي اڳڪٿين جي آسري سمورا گُر وساري ويٺو آهي. نہ موڳن جي سُڌ آهي نہ اُڀ جو پتو، نہ تتر ڪرڙي جي خبر آهي، نہ نرمري چنڊ جي پروڙ آهي. نہ آڪا ٻيج جي چمڪي جو پتو!

پيارا...! تنهنجي ٿر جو تعارف هاڻي تبديل ٿي چُڪو آهي!

ويساک جي لُڪن ۾ موجڪي جُتي پائي، ڪُلهي تي سانداري ڪٽي پٽن تي بانسُري وڄائي وڙولن تي مال وارينڊڙ ٿر هاڻي نواڻ جا نوان دگ ورتا آهن. هاڻي چائنا جون ربڙ واريون چپلون پيرن ۾ پائي، پيپسيءَ جي جمبو بوتل ۾ گرم پاڻي ڪٽي، موبائيلن تي ”مُني بدنام“ جهڙا بدنام گانا وڄائي فون ڪالز تي وچايل مال جي ڳولا جا نوان گس ورتا آهن. وڳن ۾ پير سُڃاڻي پنهنجا وهٽ ڳولي لهندڙ” ناسيتو“ ٿر ماضي جو قصو ٿي ويو آهي. تنهنجو ٿر هاڻي جديديت جي جنون ۾ ايترو ته اڳتي نڪري چُڪو آهي جو هُن ڪان هاڻي” همرچي“ ۽ ”راڻليئي“ جا هڙئي سُر وسري ويا آهن..

همرچو ۽ جانپيو هاڻي فقط حيدر رند جي ڪيسٽن ۾ باقي بچيا آهن، جن کي وڄائڻ لئہ وقت وٽ ڪو بہ ٽيپ ناهي.

پيارا ...!

تنهنجو ٿر پاڻهي تبديل ناهي ٿيو پر اُن کي هٿ سان بدلايو ويو آهي.

تنهنجي معصوم ٿر جو مزاج مٽائڻ ۾ اُنهن غير سرڪاري ادارن جو بہ وڏو هٿ آهي، جن باٿروم ڪرڻ لئہ صحيح جڳھہ جي سُڃاڻي ڏيندي ٿر جي نالي پنهنجا وارا نيارا ڪيا آهن. اُنهن کي ڪنهن بہ ڪجھہ نہ چيو جن سُڪار جي نالي وڏا ڏُڪار ڏيندي، اهو چيو تہ ماني کائڻ وقت هٿ صابڻ سان ڌوئجو. هاڻي ڪير پُڇائي انهن کي تہ ماني ئي ناهي تہ هٿ ڌوئڻ مان فائدو؟ چني ۽ چپني ۾ وٽن جا چوڏا کائي پنهنجي يوميءَ جو پرم بچائيندڙ تنهنجي ٿر کي عالمِ آشڪار ۾ ”پروفيشنل پينو“ طور سُڃاڻپ ڪرائيندڙ اڄ ٿر جي ثقافت ۽ ڪلچر جا ڪرتا ڌرتا بڻيل آهن. هاڻي تون ئي ٻُڌاءَ تہ ”يڪشڪ“ جيڪڏهن ”رڪشڪ“ بڻجي تہ ڇا ڪجي...؟

ٿر جي ڏيرن ڏيلن جا فلمايل فوٽو مغربي ملڪن کي ڏيکاري انهن کان همدري حاصل ڪندڙ هڪ اين جي او جو اڳواڻ تہ انفرادي فائدي لاءِ ايتري قدر ويو جو هن اُن ڪميونٽي کي ”نيچ“ ڏيکارڻ ٿي چاهيو جيڪا تعليم جي وسيلي صدين جي سفر پڇاڻان مس مس اوچي پد تي پهتي آهي.

انفرادي فائدي لاءِ اجتمائي قتل ڪندڙ اسان وٽ هيروز ٿيل آهن. پيارا نثارا...

ٿر ۾ هر سال پوندڙ ڏُڪار جي ڪري وڏندڙ بُک، بيروزگاريءَ ۽ بد حالي جي سبب رڳو ٿر جا کوهه ڀِيروئن جون قبرون ناهن، پر وٽن جا ڪلها بہ نوجوانن جا لاش کڻي کڻي ٿڪجي پيا آهن. بيروزگاري ايتري وڌيل آهي جو ماڻهو نس بنديون ڪرائڻ تي مجبور آهن. هاڻي هر سال ”ٻاگهل“ ميٽ نہ پر متي ڪائي ٿي، اُها بہ ”مَور“ ۾ نہ پر بُک ۾، پوءِ بہ چيٽ هر سال ليٽ رهي ٿو الئہ ڇو...؟؟

ائين بہ ناهي تہ تنهنجي ٿر ۾ روزگار ناهي. ٿر ۾ سوين اين -جي-اوز آهن، انهن ۾ روزگار بہ آهي، پر اهو انهن مخصوص ماڻهن لئہ آهي جن جي ”پُٽ سبڙ“ آهي .باقي مون پاري ڪنهن غريب قلمڪار لئہ اُنهن وٽ پٽيوالي بہ ناهي.

سرڪار بہ کهڙيون ٽوڪيون ڏنيون آهن؟

روزگار ڏنو آهي پر انهن کي جيڪي روزگار ”وني“ سگهيا ٿي. هاڻي تون ئي ٻُڌاءِ مون پارا مسڪين ٽاريچا ڪال پول جي گوري مس وني سگهن اُهي نوڪري ڪئين وني سگهندا...! اُلٽي گنگا آهي يار...

پيارا...! تون تہ پِيرن جي نذراني تي پريشان آهين، پر هتي تہ ماڻهو سياسي پوتارن جا پير ڌوئي پيئڻ ۾ وڏو ثواب سمجهندا آهن. تنهنجي ٿر ۾ اڳي صرف سياست  برادري واري هوندي هئي پر هاڻ هر ڳالهہ ۾ برادري جي پُٽ پرائي ڪئي وڃي ٿي..چند ڏينهن اڳ ۾ حڪومت ڊاڪٽر پرتي ڪيا تہ ٿر جي هر برادري جي پڙهيل لکيل ماڻهن ايستائين جو اديبن بہ الڳ الڳ پوسٽون رکي، اهو چيو تہ اسان جي برادري ۾ هيترا ڊاڪٽر ٿيا.. ڪنهن بہ ائين نہ چيو تہ اسان جي غريب ٿر جي پورهيت پيئرن جا هيترا پُٽ اڄ ڊاڪٽر ٿيا آهن. اسين ڇو الڳ ٿي رهيا آهيون...؟

تنهنجو ٿر اڳ اهڙو نہ  هو پر اُن کي زوري بڻايو وڃي پيو. ٿر ۾ انتها پسنديءَ جا ڊِنڊورا پٽيندڙن کي شايد اها خبر بہ ناهي تہ  ٿر  جي نوي سيڪڙو ڀهراڙي جي ماڻهن کي انتها پسندي لفظ جي معنيٰ بہ نہ ٿي اچي. اهي تعصب ڪئين ڪندا...؟

پيارا نثار...! تنهنجو هڪڙو غريب ٿر هاڻي ٿر ديپ وٽ قرضُو ٿي چُڪو آهي ۽ هيو اجگر اينگرو وٽ گروي آهي.. هڪڙو ٿر "ڪيفي ٿر" تي سيلفي ڪڍائڻ ۾ پورو آهي تہ ٻيو ايس زيڊ ايس تي اعليٰ ڪاڏن جا مينيو پڙهي وينو. هڪڙو ٿر هڪڙي ويلي لاءِ وجهڪي پيو تہ هڪڙو ٿر اوور نيوٽريشن سبب پرياتي واڪ لئہ پريشان آهي .هڪڙو ٿر امداد جي آسري ڪم چور ٿي چڪو آهي تہ ٻيو ٿر اڃا ڏند ڪرڻ لئہ ڏُڪار جي انتظار ۾ آهي.

ٿر : وڏو وستار هاڻي ناهي رهيو...!

امراڻي ڪان وني رڻ ڪڇ تائين ۽ ٻُهراڻي ڪان وني ٻڙ جي ڍوري تائين ڪنهن قدآور وينگس جي جسم جهڙي ويڪري جاگرافي رکندڙ تنهنجي محبوب ٿر کي ڪن مفاد پرستن فقط مٺي تائين محدود ڪري ڇڏيو آهي..اُنهن مٺي ڪان سوين ڪوهہ پري ٻانڊي جي گوگٽي ڀٽ تي ٻُڪ مري ويل ڀيمي ڪولهي کي ڪڏهن ڀُلجي بہ ياد ناهي ڪيو. ياد تہ انهن ڪان اُها ننڍي نياڻي بہ ناهي ٿي جيڪا سُگار جي سيمن ۾ اُتت ڪاڙهي جو ننگي پير اٺي جي لپ لئہ ڪاتيون ڪري ٿي، جنهن جو پيءُ ڪالرا جي ڦهر ۾ اُن ساڳي اسپتال ۾ مري ويو. جنهن جي بجيٽ وڌائڻ سان سرڪار ٿر تي ٿر جيڏو ٿورو ڪيو هو. تنهنجي ٿر جي سموري ٿڪاوٽ مٺي جي ايئرڪنڊيشنڊ آرام گهر ۾ آرام سان ويهي دُور ڪرڻ جو نئون دستور تنهنجي چونڊيل نمائيندن وڌو آهي. تنهنجي ٿر جو سڄو ڏُڪار سول اسپتال مٺي جي عاليشان عمارت تائين محدود ٿي ويو آهي. جتي ٻار مرن ٿا يا ماريا وڃن ٿا اُهو تہ مالڪ ٿو ڄاڻي. مٺي ۾ ايشيا جو وڏي ۾ وڏو آرو پلانٽ لڳائي "حاتم طائي" حڪومت سموري ٿر جي اُڃ اُجهائي ڇڏي آهي .هاڻي مٺي جي ٿينڪر مافيا حڪومت جي وڏي عمر لئہ روز "نگرا پوڄي" ٿي. رڳو ايترو بہ نہ پيارا تنهنجي ٿر جو ادب بہ مٺي جي چند ماڻهن وٽ محفوظ آهي اُهي جن کي ادب جي پٽڪي ٻڌائين اهو ئي ثقافتي اديب ٿي سگهي ٿو. باقي ٻاڻ جهڙن لئہ انهن وٽ ڪا بہ گنجائش ناهي. ڇاڪاڻ تہ ٻاڻ نہ ڪنهن ويگو کي ويجها آهيو ۽ نہ ڪنهن جي جيءَ حُضوري جا جتن ڪري سگهون ٿا. ٻاڻ جيڪي دشتِ پيما بہ آهيون تہ دشتِ نورد بہ. ٻاڻ جيڪي پنهنجي

دنيا جا ڳُڻدار ڪلاڪار آهيون، تن لئہ مني جو ادبي ماحول هاڻي ممنوع ٿي چُڪو آهي. پنهنجا نواز واري اُن ماحول ۾ حاصل جي پاڙيسري ڪاڪٺهيار رحم جي نثار لئہ ڪا بہ جاءِ ناهي، پوءِ پلي هُو گيتا انجلي جهڙي گيان سان پريل خط لکي. ٿر جي اُن ساهتيہ سنگت ۾ ”پٽن جي پُڻ پُڻ“ ڪان وٺي ٻن خوبصورت ناولن تائين سنڌي ادب کي بيش بها قيمتي تحفا ارپيندڙ ناشاد رحم علي جي لئہ بہ ڪا جوڳي جاءِ ناهي. . .! جاءِ تہ ان ٿاڏات جي ٿرئي امر ساهڙ لئہ بہ ناهي جنهن سنڌي ادب کي ”اکين ۾ اُلڪا“ ۽” خيال ڪڙو ڪڙڪائين ٿا“ ڪان وٺي ”صحرا مون ۾ ساھ کٽي ٿو“ تائين ساھ ۾ سانڍڻ جهڙيون ساهتيہ سوکڙيون ڏنيون. ڏيپلو تہ هونئن وسريل وکر آهي. سو نہ سومجي مل ڏاراڻي ڪا ميار ڪري ٿو نہ احمد کٽي ۽ نہ ئي وري راقم الحروف. . .!! پر ڇيلهار جي ڇهيتي منٺار نهڙيئي جي من ساگر ۾ ملندڙ سُگهڙائپ جا موتي کوٽا ٿي ويا آهن ڇا؟ جو هن کي بہ وساريو ويو آ. يا پاٻوهر جي پروهت هيميڏان چارڻ جي هردي مان ڇٽور ٻولي جو ڇٽون اُڏامي ويو آهي. .؟

اهو بہ گهوريو پر يار مني ۾ هر سال ٿيندڙ ڏھ ڏھ پروگرامن ۾ ڪڏهن اُن شخص کي شرڌانجلي ڏني وئي آهي. . .؟ جنهن شخص ٿر جي وڻ وڻ جي وارتا لکي. جنهن شخص ٿر جي جيتن کي صدين لئہ اتهاسڪ جيئدان ڏنو. جنهن شخص واريءَ جي ڪڻ ڪڻ جي ڪهاڻي تاريخ جي ورقن ۾ سدا امر ڪري ڇڏي. اُن رائچند رانوڙ کي وسارڻ وڏي ادبي منافقي آهي. اهو منافقي تنهنجو نئون ٿر ڪري رهيو آهي.

تنهنجي نئين ٿر ۾ سرڪاري طور ملهائجندڙ ثقافتي پروگرامن ۾ ٿر جي کهڙي ثقافت متعارف ڪرائي وڃي پيئي. . .؟ اهو تون بہ پلي پت جاڻين ٿو.! صحرا جي ثقافتي سوکڙي لوٻون ۽ کٽا ناهيندڙ ويڙهيجهپ جي کهڙن ميگهواڙن کي مڃتا ايوارڊ ڏنا ويا / ويندا؟

مور جي کنين مان ويڃڻا ناهيندڙ ڪاريتل ۽ ويئل جي ڪيترين سُگهڙين جو سمانَ ڪيو ويو/ ويندو. . .؟

اُنن جا پاڪڙا، گهوڙن جا هنا ۽ ڪاٺ جي شاهه ڪاريگر اُن ڪونيي سوٿهڙ کي ڪهڙو سرٽيفڪيٽ مليو يا ملندو جنهن کي ارباب غُلام رحيم رحل ناهي ڏيڻ تي لک رپين جو چيڪ ڏنو هوا...

پيارا...! ٿر جي ثقافت راجپوتن جي رهاڻ ۽ ميگهواڙن جي ڀرت ڪانسواءِ ڪئين مڪمل ٿي سگهي ٿي...؟

اهي چند پر تلخ حقيقتون آهن جن تي سوچڻ گهرجي!.

اڄ سڄو ڏينهن ”جوڳيءَ“ جو ڪتاب ”جهنگ جا ماٺهو“ پڙهيو اٿم ان ۾ تنهنجو جهونو ٿر نظر آيو، جيڪو پائولا پائي بلائن کان بچڻ جا پانپرا ڪندو هو...!

ادل!

اجان ته گهڻو لکڻ لئه دل چوي ٿي پر تو وٽ پڙهڻ لئه وقت به گهٽ هوندو، ان ڪري هاڻي بس ڪيان ٿو.سگريٽ سستا ٿيڻ ڪري هي خط لکندي پنجون سگريٽ پيتو اٿم، رات جا ٻارنهن ٿيا آهن. اها به سورج ديوتا جي مهرباني جو توانائي ڏي ٿو ۽ چائنا جا وڙ جنهن شمسي پليٽون سستيون ڪيون جو مون جهڙو غريب ٻهراڙي ۾ چانڊٺو ڪري سگهي ٿو. هاڻي چنڊُ به اُيرڻ وارو آهي. ننڊ جا پڪي هونئن به اکين جي سانگا تي سوجهاڪي تائين نه لهندا، ان ڪري هاڻي چنڊ سان ڳالهيون ڪندي .چنڊُ تي نظم لکان ٿو. خط سياڻي پوسٽ ڪندس.

دعائن ۾ ياد

تنهنجو پنهنجو امر

# هڪ معصوم پُٽ جو
# پنهنجي بيروزگار پيءُ ڏانهن اُداس خط . . . !

بابا ڪٿي آهين...؟

الئہ ڪيترا ڏينهن ٿيا آهن تون لاپتہ آهين. مون کي تو سواءِ سُک نہ ٿو اچي .منهنجا پيارا بابل! آئون تنهنجي آڱرين جي ڇُهاءَ لاءِ سڪي ويو آهيان . آئون تو سواءِ اُداس آهيان، هتي منهنجي اُداسي ڪير بہ نٿو سمجهي سگهي .سواءِ جيجل جي ۽ اُها مون کي خوش رکڻ خاطر پاڻ ڪيترو پوڙهي ٿي، اهو اُن جون خاموش اکيون ئي ٻُڌائي سگهن ٿيون، جن ۾ ڳوڙهن جي برف ڄمي ويئي آهي . . .! امان جي ڇهري جي ريڪائن جو ڪتاب چوي پيو هُوءَ چڪيا تي چڙهيل شَب وانگي سڙي رهي آهي. تنهنجي سماچار ملڻ جي اوسيئڙي ۾ اسان ماني بہ ناهي کاڌي. ننڍڙو ادڙو ذر ذر امان کان تنهنجي اچڻ جو پُڇي ٿو ۽ هُوءَ ڏُکايل دل تي پٿر رکي مُرڪندي چوي ٿي بس ٻن ڏينهن ۾ اچي ويندو.

بابا! اسان کي تنهنجي بيروزگاري ئي قبول آهي بس تون موٽي اچ . . .! تون موٽي اچ تہ اسان ۾ ساهُ موٽي اچي. اسين جيئرا لاش ٿي ويا آهيون. بابا! اسان کي جيئاري وڃ!..

مونکي خبر آهي توکي هن بي حس سماج ٿوڪيو آهي. تو جهڙي حساس ماڻهو کي” واندي“ جو لقب ڏيندڙ هن سماج کي ڪهڙي خبر تہ تون فطرت جي مظهر ۾ ڪيترو مشغُول هُئين. تنهنجي مصروفيت جا شاهد آهن

تنهنجا اُهي شعر، جن کي پڙهي پٿر دل بہ ميڻ بڻجي وڃي. تون وڻن سان ويدنا اوريندو هئين. تون گگدام جانورن سان گُفتگو ڪندو هئين. تون جبلن جي جاگرافيءَ کي دل سان سمجهڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندو هئين. تون پٿن سان پُٺڪا ڪري ڪچهريون ڪندو هئين. تون پکين کان فطرت جا نغما ٻُڌندو هئين. تون غريبن جي ٻارن کي آئت جي خرچي ڏيندو هُئين. تون پرديس پرٽايل نياڻين جي نردوش اکين مان وهندڙ لُڙڪن کي ڏِچ جي رومال سان اُگهندو هُئين. تون وڌوائن جي ورلاپن ۾ آلاپ بڻجي اوڇينگارون ڏيندو هئين .تون فقيرن جا خالي ڪشڪول ڏسي انهن ۾ آس جا سڪا وجهندو هئين.

منهنجا قابلِ فخر بابل! تو هيترا ڪم ڪيا پوءِ بہ سماج توکي نڪمو چئي ننديو ۽ تون ناراض ٿي الئہ ڪيڏانهن هليو وئين...؟ تو اُن سماج جي پرواهہ ڪئي جنهن سماج کي سواءِ پئسي ميڙڻ جي، ٻيو فن اچي ئي ڪونہ بابل...! مجان ٿو توکي زماني وڏا ودِ ڏنا آهن. مون کي اهو ڏينهن اڄ بہ چٽي طرح ياد آهي جنهن ڏينهن تنهنجي سڳي سيڻ توکي وڏو ويڻ چوندي توکي ائين چيو هو تہ، هاڻ وڃي چپڙا چاڻ توکان نوڪري ڪون ٿيندي ۽ تون سڄو ڏينهن رُنو هئين. تون تہ تڏهن بہ رُنو هُئين، جڏهن ڊڊي وانگي ڊوڙڻ کان پوءِ بہ توکي روزگار نہ مليو هو. تون ان ڏينهن بہ جهوناڳڙهَ وانگي جهُري پيو هئين، جنهن ڏينهن امان کي عيد جو نئون وڳو بہ وٺي نہ ڏيئي سگهيو هئين.

هاڻي موتي آءُ. موتي اهنن ماڳن تي جتي پاڻ گڏجي مريڙو چوندبو هو. جتي پاڻ تراين ۾ تڙڳي وسڪاري جون آرتيون اُتاريون هيون. جتي پاڻ پنهنجي نندڙي ٻنيءَ ۾ پوکيل ٻاجهر مان چپٽين سان چيهو چونڊي صدين جا ٿڪ پيچيا هئاسين. جتي پاڻ ڪنيپون ڳوليندي ايترا خوش ٿي کليا هئاسين جو وڻن کي بہ وٽيا هئاسين. بابا...! تو سواءِ مون کي سيمون ڪائڻ اچن ٿيون. وسڪارو وهَ لڳي ٿو.

بابا! مون کي يتيم لفظ کان ئي ڊپ ٿئي ٿو. مون لئہ تنهنجا خالي هٿ ئي وڏي شفقت آهن. تنهنجون چُميون مون لئہ مکڻ باداميون آهن. تنهنجي مُرڪ مون لئہ سنسار ۾ سڀ ڪجهہ آهي. تنهنجو پيار منهنجي ڪُل پُونجي آهي .

توڪي خبر آهي آئون توسان ڪيترو پيار ڪيان ٿو. آئون توسان ايترو پيار ڪيان ٿو جيترو منهنجي ماءُ مون سان ڪري ٿي. آئون ڄاڻي واڻي چوندو آهيان مون کي پيٽ سُور آهي تہ هُوءَ ايترو روئندي آهي جو هُن جي پيٽ ۾ سُور پئجي ويندو آهي.

بابا...! تون منهنجي ڪا بہ ڳڻتي نہ ڪر. آئون توکان ڪڏهن بہ اهڙي گهُر نہ ڪندس جو تو لئہ باعثِ درد بڻجي. آئون پنهنجي غُربت جي دُنيا ۾ سموريون خواهشون تياڳي جيئڻ جي ڀرپُور ڪوشش ڪندس. بس رڳو تون موٽي آءُ!

توکي لڳي ٿو تہ مون کي اسڪول ۾ بُک لڳندي هوندي نہ منهنجا بابل...! مون کي بُک ناهي لڳندي. ڇاڪاڻ تہ آئون صبح سوير امان جي چُمين جو نيرڻ ڪري ويندو آهيان. تنهنجي آشيرواد جي لسيءَ پي ايترو ڍوءَ ڪندو آهيان جيترو هڪ امير جو ٻار ست رڃيون طعام کائي بہ نہ ڪري سگهندو آهي. اسڪول ۾ ٻين جا ٻار رسيس جو فاسٽ فُوڊ کائيندا آهن آئون فاسٽ ڊوڙڻ جي پريڪٽس ڪندو آهيان. ٻين جا ٻار سائيڪل هلائيندا آهن آئون وڻ تي ويهي اُن جي ٽارن تي پير رکي ائين هلندو آهيان، جئين اُهي سائيڪل جا پيڊل هلائيندا آهن.

منهنجا اٽيا وار ڏسي ڪلاسي ٻار کلندا آهن، تڏهن آئون مُرڪندو آهيان پنهنجي مقدر تي. منهنجي ٽُٽل چپل جي آڱوٺي کي ديويءَ جي ڪنڊي سان قابُو ٿيل ڏسي ماڻهو مون کي ماٺهو بہ نہ ٿا سمجهن پوءِ بہ جيئان ٿو. منهنجي چوليءَ تي لڳل چَتيون ڏسي مون تي اڪثر ڇوڪرا ٺوڪون ڪندا آهن. انهن کي ڪهڙي خبر تہ منهنجي ڦاٽل چوليءَ تي چَتيون ڏينديءَ منهنجي جيجل جي دل ۾ جيڪي چَتيون لڳيون آهن انهن تي مرهم دُنيا جو ڪو بہ معالج نٿو رکي سگهي. محبت واري حس کان بي حس معاشري ۾ مري بہ جيئڻو پوي ٿو منهنجا بابل...!

بابل...! توکي نوڪري نہ بہ ملي ۽ سماج تنهنجي قدرشناسي نہ بہ ڪري، تڏهن بہ مايوس نہ ٿجانءِ. بابا تون علي بابا وانگي ڏُکن کي زندگي جا زيور سمجهي جيئڻ جو هُنر هٿ ڪجان. پٽائيءَ جي اُن پيد کي پنهنجو منشور بڻائجانءِ، جنهن ۾ سُڪائون ڪري سُور ساندڻ جو سبق سمايل آهي.

تون ايڏو مايوس نہ ٿي. ٻُڌو اٿم سنڌ جي ”حاتم طائي حُڪومت“ هڪ لک نوڪريون ڏيڻ جو پڙو گھمايو آهي. لک مان هڪ توکي بہ ملندي. آئون پنهنجا ٻئي هٿ آڪاش ڏي اُڀا ڪٽي تو لئہ ڏٽي در دعا منگان ٿو. منهنجي دعا ضرور اگھبي، ڇاڪاڻ تہ آئون معصوم ٻار آهيان. منهنجا پتڪڙا هٿ انجيل مقدس جي حرفن جيان پويتر آهن. منهنجا هٿ گناهن کان پاڪ آهن. انهن هٿن جي لڄ مالڪ ضرور رکندو...!

بابل...! تنهنجي جُدائي ۾ وهايل منهنجي لُڙڪ لُڙڪ جو قسم تون آتم هتيا نہ ڪجانءِ. آتم هتيا ڪندين تہ اسين يتيميءَ جي دوزخ ۾ ٻري ويندا سين. اسان کي بُک ڪونہ ماريندي، پر نڌڻڪائي وڻ ئي وڄائي ڇڏيندي....!

بابل...! تون وري آءُ. آئون ڏُکن ۾ ٻُکن سان مقابلا ڪري پڙهندس ۾ نيٺ تنهنجا سپئي لُڙ لاهيندس، پر تون جي ويندين هليو تہ آئون ٽُٽي ويندس. ننڍپڻ ۾ ٽُٽل وري مشڪل سان جُڙي سگھندو. ان ڪري تون وري آءُ ... آئون اکيون ڏيئا ڪري تنهنجي واٽ ڏسان پيو.

فقط تنهنجو معصوم پُٽ

**پريتم**

## ڪينسر جي مريض جو

# پنهنجي محبُوبہ ڏي وارڊ مان لکيل اُداس خط . . . !

پئبلو نيرودا جي نظمن جهڙي ڇوڪري تون ڪٿي آهين. . .؟ آئون توکي پنهنجي اوسيئڙي منڊ اکين جا ڏيئا ٻاري ڳولي رهيو آهيان. عُمر خيام جي رباعي جهڙين تنهنجين خماريل اکين ۾ اکيون وجهي توکي ڏسڻ جي تمنا ۾ اجان جيان پيو.

آئون توکي آخري ڀيرو ڏسڻ چاهيان ٿو. توکي خبر آهي پنهنجي وڃايل شيءَ کي آخري ڀيرو ڏسڻ ڪيترو نہ اذيتناڪ هوندو آهي، پر ڇا ڪجي. . .؟ مالڪ کي شايد ائين ئي منظور هو.

توکي خبر آهي مون کي رت جي سُرطان ٿي ويئي آهي. منهنجي حياتيءَ جا ڏينهن معالجن ڳڻي ڇڏيا آهن. هنن جي چوڻ مطابق وڌ ۾ وڌ هڪڙو هفتو ئي زنده رهي سگهندس. منهنجو رت سڪي ويو آهي. آئون مري ويندس. توکي ڏسڻ کان اڳ ۾ آئون مرڻ نٿو چاهيان. . .!

ميران جي واٽي جهڙي محبوبہ! منهنجو آخري عرض قبول ڪري هڪ پل ئي سهي پر اچ . . .منهنجون اُجاريون اکيون تولئہ سڪن ٿيون. ائين جيئن ندي سمنڊ لئہ سڪندي آهي. جيئن چڪور چنڊ لئہ سڪندو آهي، جيئن پپيهو سواتي بوند لئہ سڪندو آهي، جيئن مور مينهن لئہ ۽ سورج مُکي ڏينهن لئہ سڪندو آهي. منهنجون اکيون توکي ڏسڻ لئہ اوجاڳن سان پرڻجي ويون آهن. انهن ۾ جاڳ جي آڳ ڏيئن جيان ٻري رهي آهي. اچ توکي دل جي دريچن ۾ ويهاري پنهنجي آتما سان آرتي اُتاريان. روح جي رام

مندر ۾ ويهاري ساهُن جي اگربتي ٻاري تنهنجي پوڄا ڪيان. . .! اڄ تہ آئون تنهنجو ٿيان تون منهنجي ٿي ۽ منهنجي روم روم ۾ پيوند ٿي وڃ!. . . اڄ توکي سارينديءِ دل جو درياءُ اوسام ۾ اچي ويو آهي. اکين جا بند ٽُٽي چُڪا آهن. ڳلن جا ڳوٺ ٻُڏي چُڪا آهن. سڄ بہ اولهہ جي ديسن ڏانهن روانو ٿي چُڪو آهي.اُداس شام جي پهر اڪيلائي جو ٿهر پوکيندي روئي رهيو آهيان.

سڀ مريض ماٺ ٿي مون کي ڏسي رهيا آهن. منهنجا ڳوڙها اُگهڻ وارو بہ ڪير ناهي .اهڙو ڪُلهو بہ ناهي جنهن تي ڪنڌ لاڙي ايڏو روئان جو سڄو وارڊ ڏوڪجي وڃي.الا. . .! اها رات ياد اچي ٿي، جنهن رات وچڙندي تنهنجي ڪُلهي تي ڪنڌ رکي رُنو هئس. منهنجي اکين جو پلر تنهنجي چپن پيتو هو.اڄ منهنجا لُڙڪ مکيون چوسي رهيون آهن. قسمت ايڏا بہ ڪلور ڪندي آهي. اُف الا! منهنجو ساهُ گهُٽجي ٿو...!

آئون هن وارڊ ۾ بيماريءَ جي بدبوءَ مان بيزار ٿي پيو آهيان، منهنجي راڻي! تون سگهو اڄ مون کي پنهنجن چنبيلي گُل جهڙن وارن جي سُڳنڌ سان واسي وڃ. . .! آئون تنهنجي زُلفن جو واس وٺڻ چاهيان ٿو. اُنهن زُلفن جو جن ۾ مَروُوي جي سوين ڪيٽن جي خوشبوُ سمايل آهي. جن ۾ ڪٿوريءَ جي هانوَ ٺاريندڙ هُٻڪار هٽيڪي آهي. جن ۾ موجود مرُووي جي مهڪ ماڻڻ لئہ من جل پياسيءَ مڇيءَ وانگي ڦٿڪي ٿو.

مون کي گهٽن ڏينهن کان ننڊ بہ ناهي آئي سو تنهنجي هنج ۾ ابدي ننڊ ڪرڻ چاهيان ٿو. اهو منهنجو حق آهي مون کان اهو حق نہ کسجانءِ. آئون سُورن جي اُس ۾ ايترو سڙيو آهيان جو مون کي چنڊُ جي روشني بہ سڄ جي تپش وانگي ساڙي ٿي. تون اڄ مون کي پنهنجي آنند ننگر آغوش ۾ لڪائي ڇڏ. آئون تنهنجي ڇِتن جي ڇاتلي ڇانوَ ۾ مرڻ جي منشا رکان ٿو. منهنجي اها آخري تمنا پوري ڪجانءِ...!

مون کي ٻُک بہ ڏاڍي لڳندي آهي، پر ماني هٿي اهڙي ملي ٿي جو ماني کائڻ تان ارواح ئي کڄيو وڃي. هاڻي بس جڏهن بہ بک لڳندي آهي تڏهن تصورن ۾ تنهنجي هٿ جي تريل روٽي کائي هڪ اوڳرائي ڏيندو آهيان دل کي ڪجهہ ڏڍ اچي ويندو آهي .توکي خبر آهي منهنجي ماءُ بہ ننڊپڻ ۾ مون

ڪي ڇورو ڇنو ڪري ويئي هُئي. پيءُ ويچارو پوڙهاپڻ ۾ منجي تي پيل آهي سو مون سان گڏ منهنجو ياءُ آيل آهي، پر هُو هر وقت وارڊ کان ٻاهر اخبار پڙهڻ ۽ ٽي وي ڏسڻ ۾ مشغول هوندو آهي. ڇوي ٿو تو مان بور ٿي ويو آهيان! ڇا واقعي ايترو اڻ وٽندڙ ٿي ڏپ ڪري ويو آهيان؟ اڄ منهنجي جان هڪ وار منهنجي حالت ڏسي وڃ... صفا اڪيلو ٿي پيو آهيان..

هينئر هڪڙي نرس آئي هُئي انجيڪشن هڻڻ، مرڪندي چيائين هن حالت ۾ ڇا پيا لکو وراٽيم ماضيءَ کي ميڙيان پيو. چيائين ماضي وڏو بي رحم آهي وساري ڇڏيو هُن کي. ائين چئي ٿهڪ ڏيئي هلي ويئي، شايد مون کي چريو سمجهي ويئي آهي.

وارڊ ۾ موت جهڙي ماٺ ڇانيل آهي. شيشي مان ٻاهر ڏسان ٿو تنهنجي ٽهڪن جهڙي، زندگي پنهنجي اوج تي روان دوان آهي. مون کي ڏاڍي اُڃ لڳي آهي، پر بستري تان اُٿڻ جيتري سگهه ناهي جو پاڻي پيئان. ڪو وقت هوندو هو مون کي اُڃ لڳندي هئي تون ڪوري گگر مان گلاس ڀري مون کي هٿن سان پياريندي هُئين.الا...! نڙي سُڪي رهي آهي مون کي پاڻي پياري وڃ!...

آئون توکان هاٿي وڏيڪ ڪا به گهرج نه ٿو ڪيان بس تنهنجا پير چُمڻ چاهيان ٿو .اُهي پير جن سان چاندوڪين ۾ مون سان ملڻ لئه پنڌ ڪندي هُئين، جن جي وک وک ۾ ڇير نئين وڄت سان دل جي ڌڙڪن وانگي وڄندي هُئي. اُهي پير جيڪي مون کي پاريهر جي پيرن کان وڌ وڻندا آهن. اُهي پير جن جي پٻن تي بيهي تون مون کي گهر جي ڏيڊي تان ڏسندي هُئين. اُهي پير جن جا پدم پسڻ لئه آئون سرطان واري سڪرات ۾ هوندي به ساهه ڪٽان پيو. اُهي پير جن جا مور ڪلنگي جهڙا نشان روح جي ريٽ تي رهجي ويا آهن، جن کي مون دل جي تغاري هيٺ ليڪي ڇڏيا آهن.

جوار پاتا جهڙي ڇوڪري! مون کي پنهنجا ٽهڪ ٻُڌائي وڃ...! منهنجا ڪَن تنهنجي ڪنٺ رس لئه تڙپي رهيا آهن. اڄ ڪجهه لمحن لئه ئي سهي مون کي ٽهڪ ٻُڌائي وڃ ...اُهي ٽهڪ جن کي ٻُڌي مون کان آبشارن جي موسيقي وسري ويئي هئي. اُهي ٽهڪ جن ۾ ندين جو ناد سمايل هو. اُهي ٽهڪ جن کي ٻُڌي پکي چوڻ ڇُڱڻ وساري ويهندا هُئا. اُهي ٽهڪ

جن ۾ مندرن جي گهنڊين جهڙي منڙي آواز جا آلاپ هئا. اُهي ٿهڪ جن جا پڙاڏا اڄ بہ منهنجن ڪنن ۾ ردم سان ٻُرن ٿا. مون کي اُهي ٿهڪ ڏيئي وڃ جيڪي تون پاڻ سان گڏ تڏهن کڻي ويئي هُئين جڏهن مون آخري ڀيرو الوداعي هٿ لوڏيو هو.

گيتا جي شلوڪن جهڙي ڇوڪري! آئون تنهنجا هٿ چمڻ چاهيان ٿو. اُهي هٿ جيڪي مون کي مور کيڙي جهڙا من موهيندڙ لڳندا هئا. جن ۾ هٿ ڏيئي ڪن ريتن تي رين بسيرا ڪيا هئاسين. اُهي هٿ جن مون لئہ هُرمچ جا رومال پريا هئا. اُهي هٿ جن منهنجي اکين ۾ سُرمو وجهندي جڳ سرهائي محسوس ڪئي هئي. اُهي هٿ جن جون ڪانگسئي جهڙيون آڱريون منهنجن وارن ۾ ڦرنديون هيون تہ مون کي ننڊ نهوڙي ويندي هئي. اُهي هٿ جن سڪ مان سگريٽ دُکائي منهنجن چپن تي رکيا هئا. اڄ آئون انتم ڀيرو انهن هٿن کي اکين سان چمڻ چاهيان ٿو جن هٿن سان هٿڙيو جوڙي چار ڦيرا ڦرڻ تہ هُئين مقدر کي منظور ڪو نہ هو پر اُنهن هٿن ۾ هاٿي دم ڏيڻ بہ شايد منهنجي قسمت ۾ ناهي....ان ڪان مٿي ٻيو ڪهڙو الميو هوندو. . .!؟

سرطان مون کي ڀيلو پن بڻائي ڇڏيو آهي. منهنجي جسم جا وار بہ ڇڻي ويا آهن .ڏاڍو بد زيبو ٿي ويو آهيان. منهنجو چهرو ڦٽي ويو آهي. اُهو چهرو جنهن کي تون سٽيءَ جي ڦُل سان ڀيٽيندي هئين. اُهو چهرو جنهن تي ڪنهن وقت تون اکين مان ڪريل ڪجل جا داغ بہ اُگهي ڇڏيندي هُئين. اڄ ان تي مکيون  ونيون لاهي وڃن ٿيون. ڪير ڏسي بہ نہ ٿو..بس وقت وقت جي ڳالهہ آهي. تون اڄ منهنجي هن حال تي  ننولي ڪري وڃ. . .! منهنجو سرير سُڪي لنپ ٿي ويو آهي تون اڄ ٿهڪ جي تيلي ڏيئي وڃ تہ سڪون سان جلي هوا ۾ هوا ٿي وڃان ۽ تنهنجي چڳ چڳ ۾ چُهتي پوان.. اڄ مون وٽ ڪجهہ تنهنجو رهجي ويو آهي اُهو کٽي وڃ. . .اُها ڊائري کڻي وڃ جنهن ۾ تنهنجي لپ اسٽڪ لڳل چپن جو آٽوگراف ڏنل آهي ان ۾ مون توتي نظم لکيا آهن، جيڪي فقط تون ئي سمجهي سگهين ٿي، ڇاڪاڻ تہ مون کي سڀ ڪان وڌيڪ تو ئي پڙهيو آهي. اُهو رومال کڻي وڃ جيڪو تو اُن ڏياري رات سوکڙي طور ڏنو هو جنهن ڏياريءَ جو پاڻ ڏهہ ڪوهہ ڏُور وڇڙي ويا هئا سين. هن رومال کي ڏسي آئون ايترو رُنو آهيان جيترو سنڌ لئہ موهن ڪلپنا

رُنو هو. هن رومال منهنجا ايترا لُڙڪ پيتا آهن جيترو تو زندگيءَ ۾ پاڻي به نه پيتو هوندو. اُهو پرت پريل پاڪيٽ به ڪٽي وڃ، جنهن ۾ انهن سگريٽن جا ٽوٽا سنڀالي رکيا اٿم. جيڪي پاڻ گڏجي انهن ماڳن تي پيتا هئاسين جن کي ڏسي هاڻ سرير سگريٽ جيان سڙي ٿو. پرت پريل اُها اڳٺ به ڪٽي وڃ جنهن کي مون خودڪشي ڪرڻ لئه سنڀالي رکي هُئي، پر خودڪشي نه ڪيم ڇاڪاڻ ته، هي سرير تنهنجو نه ٿي سگهيو پر آتما ته تنهنجي آهي. سو اي پريتم اچ پرائي سرير مان پنهنجي آتما پاڻ ڪڍي وڃ..اُها آتما جنهن جو پريتڻو آدجگاد ڪان توسان ٿيل آهي. اُها آتما جيڪا شبنم جي پاڻي وانگي پويتر آهي .جيڪا ميران وانگي پرڻيل هوندي به اڪن ڪُنواري آهي. اها فقط تنهنجي آهي.

منهنجي پياري! توکي ياد ڪندي ڪندي رات جا ٻه ٿيا آهن. يڪي ويهڪ جي ڪري سرير سگري جهڙي سيڪ ۾ دُکي رهيو آهي. دريءَ مان ٻاهر نگاهه ڪيان ٿو. آسمان صاف نظر اچي رهيو آهي. ستارا به مون وانگي ڪنهن لئه جاڳي رهيا آهن، انهن کي چوان پيو بقول شاعر:

**ستارو تم تو سو جائو هم هي مجبور بيٺي هين،**
**انهين هم ياد ڪرتي هين جو هم سي دُور بيٺي هين.**

ماڻڪين اکين جي مالڪ...!

آئون به ڪيڏو نه چريو آهيان جو توکي ڏني ڏهه ورهيه ٿيا آهن پوءِ به هيڏيون هُجتون ڪري ويو آهيان. منهنجي سُهڻي تون به وقت جي ڪنهن ڏم وٽ مجبُور هوندينءَ. مون سان ملڻ به مشڪل اچين. پر دل کي ڪير سمجهائي. سمورو ماضي هن خط ۾ ميڙي ناهيان سگهيو بس جيڪي به بي ترتيب يادون ذهن تي آيون لکي ڇڏيم .هي يادون سنڀالي رکجانءِ بقولِ ڪويءَ

**ان لمحون ڪي يادين سنڀال ڪر رکنا**
**هم ياد تو آئين گي،ليڪن لوٽ ڪي نهين**

منهنجو هي خط توکي ملندو، ان کان اڳم شايد آئون مري ويندس. جي مري وڃان تہ منهنجي قبر تي اچي روئجانءِ نہ، بس منهنجا ہہ نظم پڙهجانءِ، جيڪي مون توتي لکيا آهن. تنهنجو آواز ٻُڌي مون کي ابدي سڪون اچي ويندو. . .! منهنجي مومل! منهنجي دعا آهي تون هميشہ هشاش بشاش هُجين. زندگيءَ جي ميلي ۾ مون کي ڪڏهن بہ وسارجانءِ نہ.. آئون تنهنجي ساهُن جي ستار ۾ تو سان گڏ هوندس..

**مور ٿڌُوڪا ڪن جتي، مان اُتي هوندو سانءِ،**
**مون کي ياد ڪجانءِ، جڏهن وسن مينهڙا.**

شيخ اياز

فقط تنهنجو

**امرت لعل**

# ثقافت جي ڏهاڙي سنڌ امڙ ڏي خط

اي نفرت ۽ تعصب کان بالاتر سنڌ
تون اسان جي عظيم سُڃاڻپ آهين!...

تون جيڪا صدين جي صدا آهين. تون هن ديدآور دنيا جي وشال نقشي تي بادل جيان بانوري آهين. تون موهن ڪلپنا جي خواب ۾ ايندڙ اها مبهم ۽ ڏنڌلي سنڌ آهين. جنهن جي گهٽين ڪي ڀهارڻ لاءِ هن ڀنگي ٽيڻ چاهيو هو. تون حسن درس جي خيالن ۾ ايندڙ ”پرين جي پاڇي“ جهڙي اها حسين نگري آهين. جنهن جي لاجواب لينڊ اسڪيپ تان لهندڙ سج هن ڪي مهاڻي ٻار وانگي موهي ماريندو هو. تون عرفان لنڊ جي نئين ڪويتا ۾ گُد ڏيندڙ اها سنڌ آهين جنهن جي مٽي اجا مڪمل طور ڪلمو ناهي پڙهيو. جنهن جون سمبارائون اڄ بہ محو رقص آهن. تون مصري شاهہ جي اها شاعري آهين. جنهن ۾ هن عشق کي امام بڻائيندي محبت کي ئي مذهب ڪوٺيو آهي. تون قدم کان عدم تائين پهتل روبينہ ابڙو جو اهو فلسفو آهين. جنهن ۾ مذهب کان انسان وڏو آهي. تون دوستي جو ڏرم نڀائي ڀومي جو ڀرم رکندڙ. هانسي سوڍي جي اها حب الوطني آهين. جنهن جا ڳيچ ڳائي ننگر جون ناريون پنهنجن پتي پرميشورن کي محاذ تي موڪليندڙيون آهن. تون شيخ اياز جي شاعري ۾ شوخ ڇوليون ٻڌجي ڇلڪندڙ اها ڪينجهر آهين. جنهن ۾ ڪيئي نماڻيون نوريون لهرون لهرون ٻڌجي نچن ٿيون. تون سرمد ۽ صادق جو اهو آواز آهين. جيڪو ڳڀروئن جي روح کي گرمائي تو سان عشق ڪرڻ تي اُڪساهي ٿو. تون باغي جو اهو گيت آهين. جنهن کي ٻڌي اسين تنهنجو نصيب ٺاهڻ ۽ پنهنجو قرض لاهڻ لاءِ سندرا ٻڌي بيٺل آهيون.

اي تعصب ڪان مٿاهين سنڌ! توکي مذهبي ماڻهو پلي ڪٽي انتهاپسندي جي ”ابوڇٽي“ اوڍائڻ جي ڪوشش ڪن پر تنهنجي ملوڪ مک تان صوفي ازم جا موڙ ڪڏهن به لاهي نه سگهندا، ڇاڪاڻ ته اهي موڙ انهن مٺهيارن جا مڙهيل آهن، جن جي درويش دلين جي ديبلن ۾ انسانيت جا ديپ سدا جڳ مڳائيندا هئا. تون تعصب ۽ نفرت جهڙن ناپاڪ نظرين کان مٿاهين آهين. تون اڄ به ان ابهم ٻار جيان ڀولي ڀولي آهين، جيڪو دنيا جي ڪنهن به قيمتي راندڪي تي راضي ناهي ٿيندو، پر پيار جا ٻه ٻول هن کي پاڻي ڪري ڇڏيندا آهن. تو ۾ اڄ به هوليون ڏياريون عيدون گڏجي ملهايون وڃن ٿيون. تون مذهبي ايڪتا جو دنيا لاءِ مثال آهين. تو ۾ رام، رحيم عيسيٰ، موسيٰ، نانڪ ۽ گوتم سڀ ميٺ محبت سان رهن ٿا. تو مذهبي متڀيد کان مٿاهين آهين. تنهنجي صوفياٽي سر زمين ۾ اڄ به رام جي گام ۾ ملهائجندڙ هولي جا هڙئي رنگ رحيم جي اڱڻ تي به هارجن ٿا ته ڏونگر مل جي گهر ۾ ٻرندڙ ڏياري جي ڏيئن جي روشني تريل طعامن جي روپ ۾ گل محمد جي گهر به پهچي ٿي. عيدالفطر جو فطرو گهنشام کي به ملي ٿو ته ٻاڪري عيد وارو ”تيوڻ“ تنو مل به ڊؤ تي کائي ٿو. پير پٿوري جي ماڙي تي سردار شاهه سر جُهڪائي ٿو ته لجپال لطيف جي درگاهه تي موهن لعل به مٿو ٽيڪي ٿو.

اي جيجل! تنهنجي ثقافتي رنگن ۾ به محبت جو سڏ سمايل آهي اهو سڏ ورنائڻ لئه اسين هر سال ڊسمبر ۾ تو سان اظهار محبت جو وچن ورجائيدا آهيون. هن مابعد جديديت واري دور ۾ دنيا پلي ڪٽي نوان نوان ثقافتي رنگ ۽ ڍنگ اپنائي ۽ چنڊ کي ڇُهنڊڙي هڻڻ جي ڪوشش ڪري پر اسين اڄ به تنهنجي اجرڪ ڦلن جي ڪهڪشان ۾ پنهنجي شان جا ستارا جڳ مڳائيندي ڏسو ٿا. اسين سنڌي ٽوپي جي جرڪندڙ ڪاون ۾ سپيتا جي سونهن سمجهي سِر تي سَجايون ٿا. اسين ڪکاون گهرن ۽ پٽڪي جي ورن ۾ تنهنجي عزت محفوظ سمجهون ٿا. اسين ڇيٽي سان ليپيل اوٽلن ۽ جهوپڙا هوٽلن تي، ڪانب ڪڍي ويهي ڪيرپٽي ڇانهه پيئندي تنهنجي ساراهه جون سرڪيون پريون ٿا. نئين دور جي هي دنيا ترقي جي ڊوڙ ۾ پلي ڪٽي پنهنجي ماضي کي وساري پر اسين تنهنجي قديم سونهن کي ڪڏهن به نه وساريندا

سين. اسين تنهنجي دل ۾ دفن ٿيل درويشن جي درگاهن تي ميلا مچائي، تنهنجي مور ڪيڙي جهڙي ثقافت کي جئدان ڏيندا رهينداسين. اسين اُنن ۽ گهوڙن کي ڪنوار جيان سينگاري تنهنجي.سرزمين تي سدا ڊوڙائيندا رهنداسين.

اي جيجل! اسين تنهنجا سڀاجهڙا مارُواڄ بہ صحرا کي ستر سمجهون ٿا. اسان پاڀوڙا پائڻ ناهي وساريو. اسين ڪرڙن جا ڏينا کائي ڏُلي ۽ رُلي بہ ٻاٻاڻي وطن سان ٻنيهہ دليون لڳائي ويٺا آهيون. اسين تنهنجي صدين پراڻي ثقافت مهمان نوازي جو مان رکي مهمانن کي مهان سمجهون ٿا. چانورن جي ماني ڪڪڙ جو ٻوڙ مکڻ ماکي ۽ گهاٽي لسي اڄ بہ مهمان نوازي جي دسترخوان جو دستور بڻيل آهي.

اي سنڌ! تنهنجي سيني تي حرس مان هلندڙ سادڙيون سنڌياڻيون اڄان جديد دور جون ”ڪسيون ڪُڙيون“ ناهن ٿيون ۽ نہ ئي وري لالي يا بالي ووڊ جي ڪنهن واهيات گاني تي ڊسڪو ڊانس ڪن ٿيون. اڄ سنڌ! تنهنجون سادڙيون سنڌياڻيون وڏي ڪڙيءَ واري جُتي پائڻ ۾ بہ صفا شرم ٻُوتڙيون آهن. جينس پينٽ وارا ريڊي ميڊ ڪپڙا پائڻ تہ پري جي ڳالهہ آهي، پر اُهي تہ وارن ۾ شيمپو لڳائيندي بہ شرم محسوس ڪن ٿيون. سڀاجهڙيون سنڌ ناريون گج پڙا ۽ ڪنجرا پائي، وارن ۾ مروو (نازبوءَ) لڳائي، ڏندن کي مساڪ هڻي پنهنجي محبوبن سان ملن ٿيون. هنسلي هار ڪندڙ سنڌ ناريون نڪلس جي نالي کان بہ واقف ناهن. اهي ميڪ اپ واري مصنوعي فيشن کان وڌيڪ فطرت تي ويساهہ رکنديون آهن. پنهنجي ثقافتي سونهن دهريءَ کي دل تي سجائي هلن ٿيون. جهانجهر ،جهومڪ ۽ جهيلن سان پيار ڪندڙ سنڌياڻين جا هٿ اڄ بہ ٽُڪ تي رليون ناهڻ ۽ چادرن تي ٿونئر ٽانڪڻ ناهن وساري سگهيا. اُهي هنر مند هٿ مور ڪنين مان وينجڻا ناهي، هر مچ ڪچو ۽ پڪو پرت پري تنهنجي ثقافتي قدرن ۽ معيارن کي زنده رکندا اچن.

اي جيجل! جاگرافيائي حدن، ثقافتي اهڃاڻن ۽ صوفي ازم واري نظريي جي حفاظت ڪرڻ اسان جو اولين فرض آهي، ڇاڪاڻ تہ اسان ” الست بہ ربڪُم “ واري ازلي ڏينهن تو سان ويڙهيچاڻو وچن ڪيو هو.

تنهنجي خوبصورت ڪيٽن ۾ دلربا ٻيٽن جو قسم تنهنجي نانءَ تان نثار ٿيڻ جو جنون اڄ به اسان جي رت ۾ ست ٻڻجي ساهه کڻي ٿو. تنهنجي سرير جي سر زمين ۾ جيستائين سنڌو جهڙو شهنشاهه ۾ ديومالائي درياءِ روان ۽ دوان آهي. ايستائين تنهنجي وجود جي وڻ کي وقت جو ڪو به واءُ لوڏي نه ٿو سگهي. ڪُنڌي مينهن جي سڱن جهڙا ڏاتتا جيستائين هنر مند هارين جي محنت ڪش هٿن ۾ موجود آهن. ايستائين تنهنجي زمين کي زرخيز ٿيڻ کان ڪير به روڪي نه ٿو سگهي. پلاري پٽ ڏٽيءَ جو هي بابرڪت بيت جيستائين سيندين ۾ مارئي ڳائي سگهندڙ ديس جي ڏراڙن جي دلين ۾ محبوب جي ياد وانگي گونجي پيو ايستائين تنهنجي ڀهگڻ ڀولي کي ڪوبه وساري نٿو سگهي.

**سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار**
**دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين**

## فقط پوِمي پُتر

# ايڪهتر ۾ ڌرتيءَ مان دربدر ٿيل هڪ پيڻ جو ”رڪشا بنڌن“ تي ڀاءُ ڏانهن خط...!

منهنجا ماڻينگر ويرا! اڄ شفيع فقير جي آواز ۾ هي ڪلام ٻُڌي اکين جي وطن ۾ بي قراري لهي پيئي آهي. ”عُمر اباڻي پار ڏي اڄ جهُڙ ٿو جهُمريون پائي.“ ملير وچڻ لئه دل تاڙي جي تڙپ وانگي لوچ پوچ ۾ آهي. نيڻ ابر جي ڇمر وانگي ڇٽي رهيا آهن. ڏورا، همرچا ۽ راڻليا سڀ سُر سارنگ ۾ ملهاري ٻڻجي من جي محفل ۾ وڄي رهيا آهن. ڇا ڪيان ۽ ڪئين پسان پنهنجي پوميءَ جي اُنهن پٽن کي، جن جي پاساڙن ۾ پِپون چونڊي ڪونڊير ڪڍيا هئا. ڪئين پُڇان انهن ساڏوهين جي ڏنگن ڏارن تائين جن لئه سڏ مريندي ساهُ مُٺ ۾ اچي وڃي ٿو.الا...! اُن چانوري ڍڳي لئه ڇِت ڇتا تي چڙهي رهيو آهي، جنهن مان ڇاڻوئي کير جي چونئري ڀري ڏُهندي هيس. ڪئين پلن ۾ پڇان اُن ترائيءَ تي جنهن جي شفاف پاڻي ۾ منهنجو روح اڄ به تصورن ۾ تڙڳي ٿو! سڀ ڪجهه هڪ رات ۾ سماپت ٿي ويو. ڄڻ هڪ سپنو هيو جيڪو اک کلڻ سان ئي ختم ٿي ويو. سپنو هجي ها ته ماڻهو مُرڪي وساري ڇڏي ها، پر هي ته ڏينهن ڏونئري جهڙي حقيقت هُئي، جيڪا ٻن مُلڪن جي انارڪيءَ جي پينٽ چڙهي ويئي. مُلڪ ٻيئي وري ٺهي ويا پر اسان جا گهر جئين اُجڙيا ته وري آباد نه ٿيا. بس ساهه کڻان پيئي، پر زنده ناهيان.! وسڪارا هتي به ٿين ٿا، پر اها ساوڪ انهن مڙهن جي ماٿارين ۾ رهجي ويئي، جن تي سنجها صبح مور مالڪ جا ترانا ڳائين ٿا. ڀاڄيون هتي به رڌجنديون آهن،

پر جيجان جي هٿ جي رڌيل ڀِڀن جي رائتي جهڙو سواد رتي برابر نٿو ملي. ترايون تہ هتي بہ تار ٿين ٿيون، پر هن ڇَر ۾ اُها ڇاڪَ ناهي جنهن جي هاڪ هُتي جي هر ترائيءَ جي هوندي هُئي .ڏُونگر هتي بہ آهن، پر ڪارونجهر ڪير سڏائي، سرامڻ جا ورتولا هتي بہ وينگسون رڪنديون آهن، پر ٿاريلين جي مَٽِڪُو واري نرت ۽ ڇَرُوڙيءَ واري چال جي ڳالهہ ئي ٻي هُئي. آئون بہ هاڻ پُٽن پوٽن واري ٿي ويئي آهيان. منهنجو پَٽي رٽائرڊ ماستر آهي. منهنجو پُٽ ڊاڪٽر آهي. ماني مڃيءَ واري ٿي ويئي آهيان. هڪ ڏيءَ آهي جيڪا ميٽرڪ ۾ پڙهي ٿي. روز اسڪُوٽيءَ هلائي اسڪول ويندي آهي. توکي ڪِل ايندي پر ويرل! هيءَ سنڌ نہ پر هِند آهي. پنهنجي راجپوتي پرمپرا وارو پرم پٽن ۾ رهجي ويو.

منهنجو پُٽ بہ سپوٽ آهي. مون کي ڏاڍو ڀائيندو آهي. ڏُڌ پُٽ سڀ ڪجهہ آهن. بس هڪڙي ڪمي آهي اوهين ناهيو. ڪڏهن ڪڏهن اڪيلي سوچيندي آهيان تہ ائين لڳندو آهي مون وٽ ڪجهہ بہ ناهي منهنجا ڀاءُ ڪجهہ بہ نہ...! بقولِ ڪوي تہ:

**لڪڙي جل ڪر ڪوئلا ڀئي، ڪوئلا جل ڀيا راک**

**مين اڀاگن ايسي جلي، نه ڪوئلا ڀئي نه راک**

(ڪاٺي ٻرڻ کانپوءِ ڪوئلو ٿيندي آهي ۽ ڪوئلو ٻري رک ٿيندو آهي. آئون اڀاڳڻ اهڙي ٻري آهيان جو نہ ڪوئلو بڻي آهيان نہ رک.)

منهنجا منا ڀاءُ! ٻُڌو اٿم هيل ٿر ۾ برسات صفا هٽي هَند ڪيو آهي. ترايون ڪُتي جي اک ٿي پيون آهن. الاهي ورهين پُڄاڻان اهڙو ڀلو ورس ٿيو آهي. گاهہ بہ گوڏي تي آهي. فصل بہ اصل ڪم ڪيدي بيٺا آهن. مريڙو ۽ ڪُنڀيون بہ ڪائي ماروئڙا اوڪٽجي ڀيا آهن. ڪير ڀٽارو گهڙن جي مونهين آهي مطلب ٿر هينئر ڏسڻ جهڙو آهي پر آئون ڏسي نٿي سگهان بس تصور جي ٺُرهي تي چڙهي پل اپل ۾ اچان ٿي تہ، ڪڏهن ڪڏهن رات جو خوابن جي اُڏند ڪٽولي تي چڙهي پنهنجي ماتر ڀوميءَ جي وڻ وڻ کي ڀاڪر وجهي روئان ٿي. ڳوٺ جي وڏي ڊُوهي تي آنبليو کيڏان ٿي. اجهور واري جهوني کوهہ تي

اواڙا اُميهران ٿي. اک ڪُلڻ تي ڪِل ٻه ٿئي ٿي پر اڪين جون پنبڻيون پُسيو وڃن ٿيون.

پيارا ويرل...! مونکي ايڪوتر (1971ع) واري اها بليڪ آئوٽ رات اڄ ٻه ياد آهي .جنهن رات اسان جا تِوا چِڙهيل ئي رهجي ويا. پريا ٿُريا گهر، مال متاع ڊور ڍڳا سڀ ڪجهه ڇڏي بس ساهه مُٺ ۾ ڪري رڻ ڪڇ ڏي ڀڳا هئاسين. ننڍڙيڪا ٿي پرائي ديس ۾ دربدر ٿي وياسين. جتي اڄ ٻه اسان کي شرنارٿي چيو وڃي ٿو. اسين هن ڌرتيءَ تي هوندي ٻه هن ڌرتيءَ جا نہ ٿي سگهياسين. هينئر خبر پوي ٿي تہ ماڻهو پنهنجي ڌرتي کان سواءِ ٻي پاڙي ول جيان ڪئين هوندو آهي...!؟

مونکي مائٽن ٻارنهن ورهين جي ڄمار ۾ سياءَ جي پلي لڳايو هو. ٻالاتڻ ۾ روئندي روئندي گهر کان رُخصتي ڪئي هئم. ڪيڏڻ جي وهي ۾ ذميواريون مليون هيون تڏهن ٻه ايترو ڏُک نہ ٿيو هو جيترو اچانڪ هڪڙي رات ۾ ڌرتي ڇڏڻ تي ٿيو هو. پنل اڪين سان پنهنجا پونگا ڇڏڻ مهل ڏاڍو ڏُک ٿيو هو. جانور ٻه پنهنجي جُوءِ ڇڏڻ ناهي چاهيندو، اسين تہ پوءِ ٻه انسان هئاسين، پر ڇا ٿي ڪري سگهياسين؟ اسان سوچيو هو تہ اوهين ٻه سِگهو اوڏانهن ايندا، پر اوهان هڪ نامدار نهُڙئي سردار جي ڏِڌِ تي انچ ٻه نہ چُريا ۽ هُن واقعي اوهان جو وار ٻه ونگو ٿيڻ نہ ڏنو. پر اسان کي ڪو ٻه اهڙو نيڪ دل نهڙيو نہ مليو جيڪو دل کي دلاسو ڏي ها ۽ اسين هئين دربدر نہ ٿيون ها.

ڪجهه ڏينهن اڳ وير پُسلي جو وِرت رکيو هئم.(هي ورت ساوڻ مهيني ۾ ايندو آهي جيڪو ساوڻ جي پهرين آچر تي ملهايو ويندو آهي. پيٽُون پنهنجي پائرن لاءِ رکنديون آهن.) سوپاري کي ست ٽُڪر ڪرڻ لئہ جئين ئي هٿ ۾ موهري کنيم. اکيون پرجي آيون. سوپاري تہ نہ ٽُٽي پر منهنجو اندر اٺ ٽُڪر ٿي پيو. سوچيم سوپاري جا ڳترا تہ پائرن کي ڏيڻا آهي سو منهنجو پاءُ تہ سرحد جي هُن پار آهي .آئون سوپاري ڪنهن کي ڏينديس؟ ان ڏينهن سڄو ڏينهن رُني هيس. تون ڏاڍو ياد پيو هُئين. سڀ سهيليون ياد جي ترائي ۾ تري آيون هيون. ڳوٺ جو چپو چپو دل جي درپن ۾ چٽو ٿي پيو هو!...

ست سالن جي عمر ۾ هوندي به سانوڻ وارن ورتولن ۾ صفا ٻارڙي ٿي وطن کي ياد ڪندي آهيان. پل به وساري نٿي سگهان. ڪئين وساريان اهو جهونو کوهه جنهن جو ٻاڙو پاڻي منهنجي سُتيءَ ۾ سمايل هو. جنهن کوهه تي مون ڦُوهه جواني جون ڪينچلون ڪندي جيڏين سان گڏ ٺهڪ ڏنا هئا. اهي ٺهڪ اڄ به منهنجي ڪنن ۾ ٻُرن پيا. ڪئين وساريان سرامڻ جي پهرين تيج جا اُهي پرينت پريا گيت جن جي سنگيت ۾ ملڪ جي مٽيءَ جي مهڪ سمايل هُئي. وساري ته اها ترائي به نه ٿي سگهان، جنهن جي اوني ٻُوڙ پاڻيءَ ۾ تيج جا گجُوئا تاريا هئا.

مونکي اها ڏُوهي چار ڏاڍو ياد اچي ٿي، جنهن ۾ لوڏ ٻَڏي آئون اڪثر لُڏندي هيس. پيارا ويرا...! مونکي ان چار جي ٽار جو ڪو ٽوڙو اُماڻي ڏي ته تعويذ ڪري تَن تي ٻَڌي ڇڏيان. ڪجهه ڏيل کي ڏڍ اچي ويندو يا اُن جهوني کوهر جو کارو پاڻي ڍُڪ موڪلي ڏي ته جيڪر مري وڃان ته به آتما کي شانتيءَ ملي. منهنجا ويرا...! مون کي اُن واريءَ جي چپٽي موڪلي ڏجانءِ. جنهن مان مون پيچ پنيءَ جو پونگلا ٺاهيا هئا. هن رُت ۾ پوميءَ جي هر پڊارڻ چِٽ ۾ ڇهندڙيون هٽي ٿي.

اڄ رکڙي پونم آهي. جنهن کي رِڪشا بندن چوندا آهن. (هن ڏڻ تي ڀينرون پنهنجي ڀائرن جي هٿن ۾ راکڙيون ٻڌنديون آهن.)

اڄ آئون صفا جهُري پيئي آهيان. اڄ روئڻ چاهيان ٿي پر لُڙڪ اکين جي نڙي ۾ اٽڪي پيا آهن. خاموش اکين ۾ سُڏڪا سمائي هي رت سان خط لکي رهي آهيان. اجوڪو چنڊ به ڳرهڻجي چُڪو آهي پر منهنجي حياتيءَ جو چنڊُ ته ان رات ڳرهڻجي چُڪو هو جنهن رات مون پنهنجي گهر جو در کليل ڇڏي ان کي هميشه لاءِ الوداع ڪيو هو.

ويرا...! اڄ مون به ريشم جي ڏاڳن مان هڪ راکي ٺاهي آهي. جنهن ۾ سڪ جا ڪيئي ٽونئر ٽانڪيا آهن، پر اُها ڪنهن کي ٻَڌرايان؟ تون مون کان ڪوهين ڏُور پري آهين. خدا پَر به ناهن ڏنا جو اُڏامي اچان. منا ياءُ هڪ مجبور ۽ بيوس عورت سواءِ ماتم جي ٻيو ڪري به ڇا ٿي سگهي...!؟ وطن کان پري عمر جا پنجيتاليهه ورهيه مون جنهن پيڙا ۾ ڪٽيا آهن اها اذيت شل مالڪ دُشمن کي به نه ڏي .ماڻهو ٻُک وگهي ڪو نه مرندو آهي. پر وطن

جو وچوڙو ماڻهو جي عمر گهٽائي ڇڏيندو آهي. منهنجي عمر به هاڻي پوري ٿيڻ واري آهي پر ان آس تي ساهه کڻان پيئي ته هڪ ڏينهن وري پنهنجو وطن ڏسنديس...!!

مون توکي آخري ڀيرو تڏهن ڏٺو هو جڏهن تون پنج ورهين جو هئين، اڄ پنجيتاليهه ورهيه وهامي ويا آهن. هاڻي تون الائجي ڪهڙي شڪل ۾ هوندين، جئين به هجين پر منهنجي تصور ۾ تنهنجي اها ئي تصوير تري ٿي جيڪا هڪ ٻار جي هُئي. مون لئه تون اڄ به اهو ئي پنجن سالن جو ٻالڪ آهين، جنهن کي آئون ڪڇ ۾ کڻي ريل ۾ راند ڪرائيندي هيس. منهنجو ساهه تنهنجي پيٽ ۾ هو. توکي بابا وڏيون باسون باسي پير پٿوري کان پني ورتو هو. تون سڄي گهر ۾ لاڏلو هئين. مون تنهنجي لاءِ وڏي لاڏ ڪوڏ مان مور جي پَرن مان موڙ ناهيا هئا. اُنهن موڙن ۾ هڪ پيڻ جي حسرت سمايل هُئي پنهنجي ڀاءُ جي سر تي سهرا ڏسڻ جي.. هڪ آشيرواد سمايل هو امڙ جو چاڪاڻ ته، تون امان جو صفا اکين جو تارو هئين. امان ته اسان نياڻين کي به پُٽ سمجهندي هئي وڏو پيار ڏيندي هئي.الا...! منهنجي جيجل!... هاڻي جيئري به آهي يا نه.. ڪو به سماچار نه ٿو ملي. آئون ته بس دل کي آٿت ڏيڻ خاطر هر ويل پنهنجي مُنهن چوندي وتان ته، هڪ ڏينهن امان مون سان ملڻ لئه مون وٽ ضرور ايندي...! نه امان ٿي اچي ۽ نه ئي آئون شانتيءَ سان مري سگهان ٿي. منهنجي ماءُ جهڙي منڙي پنهنجي ڳوٺ واريءَ جيجي ميگهواڙڻ به الئه ڪهڙن حالن ۾ هوندي؟ جيئري به آهي يا نه..الا...! هُوءَ مون لئه وڏي ڪوڏ مان پِپون چوندي ايندي هُئي. ان جو پِپن جهڙو پيار سنڀاري اکين جا بند اُٿلي پون ٿا..منا هاڻي بس وڏيڪ نٿي لکي سگهان. چنڊ به ڳرهڻ جي گرفت مان آجو ٿي ويو آهي، پر منهنجي جيون مان ڳٽين جو ڳرهڻ الئه ڪڏهن ويندو...؟

پيارا ويرا...! هڪ ڀيرو جيجل کي مون ڏي وٺي اچجانءِ. هاڻي ته کوکرو به کُلي ويو آهي. هر هفتي راجا واري ريل ورهين جا وڇڙيل پاڻ ۾ ملائي ٿي. مون به اوهان ڏانهن اچڻ لئه عرضي ڏني هئي پر سرڪار در اگهاڻي نه ڇياڻون تنهنجي ڪاغذن ۾ غلطي آهي. مُرڪي وراڻيم غلطي ڪاغذن ۾ نه پر منهنجي مقدر ۾ آهي جنهن مونکي ڌرتي بدر ڪيو آهي.

آخر ۾ هڪ عرض تہ منهنجو هي خط اگر ڪنهن بہ نئين دور جي ”احمد“ کي ملي تہ مهرباني ڪري مونکي پوپٽي واريون پٽيون نہ پڙهائي، چاڪاڻ تہ آئون هيرا آباد واري پڀي نہ پر ٿر پٽن جي اها پيڻ آهيان، جنهن جو دامن ڀاروڙين جي اُن جهڙو اڇو آهي. جنهن جي سک واريءَ جي ڪڻ ڪڻ سان وابستہ آهي. مون گهڻو ڪجھ ڀوڳيو آهي مون کي هاڻي بس شانتيءَ سان مرڻ جي ضرورت آهي.! پر اُها شانتي وطن جي مٽيءَ کان سواءِ ڪٿي ملندي...؟ ۽ وطن جي مٽي مون کي هاڻي مئي پُڄاڻان بہ پڪ سان نہ ملندي.!

لکيو منجھ نراڙ سو قلم ڪئين وهي ڪياڙي

پٽائي “

فقط تنهنجي اياڳڻ پيڻ

**امرتا**

# سنڌ ڇڏي ويندڙ سوڍن ڪي
# سڀاجهڙي سنڌي جو مياري خط...!

سوڍا! تون به سنڌ ڇڏي وئين!؟

تون جيڪو پنهنجي ڌرتي ماءُ جو دادلو پُٽ هُئين. ! تنهنجي وڏڙن جنهن سنڌ وطن کي پنهنجا پراڻ ارپيا هئا تون اڄ پنهنجن معاشي مفادن لاءِ اها جنم ڀومي ڇڏي رهيو آهين؟ حقيقت ۾ تون کي ائين جڳائي نٿو. توکي ته وطن لاءِ وڙهي وڙهي رڙهي رڙهي به جيئڻو هو. شايد توکي تنهنجي جرٽي لوليءَ ۾ اها لوڪ ڪٿا نه ٻڌائي هئي، جنهن ۾ ڌرتي خاطر سرتي کي سهاڳ رات جو ڇڏي، محاذ تي مرڻ قبولي، پنهنجو ڪنڌ ڪپائيندڙ ڪونڌر تنهنجي ئي ڪُل مان هو ۽ اڄ تون پنهنجن وڏڙن جون وسيع وارتائون ۽ قربانيون وساري حب الوطنيءَ کي ڪارو ڪلنڪ ڏيئي، خاردار تارن جي هن پار وڃين پيو. جتي توکي شرٽارتي جهڙن شبدن سان سڏيو ويندو. جڏهن تو ڏانهن حقارت ڀرين نگاهن سان نهاريو ويندو تڏهن توکي سنڌ امڙ جو بي بها پيار ياد ايندو، پر ان وقت تون سواءِ روئڻ جي پيو ڪجهه به ڪري نه سگهندين. ڇو ته تون سڀئي واسطا وطن سان ٽوڙي وڃي رهيو آهين!

جنهن ڌرتيءَ توکي پالي پوشي وڏو ڪيو. جنهن درياءَ توکي جل پياريو ان کي تياڳڻ وقت توکي تر جيترو به درد محسوس نه ٿيو. جنهن ڌرتي پنهنجي پاڪ سيني تي تنهنجا پير برداشت ڪيا، ان پرٿوي ماتا کي ترڪ ڪندي توکي رتيءَ جيترو به رحم نه آيو.

جڏهن مشرف جي مهربانين ۽ واجپائي جي وڙن سان کوکرو کليو هو تڏهن ڪڇ ڪنار کان وٺي مارئيءَ جي ديس ملير تائين مڙني ماروئڙن جي

مهاندن تي خوشي جا ڪيٽ ڪڙي پيا هئا. وڇوڙن جو درد دل سان محسوس ڪندڙ مني جي مقيم ڪنبر جي اداس اکڙين ۾ بہ سرهائي جو سرمو اوتجي ويو هو. ڪوڪرو ڪلڻ سان، جتي تون سرهو ٿيو هئين اتي تو کان وڌيڪ تنهنجي اها جيجل سرهي ٿي هئي، جنهن جي ڏيءَ کي وقت جي ڪوڙي انا خاطر ديس جي دل تان اکوڙي پرديس ۾ پرڻايو ويو هو. ان اداس ڏيءَ سان ملڻ لاءِ تنهنجي جيجل روئي روئي نيڻن مان نير ڪتائي ڇڏيو هو.

ڪوڪرو ڪلڻ سان وڇڙيل جندڙين ۾ وري ملڻ جي آس ڪر موڙي جاڳي هئي، پر ان مهل ڪنهن جيجل سنڌ جي ويراڳي روح کان نہ پڇيو تہ اي سنڌ امڙ! تون ڇا ٿي سوچين؟ سنڌ تہ ڪوڪرو ڪلندي ئي اداسي جي عالم ۾ ٻڏي ويئي هئي، ڇاڪاڻ جو هن کي پڪ هئي تہ هن جا بي وفا پٽ وري بہ ڪيس اڳ وانگر ڇڏي ويندا.

ڪوڪرا پار ڪلڻ سان وڇوڙن ۾ وقفا ٿيا آهن. مجون ٿا تہ سيٽن سان سيڻ ملڻ بہ سنو سنئون آهي. واپارين بہ ڪمايو آهي، پر دوستو! منهنجي سنڌ تہ رڳو وڃايو آهي. پنهنجي بدن جي ٻٽواري کان وٺي اڄ تائين سنڌ پنهنجن ٻچن کي پاڻ کان جدا ٿيندي ئي ڏٺو آهي. جداين جا جهنم ڀوڳيندڙ سنڌ هاڻي ساٺي ٿي پيئي آهي.

اي سوڍا! تنهنجي سوڍن ۾ سنڌ ڇڏڻ وارو سلسلو جئين جو تيئن جاري آهي. هر هفتي ريل ۾ هڪ نہ هڪ تو جهڙو بي وفا سوڍو سنڌ ڇڏي هند وڃي ٿو. هر هفتي تو جهڙا ڪيئي سوڍا پنهنجي سنڌ امڙ جي ممتا پيري ڇاتيءَ تي پٿر دليءَ وارو پير رکي ان پرائي ملڪ وڃن ٿا، جتي هر پاڪستاني کي شڪ جي نگاهہ سان ڏٺو وڃي ٿو ۽ جنهن سان حد کان وڌيڪ نفرت ڪئي وڃي ٿي، پوءِ بہ تو جهڙا سوين ان حوالي سان سنڌ ڇڏين ٿا تہ هتي سڪون ناهي، هنن جو ڌرمي ديس هندستان آهي، اهڙو ڌرمي ديس، جتي وڌڙن کي ”ورد آشرم“ ۾ ڇڏيو وڃي. جتي ملڪ جي ميٽرو پوليٽن شهر ۾ ڏينهن ڏٺي جو نياڻين سان ڏاڍايون ٿين. ڀلا جنهن ديس جي غريب جنتا ڪوئا ڪائي پيٽ پيري ۽ جتي عورتون وڏ ۾ وڏ خودڪشي ڪن! جتي ماڻهوءَ جو ماس وڪر جيئڻ ملي، جتي وڏا وڏا پنڊت مندرن ۾ ويهي نياڻين سان نت روز نئين طريقي سيڪس ڪرڻ جو شوق پورو ڪن! اهڙي ديس ۾ تو جهڙا

ان حوالي سان ٿا وجن، تہ انهن جو ڏرم ”برهشٽ“ ٿيڻ کان بچي پوندو. اها وڏي بيوقوفي آهي. عزت ۽ ذلت مالڪ جي هٿ ۾ آهي.

اي سوڍا! تون سهڻي سنڌ ڇڏي پرائي ديس ۾ قطعي سُکي نہ رهندين، ڇاڪاڻ جو تون پنهنجي امڙ کي ڇڏي رهيو آهين. سنڌ ماءُ جي قلب ۾ تون وڇوڙي جا ڪلا هڻي ويو آهين. جيڪي صدين جي صدا بڻجي سنڌ ماءُ جي ڏيل کي ڏنگيندا رهندا. تون تڙپندو رهندين پرائي وطن ۾! توکي ڪهڙي ڪل تہ سنڌ تنهنجي جدائي ۾ ڪيتري رُني آهي؟ تنهنجي وڇوڙي ۾ سنڌ سورن جي شدت ۾ ائين تڙپي آهي، جئين تنهنجي ماءُ توکي جنم ڏيڻ وقت تڙپي هوندي!!

اي سوڍا! مجان ٿو تہ، تون سمجهندو هوندين تہ تو سنڌ ڇڏي سٺو ڪيو آهي، پر تو تہ اها عظيم غلطي ڪئي آهي. جنهن جو نتيجو ايندڙ نسل ڀوڳيندو. تو نہ رڳو سوڍن جي صدين پراڻي حب الوطني جي نڙي تي ننهن ڏنو آهي، پر تو نسلن جا نسل يتيم ۽ لاوارث ڪيا آهن. تو فقط انفرادي فائدي لئہ اجتمائي قتل ڪيو آهي. تون هڪڙي قسم جو خاموش قاتل بہ آهين. تو پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هنيو آهي ۽ پنهنجي وڍيءَ جو نہ ويج نہ طبيب...!

سوڍا! آئون تو کان ڪجهہ سوال ڪندس، جن جا جواب نہ تون ڏيئي سگهندين ۽ نہ ئي تنهنجو ضمير ......!! سوڍا سنڌ ڇڏيندي تنهنجي جيءُ کي جهوڻو ڇو ڪونہ آيو؟ ريل جي ڪمپارٽمينٽ واري ڪڙڪيءَ مان جهاتي پائيندي توکي سنڌ جي مايوسي ڇو ڪونہ نظر آئي؟ پنهنجن عزيزن سڄڻ ڀائرن کان موڪلائيندي تنهنجي اک ۾ ڇو هڪ لڙڪ بہ نہ آيو؟ ڪينجهر جا ڪنارا، ڪاسبي جا مور ڪارونجهر جا هرڻ، لاڙ جا پلا ۽ مهاڙيئي جا ڪورا ڏِلا تو کان ائين جلدي ڇو وسري ويا؟ تو پنهنجن رڳن ۾ رت وانگي ڊوڙندڙ سنڌوءَ جي پاڻي جي پت ڇو ڪونہ رکي؟ ٿلاري ٽِٽ تي مينهوڳيءَ ۾ طائوس جي تنوار ۽ ڏنار جي ديڪار بہ تو کان جلدي وسري ويئي.

ڇا تو ڪڏهن اهو سوچيو آهي تہ، تون جيڪي پنهنجا غريب ڀائر هتي ڇڏي وڃين ٿو انهن جو ڀويش ڇا ٿيندو؟ انهن کي اقليت ۾ ڇو ٿو تبديل ڪرائين؟ تون انهن چند پر تلخ سوالن جا جواب قطعي ڪونہ ڏيئي

سگهندين، ڇو تہ تون ذاتي ۽ معاشي مفادن ۾ غرق ٿي چڪو آهين، تون پنهنجي تاريخ وساري چڪو آهين. اُها تاريخ جنهن ۾ رتِمل سوڍي جي رت جا ريلا ٿلتيءَ جي ميدان ۾ ٿليا هئا. اُها تاريخ جنهن ۾ هانسي سوڍي پنهنجي سجني ميگهاوتيءَ جو منهن ڏسڻ بنا ڌرتي مٿان سر صدقي ڪيو هو. پنهنجي پرم کي پلائي وبندڙ اي سنڌ جا سوڍا! تون ڏيهہ جو ڏوهاري آهين، تون سنڌ جو مياري آهين، تون پٽائي، سچل ۽ ساميءَ اڳيان جوابدار آهين..!

فقط

**سپاجهڙو سنڌي**

پياري شواٽي کي لکيل خط...!

# پيارا! تو لاءِ ٽر روئي ٿو...!

تون جيڪو مور ڪلنگي جهڙو ماڻهون هئين! اسحاق سميجي ڪيڏو نه سچ چيو هو ته،” تون ڪنهن مور جو رهجي ويل ڪنپ آهين“. اسحاق جي چيل انهن لفظن جو لباس پائي تون الئه ڪهڙي ڏيل جي ڳولا ۾ نڪتين جو سنڌ کان سدائين لاءِ وڇڙي وئين. تنهنجي شاعراڻي مزاج ۾ انسانيت سان محبت سمايل هئي. تنهنجي شيرين زبان جو ماکي لار جهڙو مٺو سواد اڄ به مون کي ياد آهي. تون جڏهن رنگ منچ تي چڙهي ميزباني وارا فرض سر انجام ڏيندو هئين. تڏهن سڄي پنڊال تي ”ووڊڪا“ جا نشا ڇانئجي ويندا هئا. تون جيڪو اٿندي ويهندي سنڌ شبد جو جاپ ڪندو هُئين. تنهنجي پوڄا ۾ پرٿوي ديوي سڀ کان اڳ هئي. پوءِ تون ڇا لاءِ ايڏي بيوفائي ڪري وئين هليو ”هُن“ پار...! پنهنجي ماتر ڀومي کي ٽڙڻ جي مند ۾ پن ڇڻ جهڙي ويري وڇوڙي جو وڍ ڏيئي وئين. خاردار تارن جي هن پار ويندي تنهنجي آتما دل چوي ٿي ڳوٺ وڃان ” جي لفظن ۾ به ڪو نه وڇڙي؟ تنهنجي دلربا ڳوٺ جي ڳلين ۾ وڄندڙ ڇيرن جا ڇمڪاٽ تنهنجي روح کي ريجهائي نه سگهيا؟ تنهنجي اباڻي اجهور جي وڪ وڪ تي اندلٺ اپاريو بيٺل مورن جا ٽهوڪا ۽ پاڙيارين جي پيرن جا ڪڇڪا به تنهنجي رانديڪي جهڙي روح کي راس نه آيا، جو تون ڇڏي وئين جائي جي جڙن ۽ اباڻن گهرن کي. تو ”ديسي سيڻ ڪڄن، پرديسي ڪهڙا پرين“ واري سٽ پڙهي ضرور

هئي پر پرجهي ڪونہ هُئي، نہ تہ ڪر ايڏو وڏو قدم نہ کڻين ها. تو شايد موهن ڪلپنا جي تڙپنا ”بک عشق ادب“ بہ ڪو نہ پڙهي هئي ۽ نہ ئي وري آڪاش واڻي جي ڪوئل وينا شرنگي جي آوز جي لهرن ۾ لڇندڙ وطن جي سڪ ڪي اوگنايو هو تڏهن تہ بنا جواز جي ڇڏي وئين پنهنجي جنم جاءِ ....! جنم جاءِ ترت تياڳڻ ڪان ٿورڙو اڳ ڪيرت ٻاٻاڻي جي ڪٿائن ڪي تہ پڙهين ها يار...! وطن جي وڇوڙي واري وهلور ۾ ساري عمر سڏڪندڙ ڪيئل داس فاني جا نظم بہ شايد تنهنجي نظرن مان ڪو نہ گذريا. جو تو وڃڻ ۾ ايڏي تڪڙ ڪئي. ”عمر وڙي ورساڙو آيو ڏيس ڏاڏاڻو قولڙي ڇايو “ وارين سدا ملوڪ سٽن جا سرجيندڙ تون وسڪارو اچڻ ڪان اڳ هليو وئين. ٿورو تہ ترسين ها يار! ڪي پورڙا بادل جل پياسين پٽن جا بدن پجائين ها ۽ آڏن دوڙن تي گاوڙليون گهامٽيون چرن ها پوءِ پلي تو پنهنجي منشا پوري ڪرين ها..

پيارا! تنهنجي پرار پڌارڻ ڪان پوءِ تنهنجي گهريلي ڳوٺ مالٺهور ويٺہ ۾ وڏي مايوسي ڇانيل آهي. تنهنجي سرتين ڪان ٺهڪ ائين رسي ويا آهن جئين سري شهر ڪان سندر شامون موڪلائي ويون آهن. تنهنجي وڃڻ ڪان پوءِ مرشد ”ڇتي فقير “ واري درگاه جي سائي ڏيري تي ويٺل مجاور مورن ۾ مڪلي جهڙي ماٺ ڇانيل آهي. تنهنجي جدائيءَ جي جهوري ۾ جهريل تنهنجي ڳوٺ جي جهونڙين ڪان هيماريون، ڪجليو ۽ راسوڙا بہ وسري ويا آهن. ست رنگلين پٽڪن ۾ ملبوس تنهنجي ڳيرو ڳوناٽن تو پڄاڻان ڪوڏي ڪوڏي ۽ ونجهہ وٽي وارا ”وٽ“ بہ پلائي ڇڏيا آهن. تنهنجي ائين اچانڪ پرديس پڌارڻ تي تنهنجي پوڄارڻين پيون چونبڙ ۽ ڪونڊير ڪيڻ ڇڏي ڏنا آهن. انهن جا من ملول آهن. آتمائون اداس ۽ سرير وياڪل ٿي ويا آهن. پيارا! تنهنجي وڇوڙي ۾ جتي صادق فقير ڪان سُر وسري ويا آهن اُتي ارباب نيڪ محمد جون بہ اکيون آگميون آهن! تو لاءِ ٻانهون هار ڪندڙ ”مناٽو“ اداسيءَ جي عالم ۾ ٻڏل آهي. ڪاڪي جهامن مالهي واري ”ايور گرين هوٽل“ جيڪا تنهنجي لاءِ 17 جو درجو رکندي هئي. ان ۾ بہ تو وئي پڄاڻان ويرانين واڪا ڪيا آهن. اڄ بہ هر سانجهہ جو سنگت ان هوٽل ۾ پيرن جي خاڪ ڇاڻي ٿي، پر انهن جي اداس قلب کي اهو قرار نہ ٿو ملي

جيڪو تنهنجي سجيلي ساٿ ۾ هو! ٽر ڪتاب گهر تي شام ويلي ايندڙ شاعر ۽ اديب تنهنجو ڪتابڙو "ٻاٻهيو تو ٻولي" ( شيخ اياز جي شاعريءَ جو ڍاٽڪي ترجمو) ڏسي ٽڏا ساهه ڀري تو کي سارين ٿا. انهن جي اندر جو ٻاٻهيو تو لاءِ تڙپي ٿو. شايد تنهنجي من جو مور به انهن لاءِ لچندو هجي.

پيارا! تو سنڌ ڇڏي سنو ڪونه ڪيو. تون ته ساڃاهه وند شاعر هئين پوءِ تنهنجي دل مان ديش ڀڳتي ڪئين ختم ٿي؟ آخر توکي ڇا ٿيو جو تون "سڪار" کي "ڏڪار" ڏيئي هميشه لاءِ هليو وئين. پر ياد رکج اتي توکي سنڌ امڙ جي بي بها ياد سڪون سان سڪونت پذير ٿيڻ نه ڏيندي! مڃون ٿا ته ضروريات زندگي جي هر شيءِ توکي اتي ملندي پر پيارا! دردمندانه دلين وارن جي ديس جي مٽيءَ جو ساءُ نه ملندو. اتي توکي بيئر بارن ۾ ڪانچ جي ڪٽورن ۾ رنگ برنگي مڌ اوتي ڏيندڙ اڌ اگهاڙن لڱن واريون بار گرل ته جام ملنديون. پر چوماسي واري ڀرين بارش جي پلر جا پُر ٿيل پيالا پياريندڙ پنيا پاتل وينڊليهاٽيون پدمڻيون نه ملنديون. اتي توکي تاڙي متر يار ته انيڪ ملندا. پر ساهُ پساهُ ڏيندڙ صادق ۽ سائينداد جهڙا دلي دوست نه ملندا. توکي چوسا ۽ لنگڙا ته اتي به ملندا. پر سنڌڙي جي مناڻ لاءِ سڪي ويندين.! اتي جينس کان وٺي شرٽ تائين هر جديد پوشاڪ ۽ پهراڻ ملندي، پر ٽوپي جي ڪاون ۽ اجرڪ جي اجمل رنگن لاءِ تنهنجو روح سٿون ڏيندو پر تون ڪجهه به نه ڪري سگهندين. سواءِ لڙڪ لاڙڻ جي. پيارا! توکي پنهنجي ماتر ڀومي ٿر جا ٿوڪ ۽ ٿاريلا جڏهن ياد ايندا تڏهن تنهنجي آتما اوچنگارون ڏيندي. ڪچي مٽيءَ مان ڪپوريا ٺاهي اواڙا اميهرڻ ۽ اڪ جي پڙي ۾ چانهه پيئڻ وارا چس ۽ گوهر جا گس توکي پل پل ياد پوندا. ها پيارا! وساري ته همرچي جي گونج ۽ سنڌ جي آڪاش تي اُڏامندڙ ڪونج به ڪونه سگهندين. مٽيءَ جي ڪُنن ۾ رڌل مريڙو ۽ ڄانپو توکي راتين جون راتيون سمهڻ نه ڏيندو!

جڏهن "ٻيڙا ٿيا ٻڙ هٽيا نيٽي نير جهرنت" واري وهي پور چڙهندي تڏهن تنهنجي حياتي جو هرڻ پنهنجي واري ڏي ورڻ لئه واجهائيندو پر نه تون هرڻ جي چئي تي هلي سگهندين ۽ نه وري آتما کي ڪا آٿت ڏيئي سگهندين بس تڙپندو رهندين پرائي وطن ۾!!......

اڄ تو لاءِ ٽر ٽڙپي ٿو. ڪڏهن  تون هن لاءِ سڪندين. پاڻهي وقت ٻڌائيندو! تنهنجي روح جي راڳا تنهنجي ڳوناٽي محبوبا اڄ بہ مٽي جي اوٽلي تي ويهي تو لاءِ پرت سان رومال پيري ٿي. رومال پريندي هن جا ناسي امبر جهڙا نيڻ ائين ٿمن ٿا جيئن آڪاڙ جي اوهيرن ۾ ڪڪاون نجهرن جا نيو ٿمندا آهن، پر ان جو توکي ڪهڙو احساس؟ توکي تہ اها بہ ڪل ناهي تہ تو لاءِ سموري ماتر پومي روئي ٿي .اڄ تنهنجو شعر جيڪو تو موهن پڳت لاءِ چيو هو. توتي ڪيڏو نہ ٺهڪي ٿو تہ ........

**ڪارونجهر جو ڳر روئي ٿو**

**پيارا! تو لاءِ ٿر روئي ٿــو.**

فقط

تنهنجو دوست

**امر**

# هڪ ٽر واسيءَ جو
# پنهنجي پرديسي پريميڪا ڏي خط...!

ها منهنجي پرديسي پريتما تون ڪٿي آهين...!؟

گهڻا ڏينهن ٿيا تنهنجو ڪو پتو نٿو ملي. هاڻ تہ هچڪي بہ نہ ٿي ٿئي، شايد تو صفا وساري ڇڏيو آهي. الئہ ڪهڙن ڪمن ۾ قابو آهين..جتي بہ هجين شل جُڙي هُجين!.

مون اڄ سڄو ڏينهن اُتت ڪاڙهي ۾ ڪيت لُٽيو آهي. ٻاجهر جي ٻُري جي سُڳنڌ دماغ کي معطر ڪري ڇڏيو آهي. منجهند جو ڪير پتو ڪٿي نہ آيو ان ڪري ٻُڪ جي ٻاهہ وسائڻ لئہ ٻاجهر جا ڪچا آنيو ڪِر تي پچائي ڪاڌم. پڳوان جي ڇٽيهہ پوڄن ڪان بہ پيلا لڳا..شايد ٻُڪ جي ڪري. پانجي سنڌي ٻولي ۾ هئين چوٽي بہ آهي ٻُک ۾ اَڪ بہ گجر...پر هيءَ تہ پٽاروَن هو منوَن.. پاءُ جيترا آنيو ڪائي مٽان پاٽي جا ٻہ گلاس پي ڇڏيم. ايڏو سڪون آيو جڻ ڪنهن پنج ستارا هوٽل ۾ ڪنهن ست ستارا ڇوڪريءَ سان گڏ سيون اپ جي جمبو بوتل پيتي هجي. شام تائين ست ڪانبا لُٽي ورتم. ڏاڍو ٿڪو ٿيو هئس. لٽي سڄ ٻنيءَ جي پاساڙي تي ٻڪرين جا ولر آيا .ڌنار سُڃاڻون هو سو هڪل ڪيم يار ڪير جي لپ ڏُهي اڄ تہ ڪا چانهہ ڍُڪ پيئون .ڌنار ٻڪرين کي سُبتي ڦيري ڪري ڪير جو ڏاٻر پري آيو. چانهہ پيتي سين صفا لش.. ائين سڄو ڏينهن گرمي ۾ گُذاري تارن جو واپس موٽيس گهر. تو لئہ منا چيڙ ۾ پيپون چونڊي رکيون اٿم. خبر اٿم تون ڪون ايندينءَ پر دل کي ڪير سمجهائي؟ سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ ۾ لڱ چور چور ٿي پيا آهن. گرمي ۾ پگهر ٿيڻ ڪان پوءِ ڇڄڙ وانگي ڇهٽيل ٻُري ڏاڍي ڇڙ ڏياريندڙ

هوندي آهي، پر يار ڇا ڪجي پيٽ لئہ پانپرا ڪرڻا پون ٿا. سو ان ڀُري ڪي لاهڻ لئہ وهنتس. وهنجي سهنجي، ڇيڙن جي ڇنڊڻي سان ماني ڪائي هينئر دڙي تي اچي ويٺو آهيان. دڙو ڳوٺ کان ٿورو پرتي آهي. صفا سناٽو لڳو پيو آهي. چنڊُ ڪنهن نوآميز ناريءَ جي نرڙ تي بنديا وانگي چمڪي رهيو آهي. واهوندو پنهنجي موج ۾ آهي. هوا جي نشي ۾ هوش وڃائي ويٺل وڻ ڪنهن شرابي وانگي جهومي رهيا آهن. ڳوٺ سڄو ماٺ جي گرفت آهي، ڪُتا سڀ ڇِتا ٿي مري ويا آهن. ڪٿي ڪنگهہ بہ ٻُڌڻ ۾ نہ ٿي اچي، شايد پوڙها امل ڪنسوڀا ڪري سُتا آهن يا ماروين سستا ٽيڻ ڪانپوءِ سيني سستا سگريٽ پيئڻ ڇڏي ڏنا آهن ۽ ٻار بہ ڏاوڻ لئہ ڪٿي دانهن نہ ٿا ڪن، سنجهي مان شايد مائرن سيوئا ڪري سمهاريا آهن. مور راڻي ڪيت جو ڪاڄ ٻڌجي ويا آهن.

سموري ڳوٺ تي موت جهڙي ماٺ ڇانيل ڏسي آئون تارن ڀري رات جو هن تنهائي ۾ تو سان گُفتگُو ڪرڻ آيو آهيان. تون جيڪا منهنجي حال محرم بہ آهين تہ همدرد بہ .تون جيڪا مون لئہ آب زم زم بہ آهين تہ گنگا جل بہ. تون هن رات وانگي اتيت سُندر آهين. تون سنڌ وطن جي اُها لال پري آهين جنهن کي ڏسڻ لئہ چنڊُ چڪور کان نيڻ اُڌارا ڪٺندو آهي. تون سمبارا جي ديس جي اها نازبوءَ جهڙي نرتڪي آهين جنهن جي نرت ڪلا سان بارش بہ ريس ڪندي آهي. تون منهنجي ديس ٿر جي فطرتي حُسن مور جو اهو ڪنپ آهين جنهن کي ڏسي اندلت پنهنجي سونهن تي نظر وجهندو آهي. توکي مون ڪڏهن بہ خارجي اکين سان ناهي ڏٺو ڇاڪاڻ تہ تون منهنجو اندر آهين. مون تو کي هميشہ روح جي اکين سان ڏٺو آهي ۽ ساهہ جي پلڪن تي رکيو آهي. تون اُن جهرڪي جهڙي جهلمل آهين جيڪا پلر ۾ پر ڪنکيري قدرت کي بہ وٽندي آهي.! تون راڻاسر جي اُن ترائي وانگي تار آهين جنهن ۾ ترندي ماڻهو ڪجهہ پلن لئہ هنج ٿيو پوي! تون مور جي ڪيڙي ۾ لڪيل ڊيل جي اُها ڊانس آهين جنهن کي ڏسڻ لئہ سڄُ بادلن جا برج چيري، ڪنهن سُورمي جي اکين جيان تپي ويندو آهي.! تون نيروڏا جو اهو نظم آهين جنهن کي چليءَ جي چارن تي ٻارن بہ ڳاتو آهي. تون ويسونيءَ جي ٻوٽي ۾ لڳل اهو گُلابي گُل آهين جنهن کي پٽڻ کان پهرين پوپٽن سان وڙهڻو پوي ٿو. تون پٽياڻي نديءَ جي اها ڇولي آهين جنهن جي ڏوليءَ تي

چڙهي مور رقص ڪندا آهن. تون سانوڻيءَ جي اها بارش آهين، جنهن جي وسڻ سان ڪلر ۾ به سلا ڦُٽي پوندا آهن.! تون رسُول حمزه توف جي شهر آفاق تصنيف ”ميرا داغستان“ ۾ لُڪندڙ اُها حُب الوطني آهين جنهن ڪي محمُود درويش جهڙو ڪو فلسطيني شاعر ئي سمجهي سگهي ٿو.! مارئل جهڙي وفادار وينگس! تون راجستان جي اُن رنگا ديوي جو ڪو روُپ آهين جنهن هڪڙي وڻ هيٺ ويهي پنهنجي پريمي جي انتظار ۾ سموري عمر گُذاري ڇڏي.! رسيدي ٽڪيٽ جهڙي رس ڀري ڇوڪري! تون ساحر لُڌيانوي جو اهو گيت آهين جنهن کي ڳائيندي امرتا پريتم جو ڪنٺ ڪوڪون ڪري رُنو هو. سچ لتي جو ڀيڙيءَ تي چڙهي ڪينجهر ۾ ترندڙ ڪنهن وينگس جي نڪ ڦُلي جهڙي پلي محبُوبه تون سونيليءَ جو اهو گُل آهين جنهن تي سُورج مُکي به رشڪ ڪندو آهي.! سفاري جي پهرين پيگ جهڙي وٽندڙ ڇوڪري! تون حَسن درس جو اهو نظم آهين جنهن ۾ هُن عورتن جا سيئي ساز وڄائي گهٽن جا وڻ وڄايا هئا.! تون ايوب کوسي جو اهو نثر آهين جنهن کي پڙهندي بارش به سوچي ٿي ته ڏوڀا ڏوڀا روئي ٿي.! ڇتون جي ڇهنب جهڙا ڇپ ڏاريندڙ منهنجي چاڳلي! تون عزيز گُل جي اها شاعري آهين جيڪا پنهنجي انوکي ٻڪشن ۾ ڊانس ڪري گهٽن تي سحر طاري ڪري ٿي. علي بابا جي اُداس ڪهاڻين جهڙي ڇوڪري! تون سراپا شاعري آهين.

توکي ٻُڌائڻ ٿو چاهيان ته ٿر جي رات ڇا ٿيندي آهي...؟ چاڪاڻ ته تو ٿر ناهي ڏٺو. اڄ توکي ٿر جي رات بابت ٻُڌايان ٿو پوءِ شام بابت ٻُڌائيندس.

منهنجي ساهُن جي هر هچڪيءَ ۾ سرگم سان سمايل منهنجي جانم..! ٻُڌو هئم ته بدي ۽ ڪتيءَ ۾ ڦهر جا ڪاڙها ٿيندا آهن. ڪانوَ جي اک پيئي نڪرندي آهي پر هيل ته اسُو به ڪم ڪدي ڇڏيا آهن. اَسو جنهن جي سُواتي بوند ۾ وڏا گُڻ سمايل هوندا آهن. اُهي بوندون ڪن خوش نصيبن جي ڪيتن تي هيل به ور ور ڏيئي وٺيون آهن.

منهنجو ڪيت به مون وانگي اسُو جي اوهيرن کان محروم ٿي، رڻ ۾ ڦُٽل اڪن وانگي اُجارو رهجي ويو آهي. پرين توکي خبر آهي...! اسو جي اُلاو ٿيل سج جي تيز اُس ۾ اسان جا نفيس بدن ڪارانجي ويندا آهن. ٻهراڙين

۾ پيئڻ خاطر ٿڌو پاڻي بہ نصيب ناهي ٿيندو پر پوءِ بہ ٿر اسان ڪي وادي ناران ڪان وڌ وڻندو آهي.

مجون ٿا تہ ٿر جا ڏينهن چُلهہ تي چڙهيل تئي جئين تپن ٿا ۽ لَڪ دوڏي وانگي ڏکن ٿا. هوائون سگري جهڙا سيڪ ڏين ٿيون، پر رات تہ ٿڌڙي ٿئي ٿي..ٿر جي رات، ماءُ جي آنچل ۾ ملندڙ سڪون جهڙي رات، سرتيءَ جي چِتن جي چانوري جهڙي بانوري رات، معصوم ٻار جي مسڪراهٽ جهڙي رات، مور جي پُڪار جهڙي رات، سانوڻي جي سُڪار جهڙي رات. اهڙي پُرسُڪون رات جو جڏهن ٿڌو چنڊُ پنهنجي چانڊنيءَ جو منڊُ منڊيندو آهي، تڏهن سڄي ڏينهن جو ٿڪ لحضي ۾ لهي ويندو آهي. ٿر جي ٿڌڙي رات جنهن جو لمحو لمحو صدين جيڏو سڪون ڏيئي ويندو آهي. وياڪل دلين کي سڪون تہ تڏهن بہ ملندو آهي جڏهن ڪنهن وينديلين واري وينگس جا آبشارن جهڙا ٿهڪ سانتيڪي رات جي سيني ۾ خنجر وانگي کُپندا آهن. محوب سان ملڻ خاطر سفيد ڪبوتر جهڙي ڪنهن دڙي تي ٻيڻل اڪيلي ٿوهر جي اوٽ ۾، چٻري جي چُرپُر تي ڇرڪ پري ٿڌا ساهُ کڻندڙ ڪنهن ٿر واسيءَ کان ئي پُڇجي تہ ٿر جي ٿڌڙي رات روح کي ڪهڙي راحت بخشي ٿي...؟ يا ڍرتيءَ جي اُن عاشق کان پتو ڪجي جنهن کي خلوت ۾ محبوب جي خيال کان مٿي ڪارونجهر جي ڪونگرن جا عڪس تصورن ۾ تري اچن. جنهن کي ديدآور دلبر جي درشن کان مٿي مورن جي مُسڪراهٽ تي نفاست نصيب ٿئي. ٿر جي ٿڌڙي رات جي روح پرور سُڪون جو ساڪي اهو ڪوي بہ هوندو جنهن جي ڪويتا ڪٿنيءَ ۾ پريتم جي رسيلن چپن جي ذڪر کان وڌ ڌرتيءَ جي ڏُوڙ جا قصا قلمبند ٿيل هوندا. ان کي ئي صحيح ريت سُڌ هوندي تہ ٿر ۾ ٿڌڙي رات جي لڳندڙ واهوندي ۾ روهيڙا ايئن ڇو جهومندا آهن؟ مور پُڪارون ڇو ڪندا آهن؟ ٻُڪايل ٻارن کي ننڊ ڪيئن ايندي آهي؟

ٿر جي ٿڌڙي رات جي بي پناهہ سُڪون جي پوري ريت پروڙ تہ انهن ڏنارن، ڳنوارن ۽ اوٺارين کي ئي هوندي آهي، جيڪي بنا ڪنهن اوڇڻ جي ريٽ کي رلي ڪري واريءَ مان وهاڻا ناهي سُمهندا آهن. جن کي فطرت پنهنجي ڀاڪر ۾ ڀري، ٿڌين هوائن جون ٿڦڪيون هڻي اهڙي ننڊ

سمهاريندي آهي جو انهن جي خوابن ۾ گلاب جامن ڪان مٺي سيڙڪا پيرون ۾ ڪرڙن جا ڏينا ايندا آهن. جن جي معصوم من پاوناٿن ۾ موٺرن جي منوڪامنا بدران ڪنواٿن جا ڪوڙ تصور ڀڄي تري ايندا آهن. جن جي خوابن ڪان وٺي خيالن تائين پکين سان پيار، وڻن سان ويجهڙائپ، چڙن سان چاهت، پڙن سان پريم، دڙن سان دل لڳيءَ ۾ گهڙن سان گهٽو هيت هٿيڪو هوندو آهي.

رات جي سناٽي ۾ مور جي دانهن ٿاريلن جي دلين ۾ فطرتي حُسن جا ديپ ٻاري ٿي .تنهائي ۾ سورن جون سُرڪيون پرينڊڙ وجود چنڊُ جي چانڊنيءَ ۾ ويتر وياڪل ٿي ويندا آهن. پُرنم نيڻ پريتم سنپاري آڪاش ڏي اُڏندا آهن، هانءُ ٻُڏندا آهن، ٿڏا ساهه ڪڄندا آهن. دلين ۾ وڇوڙن جا ساز وڄندا آهن. پٽن واري ديس ريگستان جي رات واقعي فطرتي ڪمال رکي ٿي. ٿڌي ريٽ تي چانڊنيءَ جي ٿڌي لهر ۾ مٿان اسو جي واهوندي جون هيرون بنا ڪنهن بيڊ جي بہ ڪمال جي ننڊ جو ڪارڻ بڻجن ٿيون. اڪيلائي ۾ ٿر جي ڪنهن دڙي تي ريٽ جي پيٽ تي ويهي چانڊوڪي پسڻ جو لطف ئي پنهنجو آهي .

ٿر ۾ رات جو ڳنوار، ڏنار ۽ ميهار چم جا پائولا پائي مال چاريندي وڏي آواز ۾ نالون ڪندا آهن. انهن نالن کي ٻُڌي ماڻهو جو مال سان اڪيچار پيار ٿي ويندو آهي. اهُي پنهنجي مال سان ايئن محبت ڪندا آهن جڻ سندن اولاد هُجي. مال بہ انهن جو چوڻ ڪندي نال تي چال ڏيئي ايندو آهي. نيري امبر تي نروار ٿيل اجوڪي پونم جهڙي محبوبا...!

آڌي رات جو امبر تڪيندي ڪنهن کي سارڻ جو سوز ئي پنهنجو هوندو آهي. اکيون اُن کي ڏسڻ لئہ اُڻ تُڻ ۾ تڙپي اُٿنديون آهن. پڪ سان هن وقت هي واهوندي جي لُري تنهنجي وارن کي وکيري، ڳلن تي ٿڌڙا ڪڏي اڌ ننڊ ۾ سُتل تنهنجي شيتل سرير کي جاڳائي چنڊُ چتائڻ تي مجبور ڪري رهي هوندي. تون مون کي چنڊُ ۾ پسڻ لئہ هڙئي حيلا ڪيا هوندا پر مون کي ڪون ڏٺو هوندو. چاڪاڻ تہ، چري جيڪي قلب ۾ قابو ٿيل هوندا آهن اهي فطرت ۾ ڪٿي بہ ڳوليا ناهن ملندا. تڏهن تہ پٽائي بہ چيو آهي تہ”نائي نيڻ نهار تو ۾ ديرو دوست جو.“ سو منهنجا پرين ايتري لوچ پوچ نہ ڪر ۽ مون کي

پنهنجي جيءَ ۾ جهانڪي ڏس آئون تنهنجي رڳ رڳ ۾ پيوند ٿيو پيو آهيان. پنهنجي سيني ۾ سمايل اُن دل کان منهنجو پتو پُڇ جنهن جي ڌڙڪن جي وجت ۾ منهنجي ساهُ جا ساز سمايل آهن. پنهنجي پير ۾ پاتل اُن ڇير کان منهنجو پُڇ جنهن جي هر گهونگهري ۾ منهنجون مُرڪون پيوند ٿيل آهن. هٿ ڪراين ۾ پيل چوڙين کي چوري ڏس هر کن کن ۾ ڇن ڇن ۾ منهنجي موجودگي هوندي. بدن تي پاتل وڳي کي غور سان ڏس ان جي سَر سَر ۾ منهنجي سنگ سنگ هُجڻ جا اهڃاڻ ملندا. تون مُرڪي سُمهي پئو جلد ملنداسين.

مٺا هاڻ گهر موٽان ٿو.. جونجهڪڙو ٿيو آهي. ڏنارن جا ديڪارا ٻُڌڻ ۾ اچن پيا . ولوڙن جون وايون ڪنن ۾ ٻُرن پيون، ٻارڙا ٻہ ڪٿي ڪٿي روئن پيا، پٿارين وڊيارين جا رانياٽ ڏوجهارٽين کي سوجهاڪي ٿيڻ جي سُڌ ڏيئي رهيا آهن. پکي ٻہ آرسون موڙي اُٿيا آهن. منهنجي ڳوٺ ۾ زندگي موٽي آئي آهي، جنهن جي اکين سان آرتيءَ اُتارڻ لئہ واپس وڃان ٿو. آئون زندگيءَ جي آجيان ڪرڻ وڃان ٿو.

فقط تنهنجو خادم

**امرت**

# مغرور محبُوبه ڏي شاعر جو اُداس خط!...

چتون جي چُنهنب جهڙي لالائي ۾ لپٽيل، چوٽ جي چنڊُ جهڙن چپن جي مالڪ...! تنهنجي سورج مُکي جهڙي مُک تي شل ڪڏهن به اُداسي جو سج نه اُڀري! ويسونيءَ جي گُل جهڙا ڳِل شل هر گهُنج کان بچيل رهن. تنهنجي الوڪ اکين جا اوجيس ٻڪرال وڄ جي تجلن وانگي شل ويرا وير وڌن. تون جتي به هجين شل سُکن جي ريڊ ڪارپيٽ تي جواني جا جلوا ڏيکاريندي، ٿڪن جي هجومن ۾ ٽڙندي رهين.! تنهنجي روم روم جو رب خير ڪري!...

اڄ گهڻن ڏينهن کان پوءِ وري تنهنجو خط مليو آهي جنهن ۾ تو بار بار اهو ذڪر ڪيو آهي ته آئون اُداس آهيان. مون کي تنهنجي اُداسي سمجهه ۾ نه ٿي اچي. تون الئه ڇو اُداس آهين؟ تو وٽ دنيا جي هر آسائش موجود آهي. تو وٽ ڪو به احساس ناهي. تون اميري جي اهڙي نشي ۾ ٽُٻ آهين جنهن جي خُمارن ۾ توکي غريبي گٽر جي ڪيڙي جيان لڳي ٿي.

تو ڪڏهن به ڪنهن بُکايل جي بُک ناهي مٽائي، تو ته اُڃايل پکين جي اُداس ڪوڪن تي ٺٺوليون ڪيون آهن. تو وڏوائن جي اڻ سمهويل سينڌن تي وڏا مذاق ڪيا آهن. تو غريبن جي ٻارن جي ميرن وڳن کان ائين نفرت ڪئي آهي جيئن ڪو مُردار جانور جي ڌونڌ کان به ناهي ڪندو. تو

غريب نينگرين جي هٿن ۾ پيل هلڪين چوڙين تي بہ چرچا ڪيا آهن. اج اچانڪ توکي اهو احساس ڪيئن ٿيو تہ توکي بہ اُداسي جڪڙيو آهي.؟

گُلن جي سيج تي شهزادين وانگي سُتل جانم...! اُداسي تنهنجي پر مان بہ ناهي لنگهي ۽ دعا آهي تہ ان جو پاڇو بہ توتي نہ پوي. ڇاڪاڻ تہ اُداسي انتهائي اذيتناڪ هوندي آهي. اُداسي ماڻهو جو ماس ڳاري ڇڏيندي آهي .اُداسي نيڻن جو نير سُڪائي ڇڏيندي آهي.

بادشاهہ جي تاج ۾ جَڙيل ياقوت جي چمڪ جهڙي چاڳلي! تون اُداس ناهين. اُداس اُهي وڻ آهن جن جا پوکيندڙ انهن جي ڇانوَ ۾ ويهي نہ سگهيا. اُداس اُهي گهر آهن جن جا مالڪ در بند ڪري پرڏيهہ پلاڻي ويا هليا. اُداس اُنهن گهرن ۾ اُهي آکيرا بہ آهن جن جا پکي گهر ڊٺين سان گڏ پرواز ڪري ويا. اُداس اُهي پکي آهن جيڪي پرديسان پنڌ ڪري سنڌ وطن ۾ پناهہ لئہ آيا پر پناهہ بدران انهن کي گولين جا گفٽ مليا. اُداس اُهي نديون آهن جن جي نير کي سمنڊُن ۾ سمائجڻ کان اڳ ۾ انسان پنهنجي مفادن خاطر وڏن بندن ۾ بند ڪري وڏا ڊيم ٺاهي ڇڏيا .اُداس اُهي مائرون آهن جن جو اولاد پيريءَ ۾ سهارو بڻجڻ بدران نخريلين زالن جي ظالم چنبن ۾ اچي بي وفا بڻجي ويو. اُداس اُهي پيئر آهن، جن جون ڌيئرون جوانيءَ جي جڙي گهوڙي تي سوار ٿي ڏينهن ڏونئري جو رت جي رشتي کي ٺڏي پراون سان گڏ ڀڄي ويون. جن جي پرورش تي پڇتائي پوڙها پيءُ رت جا ڳوڙها روئن ٿا.

ڏونگر تي ڏيئي جهڙي پريتما! تون اُداس ناهين. اُداس اُهو مني جو مدبر وڪيل پيرولال هيراڻي آهي، جنهن جو هيرو پُٽ ڦوهہ جواني ۾ هٿن مان هليو ويو. جنهن جي ارٿي کي ڪُلهو ڏيندي اُن هن دنيا جو وڏي ۾ وڏو وزن کڻي پنهنجي بدنصيبي جو نوحو ڳايو آهي. اُداس مني جو اهو پيتامبر پيءُ بہ آهي جنهن جا جاڙا پُٽ ڏينهن ڏونئري جو مني جهڙي سانتيڪي شهر ۾ گولين جو کاڄ بڻجي ويا جن جي خون سان انصاف وقت جو ڪو بہ واڳ ڌڻي ڪري نہ سگهيو. اُداس اُهي قصور جا بي قصور مائٽ بہ آهن جن جي ابهم ٻارڙيءَ زينب سان هڪ ظالم نہ رڳو زنا ڪيو پر ان کي ماري اروڙي تي اڇلائي ڇڏيو. اُداس اڌ سال کان پنهنجن حقن جي حاصلات لئہ احتجاج

ڪندڙ اُهي گوڙاٽي واسي بہ آهن جن جي پيرن هيٺان موجود دنيا جو ستون نمبر ڪوئلو انهن جي اُگهاڙن پيرن ۾ چاڻنا جي چپل بہ پارائي نہ سگهندو.

ست رنگي راجستاني ڦينٽي ۾ روپيل گُل جهڙي جانم! تون اُداس ناهين. اُداس اُهي پوربيون پٺون آهن جن جا وارث ست راجيا سوڍا ازخود جلاوطن ٿي انهن کي لاوارثي جو لقب ڏيئي صفا سُڄو ڪري ويا آهن. اُداس اُهي شاعر آهن جن جي ڪويتائن ۾ ڪٽيل دل ٽوڙ درد کي وقت جو ڪو بہ ساڃاهہ وند سنجيدگيءَ سان سمجهي ناهي سگهيو. اُداس اُهي پائر آهن جن جون پيٺون سرحد جي هُن پار سڄي ڄمار سنڌن پائرن جي هڪڙي درشن لئہ سڪي سڪي مري ويون. جن جا جنازا پنهنجي سرزمين سنڌ ۾ دفن ٿيڻ لئہ وقت اڳيان واجهائيندا ئي رهجي ويا.

اُداس اُهي هاري آهن، جن کان موروثي هاريپ جا حق کسيا ويا. اروڙين تي اُڇلايل اُهي ابهم ٻار بہ اُداس آهن، جن کي اڻ پرڙيل مائٽن ناجائز جو لقب ڏيئي هن دنيا ۾ ڄمندي ئي يتيم ڪري ڇڏيو. جن جي معصوم درد کي وقت جو ڪو بہ پينگهو لوڏي نہ سگهيو. اُداس اُهي راتيون بہ آهن، جن ۾ عاشق محبوبائن سان ملڻ لئہ ويندا آهن پر وڇوڙا ماڻي ورندا آهن. اُداس اُهي محبوبائون آهن جن جي الستي عاشقن کي هن سفيد ڪالر سماج پنهنجي ڪوڙي انا خاطر ڪارو ڪري ماري ڇڏيو. اُداس اُهي بيروزگار نوجوان بہ آهن جيڪي ڳڻتين ۾ ڪچو شراب پي وقت اڳيان وڦليندا رهيا ۽ انهن جا جيرا ائين جلندا رهيا جيئن جوهر ۾ راجپوتاڻين جا سرير جلندا آهن. توکي اُداسي پرڪٽي آهي تہ اول دل جي ڏيهہ مان اميري وارو تصور تڙي ڇڏ! ۽ پوءِ ڪنهن سانجهہ جو غريبن جي گهرن ۾ سانجهڻ ويلي اُجهاميل چلهن جي پر ۾ اُداس ويٺل مائرن جي چهرن کي چتائي ڏسي اچ توکي اُداسي چڱي ريت سمجهہ ۾ اچي ويندي. توکي اُداسي جو انتهائي ڀيانڪر عڪس پسڻو هجي تہ هر هفتي ميرپورخاص ريلوي پليٽ فارم تي وڃي انهن ماڻهن جا چهرا ڏس جيڪي هڪ ٻئي کان ورهين لئہ وڇڙي راجا واري ريل ۾ چڙهندي الوداعي هٿ لوڏيندا آهن. جن جي اکين مان لُڙڪ ائين ڇڻندا آهن جيئن سُڪل ترن جي سونگين مان تر ڇڻندا آهن. ڏهين ڏينهن ڏهاڳڻ ٿي ويل اُن

نو ورني ناريءَ جي نگاهن ۾ نوحا ڳائيندڙ اُداسي جو پينڪر عڪس ڏسي اچ جنهن جي هٿن تي لڳل ميندي بہ ماتم ڪده آهي.

پنهنجي اباڻن گهرن جي درن کان ورهين کان وڇڙي ويل ڪنهن ڏرتيءَ جي ڌيءَ جي دل ۾ ڏڙڪن وانگي وڄندڙ اُداسي بہ ڏسجانءِ. اُداسي رڳو اکين ۾ ناهي هوندي ۽ نہ ئي وري چهرن تي چٽ بڻجي پاڻ پسائيندي آهي پر اُداسي آتمائن ۾ بہ هوندي آهي. اُداسي دلين جا ديبل لوڏيندي آهي. اُدسي ساهَن ۾ سٽ وجهندي آهي .اُداسي عقلمندن کي چرياڻپ جي چوپڙي پڙهائي ڇڏيندي آهي. اُداسي جنت جهڙي جهان کي دوزخ بڻائڻ ۾ دير ئي ناهي ڪندي. اُداسي جيئڻ تان ارواح ڪٽائي ڇڏيندي آهي. اُداسي اُڻ تُڻ واري اهڙي ڪيفيت جو نياڳو نالو آهي جنهن ۾ ماڻهو جو من آتم هتيا ڪرڻ جا جتن ڪندو آهي.

پنهنجي پر ۾ حساس دل پرين...! تو سدائين پوپٽن کي جهٽي ماريا آهن توکي گُلن تي پيرا ڏيندڙ پونئرن جي ڪهڙي خبر؟ تون ڇا ڄاڻين اُنهن مورن جون مستيون جيڪي پٽر ڪائي بہ وطن جا ترانا ڳائيندا آهن. توکي ڪهڙي ڪل تہ اُداسي ڇا ٿيندي آهي. ڇاڪاڻ تہ تو سدائين سُکن جي ڇانوَ ۾ ويهي ڏُکن جو مشاهدو ڪرڻ جي اجائي ڪوشش ڪئي آهي. تو شڪاريءَ جي اکين ۾ لڇندڙ ٻُڪ ۽ بيوسيءَ ناهي پرکي. تو تتر کي پڳونئي کان پڄندي ناهي ڏٺو. تو حياتي لئہ حيلو ڪندڙ اُن ڳيري کي بہ ناهي ڏٺو جيڪو باز کان گهُتون هڻندي ڪيئي پيرا اُداس ڪوڪون ڪندو آهي. تو پارڪر جي پهاڙن تي اونهاري جو اُگهاڙي پير هلندڙ هرڻن جي اُداس پيرن کي ناهي پڙهيو توکي سامروٽي جي سيمن ۾ مري ويل رڍن لئہ ماتم ڪندڙ ڌنارن جي درد جو ڪهڙو پتو؟

تون جيڪا هالا جي هندورن ۾ لُڏي آهين. توکي ڪهڙي ڪل اُن جهولي جي جيڪو ڪٽ جي ايس ۾ ٻڏل هوندو آهي، جنهن ۾ غريبن جا ٻار ٽيڙا ٿي سمهندا آهن. اُن جهولي جي اهميت ڪا جوڳياٽي ئي ڄاڻي سگهي ٿي جيڪا پنهنجي ٻُنارڪ ۾ ٽيج پياڪ ٻالڪ ڪٽي بازارن ۾ بکيا گهرندي آهي. تتي ڏينهن جو روڊ تي روڙا وڇائيندڙ مزدورن جي هٿن ۾ ٻڌي ويل ريڪائن جي توکي ڪهڙي ڪل، ڇاڪاڻ تہ تو سدائين ايئر ڪنڊيشنڊ ڪار

جي ڪارن شيشن مان ھنن جي ھٿن ۾ ڪنيل تغارين کي ڏٺو آھي. تو کي انھن جي تپش جي ڪھڙي خبر؟ انھن جا سور اھا واريءَ ئي سمجھي سگھي ٿي جنھن تي انھن جا پير ڪُنل پڪي وانگي ڦٽڪندا آھن.

تو کي ڪھڙي خبر غريبن جا ٻار ڪيئن جيئندا آھن؟ غريبن جا ٻار آسمان کي اوچڻ ۽ ڌرتيءَ کي وڇاڻ ڪري سمھندا آھن. وٽن جون آڱريون جھلي وڏا ٿيندا آھن ۽ ھوا انھن کي ھلڻ سيکاريندي آھي ۽ وقت انھن کي واٽ ڏسيندو آھي.

سو اي منھنجي ساھن کان ويجھي سجني! ھي اُداسيون ۽ احساس تنھنجي وس کان وڌيون ڳالھيون آھن! ان ڪري انھن تي سوچي پنھنجي سون جھڙي جواني کي ڳٽتين جو زنگ نہ لڳائي.

قلم تازه : لاڙجي شامن جھڙي لاڏلي! منھنجي دعا آھي تہ شل ڪڏھن بہ اُداس نہ ٿئين، جتي بہ ھجين خوشين جي ھندورن ۾ لُڏندي رھين!

فقط تنھنجو پريتم

**جئہ پرڪاش**

# دسرت ٽريءَ کي لکيل خط

ماٺاريءَ تي ٻوليندڙ مور جي سيني ۾ ڌڙڪندڙ دل جهڙا دسرت...!
ٽُنهنجي جنم ڏِڻ تي توکي لفظن جا ٻه گُل ارپي نه سگهڻ جي ڏُک جتي تنهنجي دل کي رنج رسايو هوندو، اُتي منهنجي روح کي به روئاڙيو آهي. يار ڪڏهن ڪڏهن چاهيندي به ماڻهون ڪجهه لکي ناهي سگهندو. لفظ رُسي ويندا آهن. لفظ تڏهن رُسي ويندا آهن، جڏهن سماجي ذميوارين جي زنجيرن ۾ جڪڙيل ذهن کي ڳڻتين جو ڳرهڻ لڳي ويندو آهي. اڌ ورهايل انسان اُن قيدي وانگر هوندو آهي، جنهن کي پنهنجي منشا مطابق مانيءَ به ناهي ملندي. ڪڏهن ڪڏهن ذات به اُن رات جهڙي لڳندي آهي، جنهن ۾ چنڊُ هوندي به انڌوڪار هوندي آهي. ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو چاهيندي به روئي ناهي سگهندو، لُڙڪ اکين جي سمنڊُ ۾ ٻُڏي ويندا آهن!
پيارا...! تُون امبر جي اکين مان ڪريل اُهو لُڙڪ آهين جنهن کي هن صحرا پنهنجي اکين ۾ سُرمو ڪري پاتو آهي!
تون رڻ ڪڇ جي رُج ۾ اُڃ مري ويل اُن هرڻ جو همزاد آهين، جيڪو پنهنجي پريتم جي اکين کي چُمڻ لئه هُن پار ويندي ويرگتي کي رسيو هو. تُون اُداس ڪوئل جي آڪاش پولارن ۾ رهجي ويل اُها ڪوڪ آهين، جنهن کي ٻُڌي هوائون هوش وڃائي ويهنديون آهن. تون تاڙي جي اک ۾ ڦٽڪندڙ

اهو ٿر آهين، جنهن جي سُورن کي سمجهڻ لئہ صدين جا سفر ڪرڻا پوندا. سڄي عمر سُورن جي حُورن کي اکين جي پالڪي ۾ سمائي هلندڙ منهنجا دلبر دوست تنهنجي لبن تي ترندڙ تبسم جو قسم تون اُهو سانتيڪو سمندر آهين، جنهن جي اندر ۾ لڪيل دردن جي طوفان کي وقت جو ڪو بہ پڪي اڳوات پروڙي نہ ٿو سگهي...! تون موهن ڪلپنا جي آتم ڪٿا ٻُک، عشق، ادب جو اهو باب آهين، جنهن ۾ هڪ ڏرتيءَ جو پُٽ پنهنجي ماءُ لاءَ سڪي سڪي مري ويو. نردوش هوندي بہ زندان جي زيارت ڪري آيل منهنجا يار! تو پنهنجي حياتيءَ ۾ جيترا ڏُک ڏٺا آهن، ايترا تنهنجي مٿي تي وار بہ ناهن پوءِ بہ ڪڏهن مايوس ناهين ٿيو ڇاڪاڻ تہ، تون مري بہ جيئڻ ڄاڻين ٿو. تو وٽ حالتن کي مُڙس ٿي منهن ڏيڻ وارو هُنر هٿيڪو آهي. ڏُکايل دل کي ڏڍ ڏيڻ وارو ڏانءُ بہ ڪو تو کان سکي..! تون پنهنجو غُربت جو گاڏو (رڪشو) سڄو ڏينهن مٺي جي روڊن تي ڊوڙائيندي زندگيءَ کي رَسڻ جي ڪوشش ڪندي ڪڏهن بہ ناهين ٿڪو. اِن هڻ هٺان واري حياتيءَ ۾ بہ توکي جڏهن بہ ڪنهن دوست سڏ ڪيو آهي تو جيءَ جيءَ چئي ورنايو آهي. پنهنجن ڏُکن، پيڙائن ۽ پوڳنائن کي هڪ پاسي رکي دوستيءَ جو پرم پلي ريت نڀايو آهي.

ڇيڙيال جي چنچل چارن کي ڇڏي مٺي جي موڪري گهٽيءَ ۾ ڪنهن جي واسينگ وارن جو اسير ٿيڻ تائين واري ننڊڙي سفر ۾ تو جيڪا حياتي گُذاري اها ئي تنهنجي زندگي هُئي، باقي هاڻي تہ بس مون وانگي ساهہ کڻي لوڪا لڄ جيئين پيو.

ڊيئر دسرت!...

اڪ جي جهوني وڻ جي نيرن ڦُلين هيٺ ڪنهن جي پن پاتلين اکين تي فدا ٿي تو گهڻو ڪجهہ پوڳيو بہ آهي. جنهن جا شاهد اُهي درديلا خط هئا، جن کي ريڊيو پاڪستان مٺي جي اسٽوڊيو ۾" آن ايئر" پڙهندي، آئون ڪيئي ڀيرا رُنو هئس. رُنا تہ اُهي ريگيولر لسنرز بہ هئا، جن جي دلين ۾ تنهنجا لفظ آرو پار مٿيا هئا، پر احساس نہ ٿيو هو تہ هڪ اُن بي وفا وجود کي جنهن کي تو صحرا جو سُڏڪو سان گڏ وفا ڏي ايم جو نالو ڏنو هو.

سدائين مرڪن جا گُل ورهائيندڙ دسرت...!

تون جيون ۾ هر ڏُک مقدر جو تحفو سمجهي قبول ڪندو رهين، پر توکي صحرا جي سُڏڪي جي بي وفائي واري سوڪڙيءَ جي صدمي جيئري ماري ڇڏيو. هاڻ تنهنجي مرڪ ۾ بہ لُڙڪ لڇن ٿا. تنهنجي ٿڪن ۾ اوچنگارن جهڙي اذيت محسوس ٿئي ٿي. تنهنجي ماڻ ۾ زندگي خودڪشي ڪري چُڪي آهي، پر يار توکي همٿ ۽ حوصلي سان جيئڻو پوندو. ان لاءِ مايوس ٿي مرڻ اجايو آهي، جنهن لئہ شيڪسپيئر گهڻو وقت اڳ چئي ويو آهي تہ ”اي عورت! تنهنجو ٻيو نالو بي وفائي آهي...!“

تنهنجي هيلوڪي جنم ڏڻ تي آئون توکي فقط هي لفظن جي اجرڪ اوڍائي، هڪ فلائنگ ڪِس جو ڪيڪ ڏيئي سگهان ٿو.اُميد تہ منهنجو احساسن سان ڀريل تحفو قبول ڪندين...!

فقط تنهنجو پنهنجو **امر**

# خودڪشي ڪري ويل ونيءَ جي وڇوڙي ۾ ولڪندڙ وَر جو لکيل خط...!

## امرتا!

تون اوچتو الئہ ڪيڏانهن هلي وئينءَ...؟ ٻُڌائي بہ ڪونہ وئين؟ پاڻ تہ ست ست جنم گڏ رهڻ جا وچن ڪيا هُئاسين، پوءِ ائين هڪڙي جيون جي سفر ۾ اڌ ۾ هٿ ڪڍي وڃڻ واجب تہ نہ هو! منهنجي راڻي! مون معصوم سان ايڏي وڏي ويساهہ گهاتي ڪري وئينءَ...توکي ڪو ڏونگر جيڏو ڏُک هو تہ مون کي تہ ٻُڌائين ها! پوءِ آئون جيڪڏهن تنهنجي تڪليفن جو تدارڪ نہ ڪيان ها تہ، پوءِ تنهنجو مياري هُجان ها .ايڏي مُنهن جي مَوري هُئينءَ جو جبل جيڏيون جاڙون سهندي بہ ڪو ڏُک پنهنجي وَر سان ونڊي نہ سگهينءَ. بنان ڪجهہ چوڻ جي ماٺ ماٺ ۾ وڇوڙي جي رومال ۾ ويڙهيل صغير ٻار، منهنجي جهوليءَ ۾ اُڇلائي پاڻ الئہ ڪيڏانهن گُم ٿي وئينءَ؟ آئون توکي ڪٿي ڳوليان؟ ڪو مارگ، ڪو ڏَس پَتو ڪا منزل هُجي تہ، آئون ٿڃ پياڪ ٻالڪ ٻُنارڪ ۾ ڪٽي سموري پرٿميءَ جو چڪر پورو ڪري توکي ڳولڻ جي ڪوشش ڪيان ها، توکي پاڻ وڃائي پرچايان ها! تنهنجو هر ڏُک، هر غم پنهنجي حصي ۾ ڪٽان ها، پر تون خودڪشي ڪري الئہ ڪيڏانهن وئينءَ! مذهبي ٿيوري مُطابق ڪي چون ٿا تہ، جهنم واصل ٿي هوندينءَ تہ ڪي چون ٿا اَوِگَتي ٿي نَرڪ لوڪ ۾ وئي هوندينءَ. اي منهنجي زندگي! آئون اهو

ڪئين تسليم ڪيان ته، تون جهنم ۾ نَرڪ لوڪ ۾ هوندين؟ ڇا ماڻهو پنهنجو پاڻ دوزخ يا نَرڪ ۾ وڃڻ پسند ڪندو؟ تون ته منهنجي وجود جو اڌ هُئينءَ. تنهنجي روح جي راحت ۾ آتما جي شانتي لئه آئون قُدرت کان دعا گهُرندس ته، تنهنجي لئه نيم ۾ نرمائي ڪندي، ڪا ترميم ڪري توکي سرگ لوڪ جي هندورن ۾ لوڏي! آئون ٻيو ڇا تو ڪري سگهان پيلا؟ هڪ بيوس انسان جنهن جي قاتل جهوليءَ ۾، ماءُ لئه روئندڙ صغير ٻار کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ناهي! الا... پنهنجي ڪونج ڳچيءَ ۾ رسو ٻَڌڻ مهل اهو سوچين ها ته، تنهنجي ۽ منهنجي اُن ٻالڪ جو ڇا ٿيندو؟ جنهن کي تون ٿڃ ڌارائي پينگهي ۾ آخري لوڏو ڏيئي رواني ٿي وئينءَ. هُن کي ڪير ته نپل مان به ملي ويندو پر ماءُ جي ممتا سان لبريز ڇاتيءَ جو پريم ساگر نه ملندو! اي منهنجي مينڪا! تون وڻ جي ٽار ۾ رسو ٻَڌڻ مهل اهو ته سوچين ها ته، آئون تو سواءِ اڪيلو ڪئين زندگي بسر ڪري سگهندس؟ تو سواءِ مون کي تڏهن آٽت ڪير ڏيندو جڏهن مزوري نه ملڻ ڪري شام جو خالي هٿن ۾ جهُڪيل اکين سان گهر ۾ موٽي ايندس؟ تڏهن منهنجي ڇهري جي آپ بيتي پڙهي ڇاٽي واٽي ٿهڪ ڏيئي مون کي ڏڍ ڪير ڏيندو. ڪير چوندو ته، شنان ڪري اڇو پاٽي رکي آئي آهيان، اڄ مون کي پراٽيءَ جا پنج سؤ مليا هئا، انهن مان پاڙي واري هٽ تان وکر وٺي آئي آهيان توهان بي فڪر ٿيو. توهان مايوس نه ٿيو. منهنجي اکين کي سدائين لُڙڪن کان لڪائي رکندڙ منهنجي مومل! هيڏي وڏي مايوسيءَ جي درياءِ ۾ لوڙهي ۽ اکين کي آنسوڙن ۾ ٻوڙي وئينءَ. توکي ته خبر هُئي ته، آئون تو سواءِ پل به صدين جيڏو پائيندو هئس! هاڻي سالن جو سفر ڪئين ڪندس؟ پنهنجو پاڻ کي ڪئين پرچائيندس؟ تڏهن، جڏهن ڇپڙا ڇاٽي ۽ پَن لاهي سيم مان واپس گهر موٽي ايندس! اُن مهل منهنجون پُرنم اکيون توکي سڀ کان پهرين اُن گهٽيءَ ۾ نلڪي وٽ ڳوليندي يون، جتي تون منهنجي انتظار ۾ بيٺي هوندي هُئينءَ. ٿڌي ٿڌي مشڪري جو معجون ڏيئي منهنجي ٿڪاوٽ دُور ڪندي هُئينءَ، اُتي نه هوندينءَ ته پوءِ روح اوچنگارون ڏيئي رڌڻي ۾ ڳوليندو جتي تون پنهنجي حَسين هٿن سان تازي ڇانهه پياريندي هُئينءَ، اُتي به نه هوندينءَ پوءِ ويڙهن ۾ بيٺل وڻن ۾ وڃڙندو، اُتي به نه ملندينءَ پوءِ ته منهنجا وڻ ٿي وڃي ويندا جانم! وڻ ته تڏهن به وڃي

ويندا. جڏهن تنهنجي عدم موجودگيءَ ۾ پنهنجي پُنُوڙي پُنهن رڱندي، لُڇندي توکي ڳوليندي. اُها پُنوڙي جيڪا تو وٽ بنان ڦر جي پُسوئجي پوندي هُئي. اُها تنهنجي وڇوڙي ڪان پوءِ پنهنجي ٻار ڪان وڌيڪ تولئہ رُني آهي. هُن جي گُگدام اکين جا لُڙڪ مون اوڏي ڪان ڏٺا آهن. هُن چارو تہ پري جي ڳالهہ، پر پاٽي بہ ناهي پيتو.

منهنجي پياري! منهنجون اکيون توکي ڳوليندیون تڏهن جڏهن وسڪارن جي ورتولن ۾ تو جيڏيون ۽ تو جهڙيون، سؤ سؤ سينگار ڪري ٿيج رمنديون. انهن جي ٽولن ۾ تنهنجي غير موجودگيءَ جو احساس ساهُ نپُوڙي ڇڏيندو! جڏهن ”ڳالهيون پيٽ ورن ۾ وڏي وڻ ٽينديون“ تڏهن آئون ڪنهن سان اوريندس؟ ڪنهن کي چوندس تہ اڄ هُوءَ بہ مون کي وٽي هُئي. پاڙي يا ڳوٺ ۾ ٿيل ڪنهن زناني جهيڙي جون جهرڪين جهڙيون وٽندڙ خبرون مون کي ڪير ٻُڌائيندو؟ ڪير ٻُڌائيندو تہ هُن ۽ هِن جي چال ۾ ڦيرو لڳي ٿو. آئون ڪنهن کي ٻُڌائيندس تہ مون پهرين چُميءَ ۾ ڪنهن جا ڳل چکيا هُئا اي منهنجي حال محرم! منهنجي همراز! منهنجا سيئي راز دل ۾ دفن ٿي ويندا. گونگي جي خواب جهڙي هي حياتي هاڻي دار تي لٽڪيل لاش وانگي لڳندي .

دل چئي ٿي تہ هاڻي آئون بہ زندگيءَ جي زنجير ٽُوڙي ڇڏيان، هيڏي وڏي غم جي مها ساگر ۾ زندگيءَ جو غوراب تاري نہ ٿو سگهان ڇاڪاڻ تہ هن دنيا ۾ هاڻي ڪا بہ مانگ منهنجي نالي جو سندُور نہ پريندي، هاڻي ڪو بہ وجود منهنجي وڏي عُمر لئہ ڪڙوا چوٽ رکي، ڇاڻٽيءَ مان چوٽ جي چنڊُ سان گڏ منهنجو ڏُنڏلو ديدار ڪرڻ لئہ انتظار نہ ڪندو. هاڻي هن دنيا ۾ اهڙي ڪا بہ ٻانهن ناهي رهي جيڪا منهنجي لئہ چُوڙيون ڇڻڪاٽي، هاڻي منهنجي پسند تي ڪو بہ پيلو جوڙو نہ پائيندو، اهو آسمان ئي ختم ٿي ويو جنهن تي منهنجي نالي جي ڳاڙهي بنديا جو سج چمڪندو هو. اُها زمين ئي ختم ٿي ويئي جنهن جي نابِيءَ ڪان مٿين نريڙيءَ تي منهنجي چُميءَ جا نيل ڪنول ٽڙندا هئا. منهنجي تہ دنيا ئي اُجڙي چُڪي آهي! اهڙي برباد دنيا ۾ پيلا ڪئين جئجي؟ پر آئون جيئندس... آئون جيئندس تنهنجي اُن معصوم ٻار لئہ جيڪو تون منهنجي جهوليءَ ۾ سُتل ڇڏي پاڻ ڏورانهين پنڌ ڏي راهي ٿي

وئينءَ. تو وٽ شايد رُڪ جي دل هُئي، جيڪا ٻالڪ جي ننڍاڪي مُرڪ کان موڪلائي سگهي پئي. آئون ائين نہ ٿو ڪري سگهان. اُهو ٻار يتيم ڪئين ڪيان؟، جنهن جون معصوم اکيون منهنجي وجود ۾ پنهنجي ماءُ ڳولين ٿيون! جنهن جون ٻاراٽيون ادائون مون کي تنهنجي آسمان جيڏي اولاڪي ۾ جيئڻ تي مجبور ڪن ٿيون. تنهنجي جُدائي جي جهنم ۾ ٻَرندي بہ آئون هن ٻار لئہ جيئندس. هن جي هر تمنا پوري ڪرڻ لئہ پنهنجو پاڻ کي پورو ڪندس. هن کي پڙهائيندس، سُٺي حجام کان وار ٺاهرائڻ لئہ شهر وٺي ويندس، سُٺا ڪپڙا وٺي ڏيندس، سائيڪل وٺي ڏيندس، منهن منگي خرچي ڏيندس. هن کي ڪڏهن بہ اهو احساس ٿيڻ نہ ڏيندس تہ، هُو ماءُ کان محروم آهي. چپڙا چاٽڻ، ڪاٺيون ڪرڻ ۽ ڪندين مان پن لاهڻ نہ ڏيندس. آئون نہ ٿو چاهيان تہ، منهنجو پُٽ بہ مون وانگي اڌ پڙهيو رهي زندگيءَ کي دوزخ بڻائي. آئون نہ ٿو چاهيان تہ، منهنجي نُنهن جي ڪا تمنا اڌوري رهجي وڃي ۽ هُوءَ بہ تنهنجو تسلسل بڻجي. مون کي لڳي ٿو تہ مون کان ڪا ڪمي رهجي ويئي هُئي جو تون بي وفائي ڪري وئينءَ! پوري دُنيا ۾ اڄ اڪيلو ٿي ويو آهيان. پنهنجو پاڻ تي سواءِ ملامت جي ٻيو ڇا ڪيان؟ هاڻ ملامت بہ کهڙي ڪم جي؟ جيئري هُئينءَ تڏهن اهو احساس ئي نہ ٿيو تہ، گهر ۾ توتي ڪير ڪُر ڪري ٿو، ڪير توکي ماٺهو ئي نہ ٿو سمجهي. تون مشين وانگي سڄو ڏينهن گهر جي ڪم ۾ هوندي هُئينءَ. پر ڪڏهن اهو نہ سوچيم تہ توکي بہ ٿڪاوٽ ٿي هوندي. اسين مرد بہ ڪيڏا نہ مُنافق هوندا آهيون! پنهنجي پيٽ ۽ ڏيءَ کي ڪير طعنو ٺُنڪو ڏيندو آهي تہ اسان کي ڪيڏو ڏُک ٿيندو آهي، اکيون ٻرجي ايندِيون آهن. پر پنهنجي گهر ۾ موجود زال جو خيال ئي ناهي رهندو تہ اُها بہ ڪنهن جي پيٽ، ڪنهن جي ڌيءَ هوندي آهي! اُن جو بہ خيال رکڻ گهرجي، اُن کي وقت ڏجي، اُن جون ننڍيون ننڍيون شڪايتون ڏيان سان ٻُڌجن، ان کي اڪيلائي جو احساس ٿيڻ ئي نہ ڏجي تہ، ڪر ڪو بہ گهر ائين اُجڙي نہ...! منهنجي پياري! آئون توکي وقت نہ ڏيئي سگهيس. گهڻو وقت گڏيل ڪُٽنب ۾ ”تولِکيا لوڙهيا“ ۽ جڏهن جُدا ٿياسين تڏهن ٻُک پيلي ويئي...! الا! آئون تنهنجو ڏه جنمن تائين ڏوهاري رهندس .

اي منهنجي روح ۾ رمندڙ راڻي! هن وقت رات جا ٻہ ٿيا آهن. تنهنجو ۽ منهنجو معصوم ٻار منهنجي مرداڻي سيني کي، سندس ماءُ جي ڪيردار ڇاتي سمجهي چُهنڊي سُتو آهي! دل چوي ٿي منهنجي سيني مان ٿڃ جون سيڙهون نڪري اچن ۽ آئون پنهنجي ٻار کي پياري ڍؤ ڪرايان. پر ڇا ڪيان قدرت جي اڳيان فطرت مجبور آهي؟ اسمپوَ کي ڪٿين سمپوَ ڪجي؟ توکي ياد ڪندي، هي خط دل جي پيين سان ذهن جي پَني تي لکجي ويو آهي. وهاڻو لُڙڪن سان وهنجي چُڪو آهي! منهنجو ۽ تنهنجو ٻار، پنهنجي مُستقبل کان اڻواف، پيري ننڊ سُتو آهي. جڻ منهنجي ڪڇ ۾ پونم چنڊُ سُتو آهي! جنهن جي ڳلن جي پنکڙين تي پنهنجا رڦندڙ چپ رکي تنهنجي نالي جي هڪڙي چُمي ڏيئي، هاڻي سُمهڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو...!، پر منهنجي ننڊ تہ تون پنهنجي اکين ۾ کڻي وئينءَ...!

تنهنجي وڇوڙي ۾
دن رين روئندڙ

فقط تنهنجو ور **ويرڌمل**

# مصطفيٰ اياز مهيري کي لکيل خط . . . !

## پيرن تي هٿ پيارا . . . !

تون جيڪڏهن پنهنجي اباڻي روايت تي هلين ها ته اڄ تنهنجي سر تي وڏائي جي وڏي پاگ ٻڌل هجي ها ۽ توکي وڏيري جو وڏو لقب مليل هجي ها. اهڙو لقب جنهن جي رعب ۾ تون سموري سنڌ پنهنجي پيرن هيٺان سمجهين ها، پر تو ائين نه ڪيو ڇاڪاڻ ته توکي پنهنجي نٽ ڪان وڌ سنڌ جا سور پيارا هئا. تو انهن ماڻهن جي دلين ۾ جيئڻ چاهيو ٿي جن کي هن معاشري اڃا تائين انسان تسليم ئي ناهي ڪيو. تو نه رڳو ڪڙيي جي ڪولهين جي واهر ڪئي، پر ان ڪنري جي معذور نياڻي جي به مدد ڪئي. سنڌ شاهد آهي جيڪا اوباما سان ملڻ ڪانپوءِ ايتري خوش نه ٿي هئي جيتري تڏهن خوش ٿي هئي، جڏهن تو سندس مٿي تي شفقت ڀريو هٿ رکيو هو. هي ڌرتي تنهنجي ان بي لوث پيار کي صدين تائين تاريخ جي سيني ۾ سنڀاري رکندي. توکي خبر آ جڏهن تون لاڙڪاڻي جي لال نثار کوکر جي نونهتري تي لبيڪ چئي ڪلهي ۾ گيڙو رنگ جو ٿوال وجهي جهومي سنڌ جمالا ڳائين ٿو تڏهن نه رڳو ڪانگل هٽ ريما کي خط لکندڙ حفيظ ڪنير جي ڇهري تي خوشين جا پوپٽ پرواز ڪن ٿا پر تنهنجو الستي عاشق صفدر پنهور به سرهائي ۾ سرشار ٿئي ٿو. تون جڏهن به سنڌ جي واهر لئه ڪنهن يتيم ٻار جيان دانهن ڪرين ٿو تڏهن نه رڳو احمد سومرو جيءَ جيءَ ڪري وراڻي ڏي ٿو پر مسڪينن جو مسيحا مولابخش ٿيبو ۽ سندس پتيورتا پتني زبيده جوڻيجو به تنهنجي سڏ کي سک مان سوئيڪار ڪندي هر ممڪن مدد ڪرڻ خاطر حال سارون هٿ ونڊائي ٿي.

تون جيڪو روز ڪڙي ۽ قاتل جا ڪٽورا پيري پيئڻ کان پوءِ جيئڻ جي اداڪاري ڪندي روز اڌ مئي سنڌ سان گڏ مرين ٿو. سنڌ جيڪا دردن جو سلو پوائزن ڪائي ڪائي هاڻ ساڻي ٿي پيئي آهي. تون بہ ان بيمار امڙ جي سورن ۾ ڏينهن رات سڙين ٿو .ڪڏهن ڳوٺ ورجانگ ڪولهي جي دُکندڙ پونگين سان گڏ دکين ٿو تہ ڪڏهن ڏور اُڏاڻي ۾ ٻري ويل ٻارڙين جي گُڏين جي رک سان گڏ اڏين ٿو. ڪڏهن سنگ چٽي ۾ ڏنل ڪنهن معصوم نياڻي جي سڙندڙ حسرتن سان گڏ آلي ڪاني جيان سڙين ٿو تہ ڪڏهن ڏيپلائي جي شهر ۾ ڏينهن ڏونئري جو ٻري ويل معذور نياڻي سان گڏ مرين ٿو. ڪڏهن سانگهڙ ۾ سفاڪ سياستدانن جي مغروري جو شڪار ٿي وڏن ڦيٽن هيٺيان آيل دراوڙ سنڌ جي لت پت لاشي کي پاڪر پائي ٻاڏوون ڪرين ٿو تہ ڪڏهن وقت کان اگنور ٿيل اجڙي ٿر جي ٻُکايل ٻارن جو پرجهلو ٿئين ٿو. يار ڪيڏو نہ حساس دل آهين. ڪاش! سڄي سنڌ تو وانگي ٿي پئي تہ ڪجھہ سور ورهائجي سگهن. تون جنهن جي خُماريل نيڻن جي آرسي ۾ اُن ڏُتڙيل سنڌ جا عڪس ڏسجن ٿا جيڪا آرين جي لوڏ کان پوءِ اڄ ڏينهن تائين سوڳ ورتل آهي ۽ عدت ۾ ويٺل وڌوا وانگي نہ سکن جي نير ۾ وهنتي آهي نہ ئي سينڌ سموهي اٿس، تون جيڪو سگريٽ جو ڊگهو ڪش هڻي ڏونهي کي هوا ۾ تحليل ڪري هڪ ٿڌو ساهہ ڪڍين ٿو ۽ هوا ۾ اڏامندڙ نيرڙي دونهي ۾ ان سنڌ جو ڏنڌلو عڪس ڏسڻ جي ڪوشش ڪرين ٿو. جيڪا راجا ڏاهر جي مارجڻ کانپوءِ وري ڪڏهن بہ خوشحال ناهي ٿي. تون جيڪو سراپا درد سنڌ جو هڪ وڏي پيٽ وارو پُٽ آهين پر تون انهن وڏي پيٽ وارن مان ناهين جن جي ڦاٽڻ لاءِ اياز اڳڪٿي ڪئي هئي تہ اهي نيٺ ڦاٽندا، پر اجا تائين ناهن ڦاٽا شايد ابا جو ڇُرو وڏو ناهي يا مفاهمتن ۾ زنگجي ويو آهي..بهرحال تون اهو وڏي پيٽ وارو آهين جيڪو سنڌ لئہ پيٽ ٻارين ٿو ۽ سنڌ تولئہ پيٽ ٻاري ٿي.. توکي ساڙولي دنيا تنهنجي پيئڻ ۽ جيئڻ تي پلي پت ڪائو ۽ ٺرائي جهڙا هلڪڙا لقب ڏي. تنهنجو عزت نفس مجروح ڪري، پر تون دل متان لاهين..تون پيئندو ۽ جيئندو رهہ.توسان سموري سنڌ گڏ آهي..اها سنڌ جيڪا خانہ بندوشن جي خيمي ۾ چاندي جهڙا چم غليظ هٿن ۾ ڦٿڪندا ڏسي ڪنل وجود وانگي تڙپي ٿي. ان سنڌ کي تنهنجي سخت

ضرورت آهي, جيڪا ڪيتي ڪيڙڻ باوجود اناج جي هڪ داڻي لاءِ پڪين وانگي سڪي ٿي. اُها سنڌ جنهن جون ٻاگهل ٻايون ڏاج نہ هئڻ ڪري اباڻن اجهن ۾ مائٽن تي بار بڻجي, وار چاندي ڪري ڪنوارپڻ جي اڃي ڪفن ۾ دفن ٿيو وڃن..امير هوندي بہ غربت جي ٻري ۾ ٻرندڙ هن ديس جي ڏڳ جي توکي پارت اٿئي.

آخر ۾ تولئہ وديسيءَ مڏ جهڙا مارواڙي جا بہ دوها:

داروں پيئو درپڻ ڪرو رتا راکو نيڻ
دوکي ٿانرا جل مري سوک پاويلا سيڻ

داروں رو درياءَ ٿي ڪيون نهين ڪيتو ڪلتار
ناکي بيچ ناوَ ڀر ڀر ڏوٻا پيوتا

فقط تنهنجو پنهنجو

**امر**

# مٺي شهر جي نالي کُليل خط

مٺي تون هاڻي مٺي ناهين رهي! . . .

تنهنجي گل لالا جهڙين گهٽين ۾ جتي گلابن جي واسنا ايندي هُئي. اُتي اڄ معصوم رت جي بوءِ اچي ٿي. جتي تنهنجي اگربتين جي سُڳند سان سرشار هر سانجهه ڏيئن جي سهائي ۾ دُوارڪا جي ديد پسائيندي هُئي. اُتي اڄ اُماوس جهڙي اونڌاهي ماڻهن جو ساهه مُنجهائي ڇڏي ٿي. تنهنجي گود ۾ گُد ڏيندڙ تنهنجا معصوم ٻار موت جي راڪاس کان ائين ڊنل آهن جيئن هرڻ شينهن کان ڊنل هوندو آهي. تنهنجون سُوم رس جي سُرهاڻ جهڙيون سيئي گليون ماتم ڪدہ آهن. انهن گلين جي مور ڪيڙي نما منگهن تي بيهه مينديا سُڪائيندڙ وينگسن جا هرڻن جهڙا هانوَ ڊيلن وانگي ڊنل آهن . تنهنجي نگري جي نياڻين نگرا پوڄڻ ڇڏي ڏنا آهن. مندرن ۾ مڪلي جهڙي ماٺ ڇانيل آهي. ڊڳين کي ڊوءَ تي کارائيندڙ مهيشورين پاڻ ماني کائڻ ڇڏي ڏني آهي. موهن ڀڳت جي سمادي کان وٺي هرداس ڀڳت جي سائي ڍهري تائين سڄي شهر کي سائي وڪوڙي ڇڏيو آهي. ڪريم فقير کان ڪجليو ڳائڻ وسري ويو آهي. صادق جي قبر تي لکيل ڪتبي جون اکيون آليون آهن. تنهنجي محل نما گهرن جي ويڪرن ٿَلهن تي ويهي اڌ رات تائين ڪچهريون ڪري پنهنجي اندر جا آروڳ اوريندڙ جهونن جا نيڻ بدي جي ڪڪرن وانگي وٺا آهن. ٿلها اُداس آهن .

مٺي تنهنجي معصوم نگري ۾ بہ نردوش ڀيرو سفاڪ قاتلن جي بي رحم ڳولين جو شڪار ٿي ويا آهن. جن جي ايف آءِ آر ڪنهن تي داخل

ڪجي؟ انهن بي ضمير هندو سياستدانن تي ڪجي جيڪي زرداري جي ڪامداري ڪندي رڳو گُتن جا لائسنس وٺڻ ۾ پورا آهن. جن لئہ انساني جان ڪا بہ معنيٰ نٿي رکي، جن جي زنگ لڳل ذهنن تي ڪُرسي جو نشو ايترو حاوي آهي جو عزت ۽ غيرت سڀ داو تي لڳائي ڏينهن رات چمچاگيري ۾ رُڌل آهن. يا انهن اجگر اين جي اوزن تي، جيڪي امداد جي آڙ ۾ ڏارين کان ڌرتي پيلائي هتان جي امن کي آخري تيلي ڏيڻ جي ڪرت ۾ ڏينهن رات ڪوشان آهن.

اي ماءُ جي آنچل جهڙا شهر!...

اسين هاڻي توکان ڊڄون ٿا. تنهنجي پاڪ رستن تي هلندڙ ناپاڪ رهزنن جي هر روپ کان ڊڄون ٿا. اسين جيڪي سَهي جي کَل جهڙا اپرا آهيون اُهي هر اُن ڇهري کان ڇرڪايل آهيون جنهن ۾ ڏاريائپ جي ڏپ اچي ٿي. اسين اُداس آهيون. اي اسان جا محبوب شهر! اسان کي پنهنجو اهو من موهيندڙ ماضي موٽائي ڏي جنهن ۾ اسين تنهنجي ويڪرن رستن تي آڌي رات تائين اُسرڪندي ڪيئي سرگوشيون ڪندا هئاسين. جاڙن پُٽن جي اچانڪ اولاڪي واري دل ٽوڙ درد جو ڪاٺو اُن ماءُ جي ممتا کان ئي پُڇجي جنهن جي اندر جو مندر ميسارجي ويو آهي. جنهن جي ڇاتي ڇلني ٿي ويئي آهي. سُرطان جهڙي هن سُور جي پرک اُن پيتامبر پيءُ کي ئي هوندي جنهن جي اندر جو جهونا گڙھ جهُري چُڪو آهي. جنهن جا جاڙا پُٽ ڏينهن ڏونئري جو سفيد ڪبوترن جهڙي امن پسند شهر ۾ شهيد ٿي ويا، جن کي اگني سنسڪار ڪندي هندو مسلم هر اک آلي هُئي. هن هانوَ ڏاريندڙ حادثي جي ڏُک جو ڏيک اُنهن سهاڳڻين جي اُجڙيل سندورن ۾ ڏسي سگهجي ٿو جن جا معصوم ٻار بابا بابا ڇئي انهن جي لُڙڪن سان پُسيل چُنين سان چنبڙي پون ٿا. جن کي آٿت ڏيڻ لئہ بہ ڪو پنهنجو هٿ سالم ناهي رهيو.

هي قتل صرف ٻن ٻي ڏوھ هندو ياڻرن جو قتل ناهي، پر هي قتل انهن هزارين مسلمانن جو بہ قتل آهي، جيڪي صدين کان هندوئن جي حفاظت ڪندا اچن. هي قتل انهن ڇهن پينرن جو بہ قتل آهي، جن لئہ هن دُنيا ۾ هاڻي ياڻر نالي رشتو ئي ناهي رهيو. هي قتل ڪينسر جي مريضہ اُن ماءُ جو بہ قتل آهي، جيڪا هاڻي هن دنيا ۾ ڪنهن کي بہ ڏکرا ڇئي سڏ نٿي ڪري

سگهي. هي قتل اُنهن ٻن پتيورتا نارين جو بہ قتل آهي، جيڪي هاڻي ٻنهي ٻانهن ۾ ٽڏين آنهن ۾ حياتيءَ جا ڏورها ڏينهن گهاريندي اُجڙيل سينڌن سان هر روز مرنديون رهنديون. اُهي اپاڳڻيون هاڻي ڪڏهن بہ ڪڙوا چوٿ جو ورت رکي چنڊُ جو درشن ڪري نہ سگهنديون. هي قتل اُنهن معصوم ٻارن جو قتل آهي، جن لئہ رانديڪا ننڍپڻ ۾ ئي رُسي ويا آهن، جن جي اکين اجان صحيح نموني روئڻ ئي ناهي سکيو. انهن ايم ٻارڙن جي پويتر لبڙن جي پُڪار ۾ اُٿندڙ لرزش ڪي دُنيا جو ڪهڙو پيمانو ماپي سگهي ٿو؟ هي قتل ان امن جو قتل آهي، جنهن تي دنيا جون نظرون آهن.

مني! تنهنجي آغوش ۾ تڙپندي مري ويل تنهنجي معصوم ٻچڙن سان انصاف ڪير ڪندو.؟ اسان جون اُداس اکيون انصاف جي اوسيئڙي ۾ اٽڪيل آهن. اسين جهولي جهلي چيف جسٽس آف پاڪستان ۽ چيف آف آرمي اسٽاف پاڪستان کان انصاف جي بيک گهرون ٿا...

**فقط مني جو شهر واسي**

# سينيٽر ڪِرشنا ڪُماري ڪولهي ڪي لکيل خط..!

ڪِرشنا....! توڪي ٿر جي پارت آهي...!!

تون جيڪا روپلي جي وارث آهين. تنهنجي رڳ رڳ ۾ پارڪر جو اهو پاڻي رت بڻجي ڊوڙي رهيو آهي، جنهن سوڍن سان گڏجي انگريزن کي ڪابلي چڻا ڪچا چبڻ تي مجبور ڪيو هو. تنهنجي ٻاجهه ڀري ٻوليءَ هن وطن جو اهو اهڃاڻ آهي، جنهن کي ڪير به مٽائي نه ٿو سگهي. تنهنجي ڪارڙي رنگ ۾ هن وطن جي اُها سُڃاڻپ سمايل آهي، جيڪا ڪارونجهر جيان ڪنڌ مٿي ڪٽي اڄ به ائين چوي ٿي ته ”اي ڌرتي ماني سي “ۦ اها ڌرتي ئي آهي، جنهن اوهان کي وقت جي ڪنهن به ڀوڪنمپ ۾ ڀُرڻ ناهي ڏنو. ان ڌرتيءَ جي هر دنگ ۾ ننگ کي تون پنهنجو سمجهي ان جي رکشا ڪجانءِ.

ڪرشنا! توڪي پارت آهي، اُن ٿر جي جيڪو صدين کان ڪنهن مسيحا جو منتظر آهي. اُهو ٿر جنهن کي اڄ ڏينهن تائين ”وڏن“ ماٺهن ماٺهو ڪري ئي ناهي مڃيو. اُهو ٿر جيڪو نه رڳو گُگرال جو رت چوسي گُگر تي گُذارو ڪري ٿو پر پاپي پيٽ خاطر پانپرا ڪندي وڻ به وڍي ٿو. هن ڌرتيءَ کي اُگهاڙو ڪري ٿو. اهو ڪو شوق سان نه ٿو ڪري، پر هن کي ڪا مجبوري ڪرائي ٿي. اهو ٿر جنهن جا ٻچا تعليم نه پرائي سگهڻ ڪري جهالت جي تاريڪ راهن ۾ رُلن ٿا. اُهو ٿر جيڪو اڄ به نه رڳو اڪ جي ڀُڙي ۾ ٻُڪ ۾ پاڻي

پيئڻ لئہ مجبور آهي، پر ڪٽ هوندي بہ پٽ تي ويهي پنهنجي پرمپرا پاري ٿو. توڪي پارت آهي اُن ٿر جي جنهن ڪي نہ رڳو ڪارن ڏُڪارن جي ڪاريهرن ڏنگيو آهي، پر وقت جي ٿاڦيل سياستدان جي نابين نظرين بہ وڏا ويل وهايا آهن. توڪي پارت آهي اُن خوددار ٿر جي جنهن ڪي اين جي اوزن امداد جي آڙ ۾ عالمي پينو بڻائي ڇڏيو آهي. ٿر جو تعارف تبديل ڪرڻ ۾ نہ رڳو اين جي اوزن جا هٿ شامل آهن، پر هتي جي نامي گرامي نيتائن جون نيتون بہ شامل آهن. جن پنهنجا پيٽ پرڻ خاطر يوميءَ جو بہ پرم پيلائي ڇڏيو آهي. توڪي پارت آهي، ان بيروزگار ٿر جي، جيڪو سرعام سرڪاري نوڪرين جي ٿيل نيلامي ڪان پوءِ انتهائي مايوس آهي. اُن نوجوان ٿر جون اُميدون هاڻي تو ۾ آهن. تون جيڪا هڪ غريب خاندان سان تعلق رکين ٿي. توکي غُربت ۽ بيروزگاري جو احساس چڱي ريت هوندو . ڇاڪاڻ تہ تون بہ پيٽ تي پٿر ٻڌي پڙهي آهين. توڪي پارت آهي اُن بيوس ٿر جي جيڪو پنهنجي ٻُخاريل ٻچڙن کي پيراسٽامول جي گوري وٺي ڏيڻ جيتري بہ سگهہ نہ ٿو ساري. جنهن لئہ سُپربو پروَ بہ سواءِ احساس ڪمتري جي ٻيو ڪجهہ بہ ناهي هوندو. ڪنهن وار پروَ تي پائڻ لئہ نئون پڙو ۽ پولڪو بہ وٺي نہ سگهندڙ ٿر جي حالتن تي رتيءَ جيترو بہ ڪنهن رحم نہ ڪيو. ڪنهن ڪيا آهن تہ رڳا مذاق. ڪڏهن امداد جي نالي مذاق، ڪڏهن پاڻي جي نالي مذاق، ڪڏهن ڪوئلي جي نالي مذاق، ڪڏهن صحت جي نالي مذاق. ڪڏهن سياست جي نالي مذاق تہ ڪڏهن تعليم جي نالي مذاق. سنجيدگي سان ويهي ٿر جي بنيادي مسئلن جي ڪنهن بہ مستقل حل لئہ ڪڏهن بہ ناهي سوچيو.

تنهنجي سينيٽر ٿيڻ تي وڏ ۾ وڏ سرهو ٿيو آهي. اُهو ٿر جنهن جي گهر ۾ لپ اٽي جي بہ وڏي پيڙا سان پهچي ٿي. تنهنجي راهن ۾ گُل وڇايا آهن اُن ٿر جنهن جي پيرن ۾ پاتل چپل ۾ ايتريون تہ چتيون لڳل آهن جو واريءَ تي چٽ نهي وڃن ٿا .تنهنجي ماٿينگر مٿي تي شفقت پريو هٿ رکيو آهي اُن ٿر جنهن کي اُس ۾ مٿي ڍڪڻ لئہ چار وال چُني بہ مشڪل سان ملي ٿي. تنهنجي سينيٽر ٿيڻ تي جهمريون پائي منايون ورهايون آهن اُن معصوم ٿر جيڪو مٺائي جي ذائقي کان ئي اڻواقف آهي .ٻِلن تي هٿ رکي تولئہ راسوڙا ۽ راڻليا بہ اُن ٿر ڳايا آهن جنهن کان ٻُکن ۽ ڏُکن ۾ سُر ۽ تال بہ وسري

ويا هُئا، پر تنهنجي ڪاميابي تي هُو ايترو سرهو هو جيترو هوليءَ جي ڏينهن هوندو آهي. ڏناگام جي ڊِيئاريءَ تنهنجي سينيٽر ٿيڻ تي نہ رڳو پارڪر ۾ راسوڙا رچيا آهن، پر سامروٽي ڪان وٺي ساماري تائين سموري ڌرتي گونجي اُٿي آهي. ان گونج ۾ رڳو رقص ناهي، پر ان ۾ پيڙهيل طبقي جون پُڪارون بہ آهن تہ سسٽم مان نراس ٿيل ڌرتي ڌڻين جون دانهون بہ آهن. اُهي دانهون جن ڪي وقت جي ڪنهن بہ ڳن ڳنائڻ جي زحمت نہ ڪئي. تنهنجي فارم بحال ٿيڻ لئہ ٻئي هٿ ٻڌي دعائون ڪيون هيون، اُن ٻي يارو مددگار ٿر جنهن کي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام وارا فارم بہ نہ مليا هئا. تنهنجي سينيٽر نامزد ٿيڻ تي نثار ٿيو هو. تنهنجو اهو ٿر جنهن کي نادرا مان پنهنجي نالي وارو سڃاڻپ ڪارڊ بہ عزت سان نهي نہ ٿو ملي. جائز مسئلي لئہ ناجائز پئسہ پرڻ کان پوءِ بہ ڪاڙهي ۾ قطار ناهي ڪيئي ڏينهن ڪڙهڻو پوي ٿو. توکي پارت آهي ان ٿڪايل ٿر جي جيڪو اڄ بہ تو ۾ اها آشا رکي جيئي ٿو تہ ڌرتيءَ جي ڏيئڙي اسان جي ڏُکن کي لحضي ۾ لاهي ڇڏيندي، سڀ لُڙ لهي ويندا.

پنهنجي انوکي ڇاپ ڇڏڻ لئہ سينيٽ جي اجلاس ۾، هڪڙو ڏينهن ئي سهي، تو پنهنجو ثقافتي ويس پائي ٿر تي ٿر جيڏو ٿورو ڪيو آهي. تنهنجو اهو ڳُڻ صديون ڳائينديون رهنديون. هڪ ٿاريليءَ ڳوناٽيءَ جي اهڙي اعليٰ ڳُڻ جي تاريخ گواهي ڏيندي تہ ماروئڙن جي مُلڪ ۾ ولر وارينڊڙ چوڙيلين مان هڪ چوڙيلي هن ملڪ جي ايوان بالا جي ڪُرسي تائين ڪانچُوئي ۾ پَڙي ۾ پهتي هُئي. جنهن جي هڪڙي جهلڪ ڏسي هن ڌرتيءَ جي اُنهن لکين دراوڙ عورتن جي مهانڊن تي مُرڪون موٽي آيون هيون، جن کي سرهائي ملي ڪي ورهيہ وهامي ويا هئا. ائين لڳي رهيو هو ڄڻ ست ڏُڪاري ڪان پوءِ مس وڃي وسڪارو وريو آهي.

ڪرشنا تون ڀلي پاڻ کي اُتم پد وارن جي قطار ۾ ببهارڻ جي ڪوشش ڪر پر اُهي توکي ڪڏهن بہ پنهنجو تسليم نہ ڪندا.

ڪرشنا تون پنهنجو پاڻ کي دلت ڀلي نہ سڏرائي پر ڪولهي ڪان تہ انڪار نہ ڪجانءِ. پنهنجي وير ويرجي کي اهو پيد پٽائج تہ اوهين ڪوهلي نہ پر ڪولهي آهيو. ڏاڙيءَ ۾ ڏڙي جي رانديگر ڪان اوهين جان جي بازي

لڳائيندڙ بازيگر مٿي آهيو. اوهين تاريخ جا وارث آهيو. اوهان وٽ اتهاس ۾ روپلي ڪولهي جهڙو ڪردار موجود آهي جيڪو ڪڏهن به اوهان جو ڪنڌ جهُڪڻ نه ڏيندو. اوهين اُن وريام جي وارثي ڪيو جنهن پنهنجي وطن مالُوف جي مالڪي ڪندڙن سان پرڻ پاريندي پنهنجا پراڻ ارپڻ ڪري ڇڏيا، پر انگريز اڳيان آڻ نه مڃي. اُن ارڏي جي الوڪڪ اتهاس تي مَرڪ ڪرڻ اوهان جو شان آهي. باقي ڪنهن ڏارئي جي ڏٽيپ ڪرڻ نه رڳو اوهان جي ڪردار ڪشي ڪندي، پر هن مٽيءَ جي مان ۽ مريادا کي به ڇيهو رسائيندي. هن ڏيهه کي اهڙو ڏام ڏيڻ کان اڳ ۾ ڏهه ڀيرا سوچجو. هي روپلي جو راڄ آهي. هي مسڪين جهان خان کوسي جو ماڳ آهي. هي ڪيسوٻاءُ سوڍي جو ساٽيهه آهي.

ڪرشنا...! توکي ان جيتو ڪولهڻ لئه به جتن ڪرڻو پوندو جيڪا منهنجي ڳوٺ جي ڀرسان موجود ٻني سگار جي سيڙهي تي ويهي تولئه وڏيون دعائون ڪري ٿي. جنهن جي پيرن هيٺان موجود زمين به پرائي آهي، جنهن جو پتي ڪينسر ۾ مري ويو. هاڻي سندس سهارو سندس نياڻي آهي جيڪا سڄو ڏينهن ڪاڙهي ۾ ڪانيون ڪري پنهنجي مڙهي ماءُ جو پيٽ پالي ٿي. توکي انهن جو پرجهلو ٿيڻو پوندو جن جو هن جهان ۾ ڪو به جهلو ناهي. توکي انهن جو سهارو بڻجڻو پوندو جن جا سهارا ڏٽي کي پيارا ٿي ويا آهن. توکي اُنهن جي ٻُک جو بندوبست ڪرڻو پوندو جن کي ٻُک آپگهات ڪرڻ تي مجبور ڪري ٿي. توکي اُنهن بيروزگارن لاءِ روزگار جو سعيو ڪرڻو پوندو جن جو ڪو به سياسي سورس ناهي. توکي انهن يتيم ٻارن کي آٿت ڏيڻي پوندي جن جي مائٽن کي وحشين بنا ڏوهه ماري ڇڏيا. توکي مينهن جي مامي جهڙين اُنهن دراوڙ عورتن جي لُٽيل عصمتن جي تعزيت سنڌ امڙ سان ڪرڻي پوندي جن کي به ايڪڙ ٻنيءَ جي هاريپ ڏيئي سرعام رُسوا ڪيو ويو هو.

ميڊم ڪرشنا! سرڪاري خرچ تي ڪو مندر تعمير ڪرائڻ کان اڳ ۾ انهن هزارين خانه بندوش ٿر واسين تي هڪڙي نگاهه ضرور وجهج، جيڪي پٽن تي پونگيون ٺاهي وينا آهن. انهن کي سردين گرمين کان بچڻ لئه ڪنهن مستقل گهر جي ضرورت آهي. اُنهن جا ٻچا به تو وانگي پڙهي

ڪنهن منزل تي پهچڻ چاهين ٿا. ڪرشي! ايوان بالا جي تختِ طائوس تي ويهي جڏهن ايئرڪنڊيشنڊ جي ٿڌاڻ محسوس ڪرين تڏهن پارڪرن جي پهاڙن جي اُها ڪوساڻ متان وسارين، جنهن تي تنهنجا ماروئڙا پيرين اُگهاڙا پنڌ ڪن ٿا. جڏهن بہ تنهنجي ميز تي طرحين طرحين طعام اچن تڏهن جوتا چڏڻ کان اڳ ۾ انهن پيٽ بکايل ٿاريلن جي باري ۾ بہ ضرور ويچار ڪجانءِ جن کي تارا ڳڻيندي ڪيئي ويلا ٿري ويندا آهن!!..

فقط ٿر جي معصوم **جنتا**

# لاڙڪاڻي جي هڪ ڳوٺ ۾ پيري محفل ۾ گولي لڳڻ سبب مارجي ويل فنڪاره سان مخاطب!

ثمينہ توں نردوش آهين!...

تو سان ناحق ٿيو آهي. تنهنجي خاندان جي هر تمنا جو خون ٿيو آهي. تون بي گناھ هُوندي بہ بي موت ماري وئينءَ. تون جيڪا ڳَن رس جو چس چکائيندڙ سنڌ جي اُها سوڪڙي هُئينءَ جنهن جي پرک ڪرڻ وارو هتي ڪير بہ نہ هو. تون جڏهن ﭘﺜيھ راڳڻين جو رياض ڪري هارمونيم تي هٿ رکندي هُئين تڏهن هر تند ۾ الئہ تہ ڪيترن سارسن جا ڪنٺ سمائجي ويندا هُئا. هارمونيم جي رڌم تي تنهنجو هر آلاپ هزارين ڪويلين جي ڪنٺ رس جهڙو دلپذير هوندو هو. تون ﭘﺜيھ سُرن جي ساڌنا ڪري جڏهن رنگ منچ ڪي سيس نمائي پرڻام ڪندي هُئينءَ، تڏهن سرسوتيءَ ماتا پنهنجا سيئي گُڻ تنهنجي ڳلي ۾ اوتي ڇڏيندي هُئي، ڇاڪاڻ تہ تون سچي پريم ڀاونا سان پُڪار ڪندي هُئينءَ. اهڙي پُڪار جنهن ۾ ان جَل جي آجيڪار لئہ هڪ آس سمايل هوندي هُئي.

تون جيڪا سُرن جي سفير هُئينءَ. سُر، جن جي سماع ۾ صوفي پنهنجا پراڻ پرميشور کي سونپيندا آهن. سُر جيڪي سرسوتيءَ جي دين هوندا آهن. سُر، جن کي سُڻي آتمائون آنند پائينديون آهن. سرير سڪون سان سرشار ٿيندا آهن. سُر، جن تي ماڻهو سِر ڏيندا هئا وٺندا ڪون هئا. سُر

جيڪي جل ۾ آڳ لڳائي ڇڏيندا آهن. سُرن تي ڏاوڻ لئہ روئندڙ ٻار بہ ماٺ ٿي ويندا آهن. سُرن تي آڪاس ۾ اُڏامندڙ پکي ڌرتيءَ تي ڪري پوندا آهن. سُرن تي ماڻهو نرت ڪلا جا نمونا پيش ڪندا آهن. پر توکي تہ سرزمين سنڌ جي سُريلي شهر لاڙڪاڻي ساھ سيباڻي جي لاڪيٽي ڌرتيءَ تي سُرن عيوض گوليون مليون. ثمينہ تنهنجو ڏوھ ڪهڙو هو؟

تون سنڌ جي اُها ڇَترڻي ڪوئل هُئينءَ جنهن جي قسمت ۾ ڪا اهڙي محفل شايد لکيل ئي نہ هُئي جنهن ۾ تنهنجي ڪلا جي جلا جو قدر ڪندي ڪو هٿ تنهنجي مٿي تي شفقت جي اجرڪ وجهي توکي اون ڪري ها. ائين ڇئي ها پُٽ پيٽ حمل ۾ ٻگائڻ صحت لئہ سپاويڪ ناهي هوندو. ڪاش! ڪو تہ اهڙو بہ هٿ ملي ها جيڪو اسٽيج تي اچي توکي ڇئي ها پيرڻ هن ڪرائي ۾ راکي ٻڌ تہ آئون تنهنجي رکشا ڪري سگهان. ثمينہ! هتي جسم جي دُرڳند ۾ روح جي سڳند ختم ٿيو وڃي ٿي. تون هن ديس جي اُها دلفگار ڪوئل هُئينءَ جيڪا مُورکن جي محفلن ۾ ڪُوڪون ڪري مري وئينءَ. گرپوتي هوندي بہ پيٽ گُذران لئہ شرابين جي شوق جو پورائو ڪندي هن جهان مان هلي وئينءَ. تون هن غريب سنڌ جي اُها گُلوڪاره هُئين، جنهن جي رسيلي راڳ ۾ ئي پنهنجي پريوار جو پاڳ سمايل هو. تون غمن ۾ ٻُڏل ماڻهن جي اُداس روحن کي راڳ سان ريجهائي پنهنجو پيٽ پاليندي هُئينءَ. تو پلا ڪنهن خان جي خزاني مان ڪاٽ تہ ڪونہ ٿي هنيو جو توکي ايڏي وڏي سزا ڏنائون. تون انهن پکين وانگي دل جي پوبتر هُئينءَ جيڪي هميشہ وڳر ڪيو وتن. جن جي من ۾ مير ۽ وجود ۾ وير رتيءَ جيترو بہ ناهي هوندو. پکي جيڪي سدائين توڪل جي ٽُرهي تي هوندا آهن. تون بہ تہ ائين توڪل تي حياتيءَ جا ٻيڙا پار لنگهايا هئا. هڪڙي محفل ۾ ڪجھ نہ مليو تہ ٻئي ۾ ڪجھ ملندو واري توڪل تي دل جي ٻار کي پرچائيندي مُرڪندي هُئينءَ.

ثمينہ تنهنجي اڻ ڄاول ٻار جو قصور بہ ڪهڙو هو جو اُن کي بہ وحشين گولين جا گهاوَ ڏيئي ڇڏيا. هُن تہ اڃان هن دُنيا جو درشن بہ ڪونہ ڪيو هو. هُن تہ املتاس جي ڪانيءَ ۽ پنير مان تنهنجي هٿ جي ناهيل سُنٽيءَ جي بہ سُرڪ ڪونہ پري هُئي. هن تنهنجي هنج ۾ ويهي ڏاوڻ پيئندي

تنهنجي ممتا ڀري ڇاتيءَ جي مهراڻ ڪي بہ ڪونہ ڇُهيو هو. هُن تہ تنهنجي پيار جي پاڻي مان هڪ سُرڪ بہ ڪونہ ڀري هئي. هن تہ لاڏ مان لوري ڳائڻ مهل تنهنجي دل جي ڌڙڪن بہ ڪونہ ٻُڌي هُئي .ثمينہ! تو اڃان هن جي پورڻن پيروئن تي سُرمي جي سرائي ڦيري ڪُل ڪائنات جي عظيم مصوري بہ تہ ڪونہ ڪئي هُئي. موئن جي دڙي جي اصلي ريت نڀائيندي ٻالڪ جو مٿو ويهارڻ لئہ تو جيڪي ڳوٺريون ناهيون هُيون، اُهي اڄ پنهنجو مٿو پٽي تنهنجي ٻالڪ کي سڏي رهيون آهن. رلڪا، پوتڙا ۽ تنجڻ سڀ سوڳ ۾ سُڏڪي رهيا آهن.

ثُنهنجي ڪملهي موت تي رڳو پٽائي جا ٽيهہ سُر ناهن رُنا پر ميران جي سُرندي جون تارون بہ اوڇنگارون ڏيئي رُنيون آهن. تنهنجي هانوَ ڏاريندڙ هتيا تي رڳو ٻيجل جو سُرندو سوڳوار ناهي، پر جهوناڳڙهہ جي سخي راءِ ڏياچ جو روح، ستي سورٺ جي آتما سميت سنڌ جي هر اُن دل سان تعزيت ڪري رهيو آهي، جنهن ۾ تنهنجي موت جو تڏو وڇايل آهي. تنهنجي ناگهاني وڇوڙي تي نہ رڳو موهن جي دڙي جي ناچڻي ڇيرون ڇوڙي سوڳ ۾ سُتي آهي پر، بندرا جي بن ۾ راڌا کي پُڪاريندڙ ڪرشن جي مُرلي بہ ماٺ آهي. تنهنجو موت ٻتيهہ راڳڻين جو موت آهي. تنهنجو قتل ساري گا ما پا دا ني سا جي هر سرگم جو قتل آهي. هن گولي رُڳو تنهنجي ڇاتيءَ کي ڇلني ناهي ڪيو پر هر اُن سُرن جي سودائي کي گهايو آهي، جنهن جي من ۾ هر وقت صوفين جي سماگم سُرودُ سان لبريز آهي.

فقط تنهنجو سنڌي **پائر**

# سُنيتا رانوڙ ڏانهن لکيل خط...!

سُنيتا تون اُداس ڇو آهين...؟

تون جيڪا باغي بہ آهين تہ انقلابي بہ آهين!

تنهنجي بادام چشم بيني ۽ جي نيرڙي نپ ۾ بي خوفي جا بادل هر وقت ڇانيل آهن. تون وقت جي ڪنهن بہ دِلوراءِ جي ڊپ ۾ دَلخيم ناهين ٿي ڇاڪاڻ تہ تون دلهِير نہ پر دلباز آهين.

تون جيڪا رانوڙ آهين. رانوڙ جن کي رڻ بانڪا چوندا آهن. اُهي حياتي ۽ جي ڪنهن بہ هاڃي کان هٻڪائيندا ناهن. اُهي پنهنجي اڏيڪارن لئہ رت جي آخري ڦُڙي تائين رڻ پومي ۽ ۾ پنهنجي پوميڪا نڀائيندي، تاريخ جي ڪنوار جي ڪن ۾ طومان جا انوکا ٽُگل وجهي ڇڏيندا آهن. ڌرتي انهن جي اڊمبر ڪردارن کي ڪڏهن بہ وساريندي ناهي. تون جيڪا سنڌ جي اصلي وارث راءِ گھراڻي جي رت جي رهجي ويل نشاني آهين. توکي جيون جي سفر ۾ ڪڏهن بہ ستيا هاري اُداس ٿيڻ نہ کپي.

اُداس اُهي هوندا آهن جيڪي بنهہ بُزدل هوندا آهن. جن لئہ حياتي ۽ جي هر مصيبت کي منهن ڏيڻ ڏُکيو هوندو آهي. اُهي صرف سُکن جا ساٿي هوندا آهن ڏُکن سان انهن جو ڏُور کان بہ رشتو ناهي هوندو. اُهي گلابن جا راهي ڪنڊاون پيچرن تي هلي ناهن سگھندا.

سُنيتا! تون تہ دلير آهين.! تون عورتاڻي اتهاس ۾ دليري ۽ جو اهڙو سبق آموز داستان آهين، جنهن کي پڙهي ڪيئي پيڙهيون ڪربن جا ڪارا

پاڻي پار لنگهي سگهن ٿيون. تنهنجي همت واري نقشِ قدم تي هلي هن سنڌ جي هر اُها نردوش نياڻي پنهنجا چنل هڙئي حق واپس وٺي سگهي ٿي، جنهن سان وقت وڏا ناحق ڪيا آهن. توکي مايوس نہ ٿيڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ تنهنجي وسيع سيني جي سمنڊ ۾ دڙڪندڙ دل ڪنهن هرڻيءَ جو هانوَ ناهي، نہ ئي ڪنهن ڊڄندڙ ٻيل جو هردو آهي .تنهنجي سيني ۾ ساھ ڪڻندڙ دل ڪنهن شينهڻ جي گونج آهي. اهڙي گونج جنهن جا پڙاڏا سمورو ڏيهہ سُڻي ٿو. عرض و سمان لوڏي ڇڏيندڙ تنهنجي للڪار جو هر وار ويرين لئہ ترڏاري تلوار جي ڌار آهي. تڏهن تہ تو مقدر ۾ مليل هر مصيبت کي کلي کيڪاريو آهي. تون تہ سسئي جو ٻيو روپ سروپ آهين. تون جهانسيءَ جي راڻيءَ وانگي اٽل ارادو رکندڙ سنڌڙي جي اُها سورث آهين جيڪا پنهنجي سهاڳ لئہ ڏُکن جي ڏاگهہ تي چڙهي بہ پنهنجي عزت جو جهوناڳڙھ جهَڪو ٿيڻ نہ ڏيندي .تون روپا جي رڻ پوميءَ ۾ ٻاگهل جي ڇيلهہ تي سندرو ٻَڌل اُها چُنري آهين جنهن کي وقت جو ڪو بہ خلجي ڪنهن بہ فريب سان ڦاڙي نہ ٿو سگهي. تون تہ ڪنهن سارس جو پنهنجي سرتيءَ لئہ سڪندي رڙن ۾ رهجي ويل اهڙو روح آهين جنهن لئہ پريتم جي جسم جو پڃرو ئي سموري جهان جي سرهائي هوندو آهي. تڏهن تہ تو پنهنجي محبت سان محبت ٿي نڀايو آهي. پنهنجي پيار جي هر پيڙا کي وندي ورچيو آهي. تو پنهنجي سچي محبت لئہ سڀ ڪجهہ قربان ڪري هڪ نئون اتهاس رچيو آهي.

تنهنجي شاديءَ تي سيئي ريتون هن ديس مان رُسي ويون هيون. تنهنجي ياڳ ۾ هٿن تي لپ ميندي بہ لکيل ڪونہ هُئي. تو تہ اباڻي اجهي مان دعائن جي ابوڇڻي اوڍي الوداعي ڪرڻ بدران روئندي رُخصتي بہ ڏُکن جي ڏوليءَ تي چڙهي ڪئي هُئي .تنهنجي پويان ڪنهن بہ ڏنجهہ ۾ ڏورو نہ ڳايو هو. پنهنجي پريہ سجن سان پيار جا پلا ٻڌي چونٽريءَ جا چار ڦيرا ڦرڻ وارو حق بہ مالڪ کي منظور ڪونہ هو .تنهنجو ڏوھ صرف اهو هو تہ تو پنهنجي رت جي رشتي سان اٽوٽ پريم ڪيو هو جيڪو پنهنجي ڌرم ۾ جائز ناهي. اِها الڳ ڳالهہ آهي تہ پنهنجي ڌرم کي وڏو ڪتاب ڏيندڙ ڪرشن سندس پيڻ رت جي رشتي ۾ ڏني هئي. هُو يڳوان هو تون انسان آهين.

تنبدي غلام علي ڪان سنجر چانگ ويندي تو جيڪي لُڙڪ وهايا هئا، اُهي اج بہ هن ڏرتيءَ جي دل تي دردن جو بوجهہ بڻيل آهن. پنهنجي اباڻي اجهي ڪان سُڏڪندي الوداعي جا هٿ لوڏڻ مهل تو بہ موهن ڪلپنا وانگي ڪا ڪلپنا ڪئي هوندي، تہ هڪ وار ئي سهي منهنجا مارو مون سان پرچي پون، پر قسمت جي ريک ۾ ڪو اهڙو ليک لکيل ئي نہ هو جو تو لئہ ڪو پل سکن جو چانورو ٿئي ها. تون نہ ڄاڻ تہ ڪهڙي ڪيفيت مان گُذري هوندينءَ تڏهن، جڏهن وداعي مهل تنهنجي مٿي تي مائٽن شفقت وارو هٿ بہ نہ رکيو هوندو. الا..اُن ڏنجهہ ۾ تنهنجو ڏيل ڳُتل پکيءَ وانگي ڦٿڪيو هوندو. تو روئڻ چاهيو هوندو، پر روئي نہ سگهي هوندينءَ. تنهنجي وچوڙي جي وِماس ۾ وِماسجڻ ڪان پوءِ تنهنجين سرتين ۽ سهيلين سيئي سينگار ڇڏي ڏنا هُئا. تنهنجي جدائي ۾ جلندڙ تنهنجي ڪنهن بہ جيڏي پنهنجي وَلِپ سان ولا ۾ اچي ولاس نہ ڪيو هو. توکي خبر آهي اُن ڏينهن تو لئہ تنهنجي ڳوٺ جي گهاٽ مٿي بيٺل وڻ پار ڪيڍي رُنا هئا. پکي احتجاجن ڳوٺ خالي ڪري ويا هُئا. چوپائي مال چارو چرڻ ڇڏي ڏنو هو. تنهنجي ڇهري تي چنتائن جي ريک ڏسي فطرت چِتا تي چڙهي ويئي هُئي ۽ تنبدي غلام علي جي ڊيل سنجر چانگ جي مور وٽ پنهنجي جيون جا هڙئي حق واسطا محفوظ ڪرائي ڇڏيا هئا. بغاوت بُلند آواز سان ڏرم جا ديبل لوڏي رهي هئي. ڏرم سنڪنٽ ۾ اچي ويو هو. محبت انقلاب جي فتح تي ننڊاکي ٻار وانگي مُرڪي رهي هُئي. ملول من سان تون ۽ تنهنجو ديپڪ موريڙي مير بحر جي شهر ڪراچي ڏي هميشہ لئہ هليا ويا هئا. سمنڊ جيڏي هن اجگر شهر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ پکين وانگي اپري سپري آکيري ۾ سڪون سان سڪونت پذير ٿي پيا هئا. ماڻهن جي جهنگ ۾ اڪيلا اويلا پنهنجي ننڍڙي دُنيا ۾ ٻنهہ سک سان زندگي گُذاري رهيا هئا. اهو شايد وقت کي مناسب نہ پئي لڳو يا الئہ ڪنهن ناظرو جي نظر لڳي ويئي، جو هڪ ئي جهٽڪي ۾ اوهان جي ڪُل ڪائنات ئي اُجڙي ويئي. ٽانڊاٽن جهڙا ٺهڪ ڇهڪ ٻنجي اُماس جهڙي انڌيري ۾ مبتلا ٿي ويا. پنکڙين تي پرهہ ويلي ماڪ جهڙيون مُرڪون، لٽي سج سورج مُکي جهڙن سُڏڪن ۾ سمائجي ويون ۽ اُداس اکين جي ماڻڪين ۾ رهجي ويا بس ايذائن ۽ عقوبتن جي المين جا اُلڪا..ڳوڙها غمن جي طوفان ۾ اُڏامي

ويا. خوشين جا سيئي پل موڪلائي ويا ۽ ڏُک اڻ چيا اڻتي تي ويهي رهيا. اسپتال ۾ ماڻهو هڪ پل بہ مشڪل سان گُذاري سگهندو آهي، پر تو تہ سال گُذاريا آهن. تنهنجي حوصلي کي سلام آهي. تنهنجو طور سينہ جيڏو سُور اهو ئي ڄاڻي سگهي ٿو، جنهن اسپتالن جي بدبوءَ ۽ مکين جي گندگيءَ ۾ پريشان حال ڪي سال گُذاريا هوندا. چوندا آهن تہ ” گهايل ڪي گتي گهايل جاني“ سو تنهنجي ڪِٽتين ۾ گهاريل اذيتناڪ ڏينهَن جو ڏُک گهٽِن جي محسوس ڪرڻ کان مٿي آهي. سالن جا سال اسپتالن جا عذاب سهندي پنهنجي پتيءَ جي شيوا ڪندي رهينءَ ان آس تي تہ ڪڏهن هُو پنهنجي پيرن تي هلي تنهنجا هڙئي دُک دُور ڪندو. آشا تي هي جڳ جهان قائم آهي، پر تنهنجي تہ آس بہ نراس ئي رهجي ويئي. ديپڪ جي هڪ ٽنگ هميشہ لئہ هلي ويئي آهي. باقي هڪ ٽنگ جو بہ ڪو آسرو اسميوَ ٿو لڳي، پر تون همت نہ هارجانءِ. ڪڏهن مالڪ تنهنجي دردن جو بہ درمان ڪندو. مجون ٿا تہ هي ڏُک ڀوڳڻ کان ڏاڍو ڪنن آهي. هن ناگهاني ناحق تي نہ رڳو تون رُني آهين، پر سموري سنڌ جون اکيون آليون آهن. بنا ڪنهن ڏوهہ جي، بنا ڪنهن ڪن جن جي اچانڪ ڏُکن جا ڏونگر اچي ڪڙڪن تہ ماڻهو جا حواس ئي خطا ٿي وڃن ٿا. توسان بہ سڀ ڪجهہ ائين ئي تہ ٿيو هو. تنهنجو محبوب پتي جيڪو مسيحا هو.

جنهن جو نالو ئي ديپڪ هو. ديپڪ جيڪي روشني جي علامت هوندا آهن. اُهي ڀلا ڏوهن جي اونداهي جو ڪارڻ ڪئين ٿا ٿي سگهن؟ هلندڙ ڦرندڙ ديپڪ هڪ بهادر ايس پي جي غلطي جو ٻليدان ٿيندي پٿر ٻڌجي بستري تي بيوسي جو عالم ٿي ويو ۽ تون يڪ ٽڪ ڏسندي ئي رهجي وئينءَ. چاهيندي بہ ڪجهہ ڪري نہ سگهينءَ. سواءِ روئڻ جي. هوائن جي شهر جون ٿڌيون هوائون تو لئہ دوزخ جو دئار ٻڌجي ويون. سنڌو جي ساحل تي بيهہ تون سنڌ کي سُڏڪندي سَڏ ڪندي رهينءَ!!...

سُنيتا تون مايوس نہ ٿيءِ!...

سنڌ اجان بگهڙن ناهي ڪاڏي. هيڏي وڏي وطن مان ڪو تہ اهڙو مسيحا هوندو جيڪو اچي تنهنجي در تي دستڪ ڏيندو ۽ مٿي تي هٿ رکي چوندو، پُٽري! تنهنجا سيئي لُڙ لاهيون ٿا. هٿ نات ڪري هاف فرائي ڪيل

تنهنجي ور ديپڪ جو علاج ڪرايون ٿا. تنهنجون سيئي چڻل خوشيون وياج سميت واپس وٺي ڏيون ٿا ۽ اهو بہ چوندو تہ سموري سنڌ توسان گڏ آهي.! اُها سنڌ جيڪا نياز همايوني جي ٻولي ۾ ڪنهن ڪنوار جي من ۾ مچڪندڙ پرولي جهڙي روح پرور آهي. اُها سنڌ جنهن جي، بقول حيلم باغي جي سينڌ لُٽيل ئي رهي ٿي. جنهن جي ڪمزور ڪُلهن تي آميءَ ۽ قاپيءَ جا لاش اج بہ سورن جو بار بڻيل آهن. اُها سنڌ جيڪا پتائيءَ جي بيت ۾ پوري عالم لئہ دعاڳو آهي. اُها سنڌ جيڪا ذوالفقار قادريءَ جي ذهن ۾ هڪ انسانيت پريو احساس ٿي جاڳي ٿي. اُها سنڌ جيڪا ابراهيم ڪنڀار جي قلم ڪُميت ۾ سراڙا ڏي ٿي. اُها سنڌ جيڪا نبڪيءَ جي ننگ حاجي محمد ڪنير جي ڪالمن ۾ چرمي وانگي ڳاڙهي ڪنوار آهي. اُها سنڌ جيڪا امر ساهڙ جي نظمن تي نرت ڪري ٿي. اُها سنڌ جيڪا شيخ اياز جي تراني ۾ متي جو تلڪ لڳائي امرتا پائي ٿي. اُها سنڌ جيڪا حسن درس جي تمنائن ۾ ڪولهين سان گڏ ڪولهي ٿي هوليءَ جا رنگ هاري ٿي. اُها سنڌ جيڪا عمر تيوٽي جي شاعري ۾ دراوڙن جي دردن تي اوچنگارون ڏيئي روز جيئي ۽ روز مري ٿي. اُها سنڌ جيڪا دسرت ٿري جي تحرين ۾ غُربت جا گاڏا ڏڪيندي آهيڙي هٿان اُڏايل تترن وانگي تڙپي ٿي. اُها سنڌ جيڪا سارنگ جوبي جي سوچ ۾ لوچ پوچ ڪندي توسان ٿيل ناحق تي نوحاگري ڪري ٿي. اُها سنڌ جيڪا نواز شاه ياڏائي ۽ امير آزاد پنهنور جي تقريرن ۾ تنهنجي انصاف لئہ تڙپي ٿي. توسان هر پل گڏ آهي اُها سنڌ جنهن جي سنڌُو ۾ پاٽي بدران واري اُڏي پيئي. توسان گڏ آهي اُها هارياڻيءَ سنڌ جنهن جي حقن کي زميندارن ائين چباڙيا آهن جيئن ڪپڙ چبو گابو ڪپڙي کي چباڙيندو آهي. اُها سنڌ جيڪا خانہ بندوشن جي خيمن ۾ ٻار ڄمڻ تي ٻهڪي پوندي آهي. توتان هر درد دور ڪرڻ لئہ دعاگو آهي اُها سنڌ جيڪا لاهيارن جي روپ ۾ ڪاڙهن ۾ ڪڙهي هن ديس جي اڪانامي وڌائڻ ۾ وڏو ڪردار ادا ڪري ٿي. تو لئہ هر ويل سوچي ۽ لوچي ٿي اُها مزدور سنڌ جنهن کي شام جو ڏهاڙي ملڻ کان پوءِ ڏه پيرا سوچڻو پوي ٿو تہ اٽو وٺي يا لٽو وٺي يا پاڄي وٺي يا ٻارن جي من ڀاونا جو ڪو ٻلو ڪري. مري جيئڻ واري ان ڪيفيت ۾ ڪاري چانهہ وانگي ڪڙهندڙ اُها معصوم ۽ مجبور سنڌ توسان

هر گهڙي گڏ آهي .اُها سنڌ جيڪا ٻنن تان گاهہ جون ڀريون ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي مال جو پيٽ پاري ٿي. تنهنجي درد تي ٻيل وانگي دانهون ڪري ٿي اُها سنڌ جنهن جي هنج مورن کان محروم ٿي ويئي آهي. تو سان ٿيل هن ڪنور ڪلور تي پل پل پڇري ٿي اُها جيجل سنڌ جنهن جي اکين اڳيان سندس لخت جگر باهہ ۾ سڙي ڪوئلو ٿي ويو. جنهن کي بچائڻ لئہ ڪا بہ فائر برگيڊ گاڏي نہ پهتي. اُن بد نصيب ماءُ جي مري ويل دنيا جي ارٿيءَ کي ڪنهن بہ آٿت جو ڪُلهو نصيب نہ ٿيو. اُها سنڌ جيڪا بہ ويلا ماني نہ ملڻ جي ڏيل ڏاريندڙ ڏک تي پنهنجا پيٽ ڄايا ٻچا وڪڻي وڏو پاپ ڪري ٿي. اُها سنڌ جيڪا پيئڻ جي پاڻي لئہ تتي تڏي ترسي ٿي. اُها سنڌ جنهن جا ٻار پڙهڻ جي عمر ۾ پورهيو ڪرڻ تي مجبور آهن. اُها سنڌ جنهن جون نيلم جهڙيون نياڻيون ڪوئلي وانگي ڪاريون ڪري ڪارو ڪاريءَ جي پيڻ ٿ چاڙهيون وڃن ٿيون. اُها سنڌ جنهن جا ڳاڙها ڳيرو بيروزگاري جو بوج نہ سهندي وڻن جي ڪلهن تي زندگي جو بار اڇليو اڇن ٿا. تنهنجي سورن ۾ ياڳي ياڻيوار آهي اڇي ڪبوتر جهڙي اُها امن پسند سنڌ جيڪا سارا شگفتہ جي لفظن ۾ ”ٻُڪ مان ڪريل دُعا “وانگي اُباڻڪي آهي. جيڪا تو وانگي مجبور، مايوس ۽ جهُورين جي جهوريل آهي .اُها سنڌ جيڪا امير هوندي بہ غريب ۽ بيوس آهي.

اُها سنڌ توکي فقط دعا ڪري سگهي ٿي. اهڙي دعا جنهن جي هر پُڪار ۾ هڪڙي ماءُ جهڙي ممتا ملندي، هڪڙو پيءُ جهڙو پيار محسوس ٿيندو، هڪڙو ياءُ جهڙو ڀرم ليندو. اهڙي دعا جنهن کي پڙهي ڏُکايل دل کي ڪجهہ پل لئہ ڏڍ اچي ويندو.

سُنيتا اُها سنڌ هر پل توکي هيئن چوي ٿي!!...

تنهنجي مانگ جو موتي ڪڏهن بہ ميرو نہ ٿئي. تنهنجي نرڙ جي نيري آڪاش تي چمڪندڙ بنديا جو ڳاڙهو چنڊُ ڪڏهن بہ نہ ڳرهڻجي. تنهنجي ٻاجهر ڪانن جهڙين ٻانهن ۾ چوڙين جا چنگ ڪڏهن بہ ماٺا نہ ٿين. تنهنجي ڪنن جي مندر ۾ جهومڪن جا گهنڊ سدائين شل وڄندا ئي رهن. تنهنجي ڪينجهر نيڻن ۾ تڙيل سُرمي جا ڪارا ڪنول ڪڏهن بہ نہ مرجهائجن. تنهنجي پيرن ۾ جهلملائيندڙ جهانجهر جي جمنا جي ڇولين

ڪي ڪڏهن بہ ڇاپ نہ اچي. تنهنجي ٻچيءَ جو گورک سدائين شل اوچو رهي. تنهنجي ڪارونجهر جيڏي ڪنڌ ۾ تنهنجي محبت جي نالي جي منگل سُوتر جو هر مڻيو با سلامت رهي. تنهنجي گود ۾ ڪيڏندڙ تنهنجا گُلن جهڙا ٻارڙا سدائين تولئہ باعث مسرت بڻجن. تنهنجي ننڍڙي دُنيا جي مندر ۾ تو لئہ ڪُل ڪائنات جو درجو رکندڙ تنهنجو پريہ پتي ديپڪ شل سدائين جڳمڳائيندو رهي!!....

قلم تازه:

سُنيتا تون دُکيارڻ آهين.! تنهنجو گهرائتو گهر اُجڙي چڪو آهي. تنهنجي گهر جي چشم چراگ ديپڪ جو مستقبل سواليہ نشان بڻيل آهي. تنهنجي اولاد جون هڙئي حسرتون حياتيءَ جي هٿيليءَ مان ڪرڪ واري جيان هارجي ويون آهن. اُهو جيون جيڪو ڪڏهن تولئہ جبل تي جهوپڙي ٻاهران وڄندڙ جهانجهر جهڙو جهرڻو هو اُهو اڄ ڏُهاڳڻ جي سينڌ جهڙو اجاڙ لڳي رهيو آهي. مور ٿهوڪي جهڙي زندگي تولئہ بوجهہ بڻجي ويئي آهي. ديپڪ جو درد هاڻي توکان ڏسڻ نہ ٿو ٿئي. پل پل پيڙا ۾ ڪڻندڙ ديپڪ جي دُک جي اگني توکي جيئري جلائي ڇڏيو آهي. پنهنجي ٻار جي اکين واتان پڇيل سوالن اڳيان تون لاجواب آهين. تنهنجي اکين مان ڳوڙها گُم ٿي ويا آهن .بنا ڪنهن ڏوهہ جي مليل سزا واري پوڳنا جا پُرڻ هر پل تنهنجي روح کي ڇُپين ٿا. "جي ڏاتار ڏنا سي مون جهولي پائي جهليا" واري سٽ تي سهمت ٿيندي تو جيڪا صبر ڪئي آهي سا واقعي قابل تعريف آهي، پر چوندا آهن تہ "ڏونيا ڏونيا لوهہ بہ تپن" سو هاڻ تون بہ سورن مان تنگ ٿي، مايوس ٿي چُڪي آهين، پر زندگي کان ناراض قطعي ناهين. بقول ڪوي:

**تُجهه سي ناراض نهين زندگيءَ حيران هون مين،**
**تيري معصوم سوالون سي پريشان هون مين.**

فقط سنڌ جو **شعور**

# دلبر دوست نوجوان ليکڪ سليم راهمون کي لکيل خط

پيارا سليم

حق موجود....!

اُميد تہ خوش هوندين!

پيارا! مان توڏي خط لکڻ لئہ ڪنهن بہ مغربي ڏاهي جي قول سان شروعات ڪري توتي مطالعي جو رعب ڄمائڻ جي ڪوشش نہ ڪندس، جئين اڄلڪهہ اسان جا گهڻا تڻا دوست ڪري رهيا آهن شايد اهي گهڻ پڙهيا آهن. آئون گهڻ پڙهيو ناهيان مون فقط وڏن ليکڪن جا نالا ٻُڌا آهن انهن کي پڙهڻ لئہ پئسو کپي سو پاڻ جهڙن وٽ ڪڏهن جمعي چنڊاٽي اچي ان مان پيٽ جو دوزخ مس ڀرجي سو ذهن جي زمين کي ڪئين ذرخيز ڪجي؟

پيارا! ادل...!

تون انتهائي ننڍڙي وهي ۾ ادب جي پر پيچ مارڳ جو راهي ٿيو آهين. اهو تمام سُنو سنئوڻ آهي جو دنيا پئسي پويان ڀڄي رهي آهي تڏهن بہ ڪي آهن تو جهڙا جيڪي ٻين جا سُور پنهنجا سمجهي تڙپن ٿا. پيارا ادب جي دنيا کي ڪڏهن بہ گلن جي راهہ نہ سمجهجانءِ ڇاڪاڻ تہ هي رستو اندر

ايذائندڙ آهي. پراون ڏُکن ۾ پاڻ کي جلائڻو پوندو. ڪنڊاون پيچرن تي هلندي تنهنجو روح بہ رتو ڇاڻ ٿيندو ڇاڪاڻ تہ هتي حوصلا افزائي بدران حوصلا شڪني ڪئي ويندي. ڪيئي تنهنجا پير ڪيرڻ لئہ پنهنجا هٿ هلائيندا، پر ڪڏهن بہ مايوس ٿي نہ موٽجانءِ. لکندو رهجانءِ. ڪڏهن بہ مڙي نہ نهارجانءِ تہ مون ڇا لکيو آهي يا منهنجي لکڻي تي ڪنهن کهڙي راءِ ڏني آهي. توکي بس لکڻو آهي .

ادل...!

هن طبقاتي نظام ۾ پاڻ جنهن ڪلاس سان تعلق رکون ٿا، ان کي وچٿرو چون ٿا، ان ڪري پاڻ سدائين وچٿرا ئي رهنداسين. نہ مزي سان مري سگهون ٿا، نہ ئي مرضي سان جيئڻ جي ڪا وک وڌائي سگهون ٿا. نہ تَن تي اعليٰ ڪپڙا پائي سگهون ٿا، نہ ئي ليڙون لٽن سان لوڪ ۾ لُڇي سگهون ٿا. نہ ڪو نئون هيئر اسٽائل رکي سگهون ٿا، نہ وکريل وارن سان ڪنهن ڪارج ۾ ڪو پير کڻي سگهون ٿا. نہ پيزا جي پڇا ڪري سگهون ٿا، نہ ڪيسينو جي ڪنهن ڪنڊ ۾ شيمپئن جو ڍڪ کولي داءُ تي داءُ لڳائي سگهون ٿا. نہ ڪنهن ميڪڊونلڊ تي ويهي شيشي جا سرور ماڻي سگهون ٿا ۽ نہ ئي وري ڪا ٺري جي ٻاٽلي ڏوکي ڪجهہ پلن لئہ ڳڻتين کي دور ڪري سگهون ٿا. نہ ڪنهن ڪچهري ۾ ڪو عقل، فهم وارو ڪو گفتو ڳالهائي سگهون ٿا. پاڻ تہ بس سستا سگريٽ پيئندي سڄو ڏينهن سورن ۾ سگري جئڻ سڙون ٿا. ڇاڪاڻ تہ پاڻ غريب آهيون ۽ غريبن لئہ اهي سڀ شيون ائين ممنوع بڻيل آهن، جئين نابالغ ٻار لئہ سگريٽ وکرو ڪرڻ ممنوع هوندو آهي.. ڇاڪاڻ تہ هي اهو سماج آهي، جتي ماڻهو جو قد اُن جي کنڊ ۾ پيل ٿاءِ مان ماپيو وڃي ٿو جتي ماڻهو جي منهن ۾ نهارڻ کان اڳ ان جي اوقات پيرن ۾ پيل جوتن ۾ جانچي وڃي ٿي.

”جنهن جي گندي ۾ داڻا تنهن جا چريا بہ سياڻا“ واري هن سماج ۾ پاڻ اُهي بنهہ اڻ ٺهڪندڙ انسان آهيون جن کي هي معاشرو حيوان کان بہ هيٺئين درجي جا سمجهي ٿو، ڇاڪاڻ تہ پاڻ ”ريڊي ميڊ“ تهذيب مان سمجهون ئي ڪونہ. پاڻ جيئرا جاڳندا انسان ٿي جيئڻ جا شوقين آهيون بلڪ پابند بہ آهيون. پاڻ تہ سگريٽ جو ٻورو ڪالين تي ڇا پنهنجي

ڪيڙن تي بہ چنبي چڙهيندا آهيون. پاڻ هن سو ڪالڊ سماج ۾ مس فٽ آهيون. پاڻ جيڪڏهن هن معاشري سان منهن موڙي بغاوت جو الم بلند ڪندي ڪڏهن قلم کڻي ڪجهہ لکون ٿا تہ لوڪ وڏا ويڻ آڇيندي، ڏڏا اکرن سان ڏنجهہ رسائي ٿو. چوي ٿو تہ تنهنجو پيءُ بہ ليکڪ هو جو هليو آ اديب ٿيڻ..هاڻي بي سمجهہ سمجهو ڪي ڪير سمجهائي تہ هر اديب جو پيءُ اديب ناهي هوندو. هر سائنسدان جو پيءُ سائنسدان ناهي هوندو. هر دائيءَ جي ماءُ دائيءَ بہ ناهي هوندي، اُن لئہ هر ڪنهن کي پنهنجي حصي جو ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪرڻو پوندو آهي.

ها پيارا...! توتي بہ لوڪ ٿوڪ ڪئي هوندي پر لوڪ منهن موڪ آهي. چوڻي آهي تہ ماڻهن ۾ کوهن جا وات ڪيترا بند ڪبا؟ سو ڪنهن جي بہ ڳالهہ دل تي متان رکين..جنهن کي جئين وڻي پيو اوبر ڪيڍي توکي بس لکڻو آهي.اي منهنجا همعصر دوست...!

توکي نادرا جي نا انصافين تي بہ لکڻو آهي جتي غريب بازيگر جيتري ٻاري ۾ اکيون اڙائي بانبڙا ٿي سجو ڏينهن پنهنجي واري جو انتظار ڪندا رهن ٿا ان وچ ۾ الئہ ڪيترا "ڏٽيڪا" پنهنجا وارا نيارا ڪري وڃن ٿا ۽ غريب نڌٽيڪا اهو ٻڌي موٽين ٿا تہ "سڀاڻي اچجو" هاڻي ساحر لُڌيانوي واري اها صبح الئہ ڪڏهن ايندي......!!؟

توکي اُنهن نياڻين سان ٿيندڙ ناحقن تي بہ قلم کڻڻو پوندو، جن کان جيئڻ جا هڙئي حق واسطا اهو چئي ڇنا ويندا آهن، تہ عورت فقط گهر جو سينگار آهي ۽ ان جو عقل کُڙي ۾ آهي..! پيارا تون انهن لئہ بہ لکجانءِ جن کي بدي جهڙي بد روح رسم نيائيندي سنگ چٽين عيوض ٻالاتڻ ۾ ٻليڏان ڪيو ويندو آهي!.

پيارا سليم!...

توکي پنهنجي قديم سنڌ جي ثقافت بچائڻ لئہ قلم کي تلوار ڪرڻو پوندو. مابعد جديديت جي مرض ۾ مُبتلا اج ڪلهہ واري نئين پيڙهي پنهنجو پاڻ تي مغربي ڪلچر وارو نپو لڳرائي معاشري ۾ وڏو مرتبو ماڻڻ چاهي ٿي. نئين پيڙهي يلي کڻي نئين تهذيب جا طبلا وڄائي پر پاڻ پنهنجي سنڌ جي ڪُراڙي ثقافت سان ماڻتن جيترو پيار ڪنداسين. پاڻ پنهنجي

ڀرا اڙي جي ٻهه ٻهه ٻرندڙ سُونهن گنگا ۾ شنان ڪندي وينديلين جي وراڪن جهڙي قديم سنڌ جي تهذيب کي نئون جيئدان ڏينداسين.

پيارا...! تون پنهنجي اک پن پاتلي جهڙي سرتيءَ جي سانورن زلفن تي پلي لکجانءِ، پر اُن وڏوا جي اٺين وارن کي ڪڏهن به نه وسارجانءِ جنهن جو ور وطن جي سيما تي شترو جي سينا سان سينو ساهي شهادت جو جام پي ويو هو. تون اُن جيجل کي به نه وسارجانءِ جنهن جو لخط جگر ڳيپي جي ڳولا ڪندي ڪندي خود ڳولا بڻجي ويو هو. تون گوڙاٽي جي اُن ننڍي نياٽي تي به لکجانءِ جنهن جي اُپراٽن پيرن هينيان پيل دُنيا جو ستون نمبر ڪوئلو هن جي اٺين وارن ۾ لپ تيل جي به وجهي نه سگهندو. توکي لکڻو آهي اُنهن مسڪين ماروئڙن لئه جن جا جائز حق ناجائز پيٽن ۾ هضم ٿي ويا. اُنهن سفيد ڪالر لُٽيرن جو هاضمو خراب ڪرڻ لئه توکي ادب جي اصلي ڪارج سان نياٽڻو پوندو. ڪڙين حقيقتن تان پردا ڪڻڻا پوندا .توکي اُنهن غير سرڪاري ادارن جي افعالن تي به بنهه سچائي سان لکڻو پوندو جن ٿر جي لڄادار ۽ غيرتمند غُربت سان گينگ ريپ ڪئي آهي. توکي اسلام ڪوٽ جي اُنهن سارس پکيئڙن تي به لکڻو پوندو جن هن سماج جي ستمن جا تاب نه سهندي آتم هتيا ۾ ئي آنند ڳوليو هو. انهن جي محبت ان مذهب جي ٻَلي چڙهي ويئي جنهن مذهب کي وڏو ڪتاب ڏيندڙ ڪرشن محبت جو سفير هو. توکي ته عمرڪوٽ ۾ مري ويل اُن مسيحي لاءِ به قلم ڪڻڻو آهي جنهن جو هڪ مسيحا ان ڪري علاج نه ڪيو جو هُو گند مان پريل هو جڏهن ته اُهو گند به ان جي پائرن جوئي هو.

پيارا...! تنهنجي نثر ۾ نئين سج نکار اچي پيو تون اُن سان نياءَ في الحال شاعري کي ڇڏي ڏي. تنهنجو نثر جڏهن پروان چڙهي ٻڪرار وڄ وانگي ادبي آڪاس تي تجلا ڏيندو تڏهن شاعري ازخود تو تي اوڙڪون ڪري وسندي ان لئه بس عشق ڪرڻو پوندو پوءِ جنهن سان وڻي ان سان ڪر..ڌرتي، سرتي، ادب، انسان پکي پکڻ..

جڏهن عشق تنهنجي روم روم ۾ وسندو تڏهن تنهنجي تحرير تاثر جي پنجري مان نڪري ڪو تسلسل بڻجندي.اهو ئي سماج کي سُڌارڻ

جي ڪنهن ڪارج ۾ ڪم ايندي. باقي اجائي لفاظي جو لُڙ ڪرڻ لئه اسان جهڙا ڪيئي پنا ڪارا ڪن پيا!!...

قلم تازه، تون، دِلُو ميرل ۽ دسرت جيڪڏهن ادبي آڪاس تي جرڪي پيا ته آئون پنهنجو پورهيو سڦل پائيندس..

شل سکيو هجين.

تنهنجو پاڙيسري دوست **امر**

# برما جي نام نهاد جمهوري اڳواڻ آنگ سانگ سوچيءَ ڏانهن لکيل خط

## آنگ سانگ سوچي ڪٿي آهيو.....!!؟

سچي عمر جمهوريت لاءِ پاڻ پتوڙيندڙ جمهوريت جي علمبردار راڻي! ڪهڙي اونهي "اسرار " ۾ گم آهين؟ اسان کي تنهنجو آواز ڪپي ٿو.. هي سڏ توکي آئون ڪون ٿو ڪيان، پر تنهنجي ئي ديس مان دربدر ڪيل اُهي "روهنگيا" مسلمان رحم جي اپيل ڪندي رڙيون ڪري سڏن ٿا. جن جا معصوم ٻچڙا هيبتناڪ ساموندي هوائن ۾ سيءَ مري رهيا آهن. جن جي آنڊن ۾ بي رحم بک ائين وٽ وجهي ٿي جئين برمودا ٽرائينگل ۾ پاڻي هلچل مچائي رهيو آهي! جن جي ميرن لٽن تي پيل ديس جي دز به اوچنگارون ڏي ٿي، پر اوهان کي ڪوبه ادراڪ ناهي.! ڇا سچي عمر انهي "مهذب " جمهوريت جي لاءِ جهدوجد ڪئي آهي؟ جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ نه توتي ميار آهي ۽ نه ئي تنهنجي سياست معياري آهي.

آنگ سانگ! توکي برما جي صدارتي تخت طائوس کي حاصل ڪرڻ لاءِ ته وڏي ڳڻتي آهي، پر انهن بي گهر ساموندين جي لاءِ ٻڙڪ به ٻاهر نٿي ڪڍين جن کي ڌرم جي آڙ ۾ بنا ڪنهن ڏوهه جي اهو چئي جلا وطن ڪيو پيو وڃي ته. توهان هتي جا آهيو ئي ڪونه؟ هاڻي توکي ۽ مذهبي جنونيت جي ور چڙهيل تنهنجي جنوني جنتا کي ڪير سمجهائي ته جن جون ست پيڙهيون انهي ئي سر زمين جي لحد ۾ لهي چڪيون آهن. جيڪي هن ديس جي مٽي سان وڏي محبت ڪن ٿا. جن جي روح جو رشتو ميانمار جي مٽي

سان ”رلمل“ ٿي چڪو آهي. انهن کي ڌاريان چئي ڌڪارڻ وڏي بي وقوفي ڪانسواءِ ٻيو ڪجھہ بہ ناهي. اهو ياد رکڻ گهرجي تہ اڄ جن کي هٿيار جي زور تي پنهنجا اجها ڇڏايا پيا وڃن. اُهي بي راهہ روي جو شڪار ٿي ”بکايل شينهن بڻجي ويندا. “ ويڳاڙپ جي ور چڙهيل اهي شينهن جڏهن پنهنجا ڇنل هڙئي حق ”وياج سميت“ واپس وٺڻ لاءِ هٿ ۾ هٿيار کڻندا تڏهن توهان جهڙا ”جمهوريت پسند “ رهنما ۽ توهان جا ” مهذب“ ملڪ خاص ڪري آمريڪا جا ڇهيتا انهن کي” آتنخواد “ جو لقب ڏيندا. ان دهشت جي باهہ ۾ سڪن سان گڏ آلا بہ سڙندا. ان ڪري سنو ان ۾ آهي تہ ڪجھہ ” ٿانءِ ۾ ڌوهجي“ پنهنجي ”پڪشو“ پائرن کي اهو” پيد “ سمجهايو جيڪو صديون اڳ اوهانجي ”پيشوا“ گوتم اوهان کي ڏنو هو. ” هنسا“ کي ڇڏي” اهسنا “ جي طرف عوام کي مائل ڪيو. عوام کي اهو احساس ڏياريو تہ مسلمان بہ هن برما ديس جا وارث آهن اُهي بہ انسان آهن. اُنهن جا بہ جذبا آهن. جيڪي وطن جي مٽي لاءِ تڙپي رهيا آهن.

**چاهي ٿو هرڻ واريءَ ڏي ورڻ**
**سمجهي ٿو سُنو بک اُڃ ۾ مرڻ**

پنهنجي ديس لاءِ واجهائيندي پرديس ۾ مري ويل ”ڪيئل داس فاني“ جي هنن لافاني سٽن جهڙا سڏڙا اوهان کي سُڻڻ ۾ چو نٿا اچن.؟

اڄ ڪنن ۾ ڪپھہ هٽي سڪون جي ننڊ ستل آنگ سانگ!

جمهوريت لاءِ اوهانجا ”پُوڪنمپ“ جهڙا پاشڻ ڪيڏانهن ويا؟ ميانمار جا رت هاڻا مارگ چون ٿا تہ توهان جي چپن تي ماٺ جا ڪلف سنا نٿا لڳن. اُٿو هڪ آواز اُٿاريو... ان ظالم دنيا کي للڪار ڪري چئو تہ ڪير آمريڪا جو ”ڪُتو“ ماري ٿو تہ اقوام متحده جي خيمي ۾ ڀڳتي جي سونامي اچي وڃي ٿي ۽ هيڏانهن هي لکين مسلمان دربدر ٿي رهيا آهن تڏهن بہ گڏيل قومن کي ”ڪو ڪيلي نہ ڪو ڪُتڪو“ آخر ائين مسلمانن سان ٻٽو رويو رکي، عالم آشڪار کي ڪهڙو پيغام ڏنو پيو وڃي.؟؟

فقط سنڌ جو ليکڪ **امر**

# دوست کيت سنگھہ پيبر ڏانھن لکيل خط
# ڪٿي هن درد کي رکجي...

پيارا کيت سنگھہ پيبر مجروسا...!

اميد تہ خوش هوندين. ڪجھہ ڏينهن اڳ تنهنجو خط مليو هو جنهن ۾ تو چيو هو تہ تو سان ڪٿي ڪا شام ملهايون ڪو مشاعرو رکون. ان جو جواب ڏيڻ لئہ هي خط لکي رهيو آهيان. پيارا سمورو ديس دردن ۾ آهي. اهڙي دؤر ۾ پلا شام ملهائڻ صحيح رهندو؟ نہ پيارا نہ. هُئين بہ آئون ڪهڙو اديب يا شاعر آهيان جنهن سان شام ملهائجي؟

پلا ٻُڌاءِ تہ هن درد کي ڪيڏانهن ڪجي...؟ڪنهن ميڙياتي ڪنوار جي ڪانچوئي تي مڙهيل ڪانچ جي تجلي جيان جرڪندڙ هن ديدآوار دنيا ۾ هر ماڻهو جي مقدر ۾ درد هيڪاندا ۽ هٿيڪا هوندا آهن. اهي درد ڪنهن کي ڪهڙي روپ ۾ تہ ڪنهن کي ڪهڙي رنگ ۾ پلئہ پوندا آهن. هر درد جي پنهنجي محسوسات هوندي آهي. ڪي درد نہ چاهيندي بہ دل کي وڻندا آهن, تہ ڪي درد دل برداشت ئي نہ ڪندي آهي. ڪي درد اڻ گهريا جيون جو اٽٽ حصو بڻجي ويندا آهن, تہ ڪي درد انسان پاڻ پرائيندو آهي. ڪن دردن جو داستان سُڻي دل اوچنگارون ڏيندي آهي تہ, ڪن دردن جو روئداد روح رتو ڇاڻ ڪري وجهندو آهي. هن مها ساگر ۾ هر روز هر ماڻهو ڪٿان نہ ڪٿان درد جو تحفو وصول ڪندو رهندو آهي. سک تہ ڪڏهن ڪڏهن مينهن ۽ مهمان وانگي گهڙي پل لئہ ايندا ۽ هليا ويندا آهن.

پر درد گهر جمائي ويٺل سدائين مٺي تي مُنگ ڏرندا رهندا آهن. انهن دردن جو داستان ڪنهن کي سُڻائجي جيڪي زندگي کي زهر بڻائي ڇڏيندا آهن؟ ماڻهو جو جيئڻ تان ارواح ئي کڄي ويندو آهي. انسان زنده لاشو بڻجي صرف ساهه کڻي جيئندو آهي. اهڙن دردن کي ڀلا ڪٿي رکجي؟ ڪهڙي سيني ۾ سمائجن اهڙا سُور؟

مٺي ۾ موجود ميڊيڪل مافيا جي هڪ "مايا ناز" ڊاڪٽرياڻي جي غير ذميوارانہ رويي سبب مري ويل ان اڀاڳڻ ماءُ جو درد ڪٿي رکجي؟ جنهن پنهنجي مويي پٽ جو منهن بہ نہ ڏٺو! ڪٿي رکجي ان بي رحم درد کي جنهن ۾ ان بدنصيب ٻچڙي پنهنجي ممتا ڀري ماءُ جي ڇاتيءَ کي ڇهڻ کان اڳ ۾ لاوارثيءَ ۽ يتيميءَ جو لقب ماڻيو! جنهن جي معصوم رڙ کي ٻڌي فطرت جو هانءُ ڦٽڪڻ لڳو پر اسپتال انتظاميہ ٽڪي جو بہ قياس نہ ڪندي، ان نصيب جي ماري ناريءَ جو سرد جسم ڳوٺ تائين پهچائڻ لئہ پڙ تي پئسا گهريا.

ڪٿي رکجي ان دل ڏوڏيندڙ درد کي، جنهن ۾ سڱ ڇٽي عيوض تازن گلابن جهڙين جوانيون ڇپيندڙ ڪنڊن جهڙي پوڙهائپ سان پرڻجي زهر جهڙي زندگي جيئندي بہ ٽري ٻار جيان مرڪن ٿيون؟ جن جي سُڪل چپن تي ترندڙ معنيٰ خيز مرڪن ۾ لڇيندڙ درد جي لڙڪن کي احساس کان وانجهيل اکيون ڏسي ئي ناهن سگهنديون. اهي لڙڪ سماج لئہ سوال بڻجي رهجي ويندا آهن. اهڙو سوال جنهن ۾ پڪل گدريءَ جي خوشبوءَ جهڙين جنسي خواهشن جو سر عام قتل ٿيل هوندو آهي. جن ۾ جواني جون سوين سسڪيون ۽ سرد شوڪارا نامرديءَ سان همبستري ڪندي سماج کي ٺُڪون هڻندا آهن.!!

پنهنجي لاڏ ڪوڏ گدوڙي پٽ هٿان تذليل ٿيل ان ڪراڙي ماءُ ۽ پوڙهي پيءُ جي بيوس نيڻن ۾ خاموشي سان ڪُڇڪندڙ ان دل ٽوڙ درد کي ڀلا دنيا ۾ ڪهڙي دل برداشت ڪندي؟ جن مائٽن پٽ کي ان آس سان لاڏ ڪوڏ ۾ پاليو تہ وڏو ٿي سندس پيري ۾ سهارو بڻجندو. ڪير ڪٿيندو ان بدبخت پيڻ جي درد کي، جنهن کي سڪيلڏي ڀاءُ وڇوڙي جي پٽوري اوڍائي رخصتي ڪرڻ ڪانپوءِ مڙي بہ نہ نهاريو. نہ ئي سيما پار ڪڏهن سماچار پُڇيا ان جي اوسيئڙي مَند اکين جا ماڻسيا پنهنجي اباڻي گهر جا جهانپا ساري اسُو جي

اوهيرن وانگر وسن ۾ وهسن ٿا. پنهنجي وطن جا وڻ ۾ ڏڻ ڏهاڙي ڏسڻ لئہ هُن جون آرزومند اکيون هوا ۾ اڏامڻ لاءِ جڳها جتن ڪن ٿيون پر فطرت اجازت ئي نہ ٿي ڏي.

ڀارتي هٺ ڌرمي، بربريت ۽ ظلم جي زد ۾ آيل پنهنجي وطن ۾ بي وطن بڻيل انهن معصوم ڪشميرين جي ڪرب کي ڪٿي رکجي؟ جيڪي پنهنجي اباڻي ڌرتيءَ تي ڌارين وانگي ڌڪا کائي دربدر ٿين ٿا. جن لئہ آزادي اڄ ڏنو خواب بڻيل آهي. جن کي عيد ملهائڻ بہ نہ ٿي ڏني وڃي. جن لئہ اظهار جي آزادي بہ ممنوع بڻيل آهي.

جهموريت جي ديوي آنگ سانگ سُوچي جي وطن برما ۾ بنا ڏوهہ بي گهر ڪيل هزارين روهنگيا مسلمانن جي رڙين ۾ سُڏڪندڙ درد کي ڪٿي رکجي؟ جن کي اباڻا اجها ان ڪري ڇڏايا ويا تہ اهي اهل برمي ناهن، ميانمار جي مت موڙهن ڀڪشوئن کي ڪير ٻڌائي تہ، اوهان جي گرو گوتم ٻڌ اوهان کي هنسا نہ پر اهنسا جو سبق سکايو هو. پوءِ اوهين ڇو ٿا بي ڏوهہ مسلمانن کي ماريو؟ پنهنجي ڌرم سان تہ سچا رهو..!!

ڪٿي رکجي ان سدا ملوڪ سهاڳڻ جي سور کي؟ جنهن پنهنجي ور کي جيءَ ڀري ڏٺو بہ نہ هو ۽ موڙ ڇوڙيندي ئي ڌرتي جي سڏ کي ورنائيندي سَرتي کي سُڏڪندي ڇڏي ويو. وطن جي دنگن ۾ ننگن جي حفاظت ڪندي دشمن جي گولي هٿان حياتي جي جنگ هارائيندڙ ان ننگ دڙنگ سپاهي جي ڇپن تي آخري مرڪ ۾ پاڻ پسائيندڙ درد کي ڪٿي رکجي؟

ڪٿي رکجي ان قدام جيڏي قدآور دراوڙ عورت جي درد کي جيڪا پنارڪ ۾ ٽيج پياڪ ٻار ڪٽي پيٽ لاءِ لاڙپٽن تي لابارا ڪري ٿي. جنهن جي قلب ۾ ڪنل تنتر جيان ٿٿڪندڙ درد جو ناجائز فائدو وٺڻ لاءِ ڪمندار کان زميندار تائين سيئي حوس پرست عقابي اکيون اڙائي هن جي اڌ ٽٽل ڪانچوئي ۾ قيد جوانيءَ جا جاڙا ڪبوتر شڪار ڪرڻ لاءِ رات ڏينهن واجهہ وجهندا آهن.

آليون اکيون، اٽيا وار ۽ اُلٽا ڪپڙا پائي دڳ دڳ تي دانهون ڪندڙ ان عاشق جي درد کي ڪٿي رکجي؟ جنهن کي محبوب سان ملڻ جي جرم ۾

ڏيهہ وٺو ڏيئي ڳوٺ بدر ڪيو ويو جنهن جو پرين اکين جا پانڌ پسائي هن جي اوسيئڙي ۾ نيڻ ڏيئا ڪري پل پل ڦال وجهي فرياد ڪري ٿو!

ڪٿي رکجي انهن معصوم پکين جي درد کي؟ جيڪي سائبريا مان سفر ڪري سنڌ ڌرتي تي پنهنجا نازڪ پير ان آس سان ڌريندا آهن تہ هتي سيارو سولو گذاريندا سين، پر انهن کي کهڙي ڪل تہ سفاڪ آهيڙي ذات رس ڪارڻ انهن جا جل ڦٿاڪن جهڙا جسم گولين سان پرڻ پرڻ ڪري ڇڏيندا. ڪٿي رکجي اولاد ڪان وانجهيل ان انسان جو درد جيڪو مٽيءَ جي سير لاءِ ائين سڪي ٿو جئين مڇي پاڻي لاءِ سڪندي آهي. ڪٿي رکجي ان معصوم نياڻي جي ننگن پيرن ۾ پيل ڇالن جو درد جنهن ڪاڙهن ۾ ڪانيون ڪري پنهنجو پلر جهڙو پگهر وهايو پر مزوري جي بدران اميرن جي در اڳيان اُڇلايل اوبر ئي ڪائڻ لاءِ ملي..!!

آزاد پکين جي اُڏار جهڙا عزم رکندڙ ان باندي شاعر جي تڪليف کي کهڙي ترازو ۾ تورجي؟ جنهن کي سياسي شهودن بنا ڏوهہ جي زندان جي زنجيرن حوالي ڪيو. جنهن جا حسناڪ حياتين جي ڪنوارن ٺهڪن جهڙا نظم اڄ بہ باغي عوام جي چپن تي پيار جي پهرين اظهار جي اڻ تڻ جيان لُڇن ٿا تہ

**ڪٿي هن درد کي رکجي!؟**

(ايوب کوسو)

فقط

تنهنجو پنهنجو

**امر**

# سنڌ سلامت

**www.sindhsalamat.com**

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊيجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو ڪيو آهي ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ مشاهدن کي ڪي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن جن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي پر اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو پورو ساٿ نڀائيندا.

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

